پنڈاٹنگا پیچا

اوریانا فلاسی

پیرویز

عظمت ادبي اکيڈمي نمبر ۳۶

پنڈ اڈانگا پب جا

اوريانا فلاسي

پ-رويـ-ز



عظمت ادبي اکيڈمي
حيدرآباد

هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو	....	....	پنڌ اڻانگا پب جا
مصنف	....	....	اوريانا فلاسي
مترجم	....	....	پرويز
ٽائيٽل	....	....	فتاح
سال	....	....	نومبر ١٩٨٦ع
تعداد	....	....	هڪ هزار

قيمت : 10-00

چپرائيندڙ: م . ع . سنڌ، ياران عظمت ادبي اڪيڈمي
ڇاپيندڙ: سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو . حيدرآباد

انتساب

نالي
هر اُن سنڌيءَ جي،
جنهن پنهنجي وطن ۽ قوم جي درد کي
پنهنجو درد سمجهي،
اُن جي چوٽڪاري لاءِ
پنهنجي وت ۽ وس آهر
عملي قدم کنيو آهي.

— پرويز

موا ڪي

اداري جو ڇٽيهون ڪتاب حاضر آهي. گذريل ڪتاب ۾ اسان پڙهندڙ پائرن کي اپيل ڪئي هئي تہ هي ادارو توهان جو پنهنجو ادارو آهي، ۽ هن جي جياپي لاءِ توهان کي اسان سان تعاون ڪرڻ گهرجي. تعاون اسين توهان کان اهو چاهيون ٿا تہ اداري جا ڪتاب وڌ ۾ وڌ ۽ دوستن کي ۽ انهيءَ لاءِ زور ڀريو. سنڌي ڪتابن جي مهانگي هڇ واري توهان جي شڪايت کي دور ڪرڻ جي اڻين ڪوشش ڪئي ويئي آهي. حيدرآباد شهر ۾ اداري جي آفيس مان ڪتابن جي خريداريءَ تي، هرهڪ ڪتاب تي توهان کي 33% ۽ پاڻ انهيءَ کان ۽ وڌيڪ رعايت ڏني ويندي. حيدرآباد توهان جو اچڻ ضرور ٿيندو هوندو، جڏهن ۽ حيدرآباد اچو تڏهن اداري جي آفيس تي ضرور اچجو.

هي ڪتاب، انليءَ جي جڳ مشهور خاتون صحافي اوريانا فلاسيءَ جي هڪ انٽرويو تي ٻڌل آهي جيڪو يونان جي باغي شاعر "پاناگولس" ڏنو آهي. پاناگولس، يونان ۾ جمهوريت جي قاتل فوجي ٽولي سان ٽڪر ورتو هو ۽ انهيءَ جي سزا طور ڪيس تمام گهڻيون اذيتون ۽ صعوبتون برداشت ڪرڻيون پيون هيون. اوريانا،

انٽرويو سان گڏوگڏ سندس زندگيءَ ۽ جدوجهد جو احوال پڻ لکيو آهي جيڪو سمورو هت پيش ڪيو ويو آهي. حق جي راهه تي هلڻ ۽ انسان کي کهڙيون اذيتون ٿيون برداشت ڪرڻيون پون تن جو هت تفصيلي بيان ڪيو ويو آهي. ترجمو "پرويز" جو ڪيل آهي جنهن اڳ "سُٽي تنهنجو سڏ" جهڙو ڪتاب سنڌي ادب کي ڏنو هو. مون کي اميد آهي ته پڙهندڙ دوستن کي هي ڪتاب به ضرور پسند ايندو.

تعاون جو طلبگار
عمر ميمڻ

۸-۱۱-۱۹۸۶ع
ميرپورخاص

مترجم طرفان

هر ماڻهوءَ جي اِها خواهش رهندي پئي اچي تہ ”کيس پڌو وڃي“. اُن خواهش جي اظهار لاءِ هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي ذات ۽ صلاحيت ڪتب آڻي ٿو. ڪنهن جي شاعريءَ جي هاڪ آهي تہ ڪنهنجو آواز دنيا ۽ ڪائنات جي لامحدود وسعتن تائين پُرندو رهي ٿو. ڪنهن جا فن پاره صدين گذرڻ بعد ب ماڻهوءَ جي نگاه جو مرڪز بڻيل آهن، تہ وري ڪنهن جي ساز، ڪنهن جي گفتار، ڪنهن جي مزاح، ڪنهن جي بهادري ۽ ڪنهن جي تخليقي ڪارنامن جا چرچا پڌجن پيا. پر جنهن ماڻهوءَ ۾ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي قائم ڪيل بلندين کي ڇُهڻ جي سگهہ يا صلاحيت ڪانهي سو وري لطيف سائينءَ جي شاعريءَ کي پنهنجي مخصوص انداز ۾ پيش ڪري لطيف سائينءَ جي حوالي سان پاڻ کي ”ڀٽڻ“ لاءِ پيش ڪري ٿو ۽ اهڙي طرح پنهنجي مذڪوره خواهش جي تڪميل ڪرڻ چاهي ٿو. ساڳيءَ طرح آهي اديب يا ادب دولت، جيڪي سون وا نگر ايا ادب جي دنيا ۾ شاگرد آهن، ۽ ايا ڪي شاهوڪار شيون تخليق نٿا ڪري

سگھن، سي وري پنھنجي دل جي گالھ، کنھن ٻئي اديب جي لکڻيءَ ۾ يا کنھن ٻيءَ ٻوليءَ جي ادب ۾ لکيل ڏسن ٿا تہ اُن شيءِ کي پنھنجي انداز سان ۽ پنھنجي ٻوليءَ ۾ آڻي پيش ڪن ٿا. مون ۾ اِن قسم جي ڪوشش ڪئي آھي.

اھا ٻي گالھ آھي تہ ھن طبقاتي سماج ۾ ھرماڻھوءَ کي اھو حق ڪونھي تہ ھُو "رڳو ٻڌائي". ھن اڻ برابريءَ واري معاشري ۾ "ٻڌائڻ" جو ٺيڪو رڳو ڪن ڇڄ وارن ماڻھن پنھنجي حوالي ڪري ڇڏيو آھي. اھو ٺيڪو جيئن تہ مھانگو آھي ۽ اُن جي ھرڪو ماڻھو ٻولي نڪو لڳائي سگھي، تنھنڪري موجوده طبقاتي سماج جي ھڪڙي ،خصوص ٿورائي "ٻڌائن" تي پنھنجو "حق" ڄمايو ويٺي آھي، باقي "ٻڌڻ" غريب گھٽائيءَ تي "فرض" ڪري ڇڏيو ويو آھي. پنھنجي تر، پنھنجي علائقي، ملڪ ۽ دنيا تي نظر ڦيرائي ڏسندؤ تہ مٿين حقيقت صاف ظاھر ڏسڻ ۾ ايندي.

مذکوره صورتحال ۾ محکوم ۽ غلام قومون ۽ فرد پنھنجو نقطۂ نظر "ٻڌائڻ" جي ڪلي عام جرئت ڪري سگھن، اھا گالھ شينھن جي وات مان سندس شڪار ڇڏائڻ ڪان گھٽ ڏکي ڪانھي. ھا، البت، ائين ٻہ ٽيو آھي تہ کڏھن کڏھن کنھن ارڏي انسان، ساٿس ۽ سندس قوم سان ٿيندڙ انسانيت سوز سلوڪ جي گالھ پنھنجي شاعريءَ ۾، پنھنجي کھاڻين

ڀر آتم ڪٿا يا انٽرويو ۾ ڪئي آهي. آها ڳالهه جيئن
ته عام ماڻهن جي ڏکن سورن جي هوندي آهي، ڏاڍن
جي جبر ۽ ستم جي هوندي آهي، ڏاڍ اڳيان سينو سپر
ڪندڙ ڪوڏرن جي هوندي آهي تنهنڪري اها ڳالهه
مظلوم ۽ محڪوم فردن ۽ قومن ڪي وڌندي آهي ۽
۽ هو سڀ ان تي ويچارڻ لاءِ، آن ڏسيل گس تي هلڻ
لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. پر حاڪم قومون ۽ طبقا اها
ڳالهه ٻڌي چتا ٿي پوندا آهن، هلندڙ صديءَ ۾ آزاد
ٿيل قومن ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ قومن جي
تاريخ اهڙن واقعن سان پري پيئي آهي.

ايندڙن صفحن تي ڇپيل انٽرويو ۾ هڪڙي اهڙي
اردي انسان جو داستان آهي جنهن جي عزم، حوصلي،
اٽل ارادي، قوت برداشت، مقصد سان عشق، مسلسل
جدوجهد، اڻ ٽڪ جاکوڙ ۽ ثابت قدميءَ کي آمر ۽
جابر فوجي جرنيلن جا هر قسم جا ايذاءَ، عذاب، قيد،
ڦٽڪا ۽ انسانيت سوز عاقبتون ۽ لالچون فتح ڪري
نه سگهيون. وطن ۽ قوم لاءِ وڙهندڙ سرويچن لاءِ مٿين
خاصيتن جو منجهن هجڻ ضروري آهي. آڳ ٻڻ پاناگولس
جي مٿين خاصيتن کان ڏاڍو متاثر ٿيس، تنهن ڪري
سندس داستان جڏهن انگريزيءَ ۾ لکيل پڙهيم ته
ترجمو ڪري ويٺس. پاناگولس يونان جو شاعر،
سياستدان ۽ هڪڙي انقلابي تنظيم جو اڳواڻ هو،
جنهن کان هي انٽرويو الليءَ جي مشهور صحافي ۽

اديبم اوريانا فلاسي اطالوي زبان ۾ ورتو هو. اوريانا فلاسي جڳ مشهور صحافي ۽ ليکڪا آهي، جنهن دنيا جي مشهور هستين کان انٽرويو ورتا آهن ۽ کيترن ڪتابن جي مصنفہ پڻ آهي، هي انٽرويو پڻ سندس انٽرويوز جي مجموعي "انٽرويو وٿ هسٽري" جو آخري باب آهي.

اسان کي به پنهنجي وطن ۽ قوم جي مڪمل آزاديءَ لاءِ اهڙن ئي، پاڻ گولس جهڙن جبل ڪان ڏاڍن ماڻهن جي ضرورت آهي. ۽ اسان وٽ به اهڙا مثير مڙس آهن. سنڌ جي هزارها سالن تي مشتمل تاريخ اهڙن اڻموٽ انسانن سان پري پئي آهي. ڪو هڪ اڌ هجي تہ مثال ڳڻائجن، هتي تہ ساڪ مڙهوئي منصور لڳو پيو آهي. اسان کي پنهنجي شاندار ماضيءَ تي فخر آهي. اڄ به قوم جا ڪوندر پنهنجا ڪنڌ ڪٽائي پنهنجي سرخ رت سان تاريخ جي صفحن تي جا لالالٹ ٻکيڙي رهيا آهن سا اسانجي ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راه هوندي. اسان کي پنهنجي حال تي ڪوبہ پڇتاءُ ڪونهي.

ها، البت مون کي ذاتي طرح، اسان جي باشعور طبقي کان هڪڙي شڪايت آهي. آها هيءَ تہ، تازو اسان جي باشعور حلقي ۾ هڪڙي بيماريءَ اچي منهن ڪڍيو آهي. هاڻي تہ اها بيماري وبا جي صورت اختيار ڪندي وڃي. اسين ڏسي ٿا آن وبا ۾ وڪوڙجي رهيا آهيون. آها وبا آهي "فتوابازي ۽ ليبل بازي"، آن ۾

ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ انهيءَ وبا جا جيوڙا مصنوعي طريقي سان، جاڙي واڙي هڪڙي سازش تحت سنڌي ماڻهن تي ڇڏيا ويا آهن، تہ جيئن سنڌي قوم جا سُڄاڻ ماڻهو انهيءَ وبا ۾ وڪوڙجي هڪٻئي جي خلاف فتوائون جاري ڪندا رهن، ليبل لڳائيندا رهن. موت ۾ هڪٻئي جي خلاف نفرت جون ديوارون آسمان تائين بلند ٿيندیون رهن تہ جيئن سڀ سنڌي گڏجي هڪ جهنڈي هيٺ متحد ٿي نہ سگهن ۽ جيئن ٻاهرين قوڙن جي يلغار کي منهن ڏيئي نہ سگهن. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ ۾ وڌندڙ ڪان پوءِ هندوستان سان آيل ماڻهن ۽ پنجاب جي ماڻهن تمام وڏي دانائيءَ سان مذڪوره وبا جا جيوڙا ڇڏڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ سنڌي ماڻهن کي ڦاڙ ۾ وڌڻ ۽ وڙهائي ٽولن ۽ فردن ۾ ورهائي ڇڏڻ ۾ ڪا ڪسر باقي ڪانہ ڇڏي اٿن.

اسان جو باشعور طبقو، انهيءَ سازش کي سمجهي، پنهنجي انا، ضد، هٺ، حسد، ساڙ ۽ هوڏ کي ختم ڪري حقيقي معنيٰ ۾ هڪ وسيع تر ڌڙيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ بدران ڌارين جي سازش جي تڪميل ڪرڻ ۾ فتوائون جاري ڪندو رهي ٿو، ليبل لڳائيندو رهي ٿو: فلاڻو اڳواڻ پنجاب جو ايجنٽ آهي .... فلاڻو اڳواڻ پناهگيرن جو ماڻهو آهي .... فلاڻو ليڈر آمريڪا جو جاسوس آهي....فلاڻو فوج جو چاڙتو آهي....۽ اهڙي طرح اڄ اسان ڳائيڪي ڪان ٻاهر ٽولن ۾ ورهايل آهيون.

جيتوڻيڪ سڀني وٽ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي پلي جي دعوا آهي پر هڪٻئي جي خلاف ائين ڪات کهاڙا ڪڍيو وينا آهن جو جيڪر پائڻ تم هڪٻئي کي ڪچو کائي ڇڏين.

اهڙا صورتحال ڪنهن بہ طرح فائديمند ڪانهي. انهيءَ باهمي ويڑهاند جو سمورو فائدو ڌارين سازشي عناصرن کي پهچي ٿو ۽ اسان جو ڪارڪن مايوس، منتشر ۽ توائي ٿيو جدوجهد کان بيزار ٿيو ٿڪيو ماڻ ڪري ويهي ٿو رهي. جدوجهد مان ايمان کڄيو وڃيس، انقلاب مان ويساهہ ٽٽيو وڃيس. ڪڏهن ڪڏهن تم بنهہ منفي رويو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيو پوي. اسان جي باشعور طبقي جي اها ذميواري آهي تہ هو هن سنگين صورتحال کي سامهون رکي ڪارڪنن ۽ قوم جي صحيح رهنمائي ڪرڻ لاءِ ڌارين جي سازش کي ناڪام ڪرڻ لاءِ ۽ منزل کي جلد پهچڻ لاءِ کو باهمي تعاون جو رستو اختيار ڪن.

آڳ پٽر سنڌيءَ جو ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي هن ترجمي ڪرڻ لاءِ ڪتاب ڏنو ۽ همٿايو، 'سيد اڪبر' ترجمو ٿيل مواد چيڪ ڪيو ۽ پنهنجي قيمتي تجويز سان نوازيائين، سندس ٿورا، ٿورا ڪونہ چئبا. 'يوسف سنڌي' مواد پريس تائين پهچائڻ ۾ سهڪار ڪيو، سندس قرب. 'ڊاڪٽر عمر ميمڻ' جي تہ گالهہ تي ئي

آهي. سنڌي ادب ۾ هوليءَ لاءِ ورتل سندس ڪوششون قابل تحسين آهن. باشعور ۽ سڄاڻ ساٿين کي هن سفر ۾ ساٿ ڀانهن پيلي ٽيڪ گهرجي.

١- آگسٽ ١٩٨٦ع

پـــرويـــز

ياسر پرويز ڪلاٽ مرچنٽ
ميرپوربٺورو- ٺٽو سنڌ

آن ڏينهن سندس ڇهرو ائين لڳي رهيو هو جـڻ حضرت عيسيٰ کي هيڪاندا ڏهم پيرا صليب تي چاڙهيو ويو هجي ۽ هُو پنهنجي ۳۴ سالن جي عمر کان تمام گهڻو پوڙهو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هُن جـا پيلا ڳل سَرجي ۽ گهنجي ويـا هئا ۽ سندس ڪارن وارن ۾ پڻ اڇيون تارون ڏسڻ ۾ پئي آيون. هُن جون اکيون ائين ٿي لڳيون جڻ اداسيءَ ۽ غم جا ۽ تلاءَ هجن، يا جوش ۽ ڪاوڙ ۽ ڏڪندڙ ہـ ڪوڙا. جيتوڻيڪ جڏهن هو ڪليو ٿي، توهان اعتبار ئي ڪونہ ڪندؤ تہ ڪو هُو ڪلي پيو، تنهن هوندي ہ جڏهن هو ڪليو ٿي تہ سندس نہ ختم ٿيندڙ ڪِل ايتري تـہ زوردار ۽ گونجدار هئي جڻ ڪو بندوق جي فائر جو آواز هجي. ڪلڻ بعد هن جا چپ هڪدم ٻيهر هڪ اهـڙي تلخ موڙي سان پورجي ٿي ويا جنهن سان سندس سهڻي صحت ۽ ننڍپڻ جي هالڪپڻي جي ياد تازي ٿيو ٿي پئي. هو پنهنجي جواني ۽ وانگر پنهنجي صحت وڃائي چڪو هو. پهريون ڀيرو جڏهن هو گرفتار ٿيو هو ۽ جڏهن ڪيس ايذاءَ رسائيندڙ ميز وٽ وٺي آيـا هئا، تڏهن انهن کيس چيو هو تہ "هاڻي تون اهڙا تہ ايذاءَ پوگپيندين جو توکي پنهنجي جمڻ تي ہ افسوس ڪرڻو پوندو." پر توهان

سمجهي ويا هوندؤ تہ هُن پنهنجي جمڻ تي افسوس نہ ڪيو هو. هن ڪڏهن افسوس نہ ڪيو هو ۽ ڪڏهن ب نہ ڪندو. توهان سمجهي ويا هوندؤ تہ هو اهڙن ماڻهن مان هو جن لاءِ موت جهڙا ايذاءُ ۽ عذاب تہ بنهہ زندگي گذارڻ جو هڪڙو انوکو ۽ سڪل طريقو ٿيو ڏا پون، جنهن تي عمل ڪندي هو پنهنجي زندگي سهڻي نموني ۾ گذارين ٿا. هو انهن جي اڳيان اڻل ارادي سان هڪ مضبوط ۽ اڏول انسان ڏاڪٽ ٿيو. هو ڪائنس ڪوب راز حاصل ڪري ڪونہ سگهيا، توڙي جو هنن ساڻس وحشي جانورن وارو سلوڪ ب ڪيو، موت جا دڙڪا ڏنا، مسلسل ٽي راتيون ڪيس ڊپ ب ڏياريندا رهيا تہ اجهو ڏا ڪيس شوٽ ڪن ۽ هو موت جي انتظار جي آڙاهہ ۾ ڏڪندو رهيو، جيل جون غيرانساني صعوبتون ب سڻائين ۽ لڳاتار پنج سال هڪ اهڙي پٿر سان ٺهيل ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ب گذاريائين جيڪا مشڪل سان ٽي ميٽر ڊگهي ۽ ڏيڍ ميٽر ويڪري هئي. پيو مڙيئي ٿيو خير!

ب ڏينهن اڳي، هو پين ٽن سئو قيدين سان گڏ هوياڻي جيل مان آزاد ٿيڻ هو، جن لاءِ جارج پاپاڊو پولاس عام معافي جو اعلان ڪيو هو. پر هُن آن معافيءَ لاءِ ڪين هڪ لفظ ب ڪونہ چيو هو جنهن ڪري ڪيس چڙيو ويو هجي. حقيقت ۾ تہ هُن ڏاڍي حقارت سان وڏي واڪي چيو هو تہ "مون اِن معافي

لاءِ ڪين ڪونہ ڇيو هو. اها هن سون تي مڙهي آهي. آءٌ هينئر ئي جيل ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهيان."

سچ پچ تہ سندس دوستن ۽ مداحن کي هينئر هن جي سلامتيءَ جو اڳ کان بہ گهٽو فکر ٿي پيو هو. جيل مان نڪرڻ بعد هو فوجي جرنلن لاءِ وڏو آزار بنجي پيو هو. آزاد چيتا هميشہ آزاريءَ جو سبب هوندا آهن ۽ جن وٽ طاقت ۽ هٿيار هوندا آهن سي يا تہ چيتن کي شوٽ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ يا وري انهن کي پنجرن بند پنجرن ۾ قابو ڪرڻ لاءِ سازشن جو جار وڇائيندا آهن. هو ڪيترو وقت آزاد فضا ۾ رهي سگهيو ٿي؟ ۲۳ آگسٽ ۱۹۷۳ع، خميس جي ڏينهن، جڏهن سون اليگزينڊراس پاناگولس کي پهريون پيرو ڏنو هو، تڏهن پهريون اهو سوال منهنجي ذهن ۾ اپريو هو.

اليگزينڊراس پاناگولس، جيڪو پنهنجي دوستن ۽ پوليس رڪارڊ ۾ اليڪاس جي نالي سان مشهور هو، سو ايٿنس شهر ۾ ۱۹۳۹ع ۾ جائو هو. سندس ماءُ جو نالو ايٿينا ۽ پيءُ جو نالو باسيل پاناگوليس هو. سندس پيءُ، جيڪو ڪيترن فوجي اعزازن سان نوازيل هو، تنهن بالڪن جنگ، پهرين مهاڀاري لڙائي، نندي ايشيا ۾ ترڪن خلاف جنگ ۽ گهرو لڙائيءَ ۾ پرپور حصو ورتو هو جيڪا ۱۹۵۰ع تائين هلي هئي. اليڪاس ٽن پائرن مان وچٽ هو ۽ هو ٽيئي جمهوريت پسند ۽ آمريت جي خلاف هئا. هو "يونان جي مزاحمت

ڪنڊڙ تحريڪ جو باني ۽ اڳواڻ هو. اها تحريڪ، جنهن کي فوجي جرنل ختم ڪرڻ ۾ ڪڏهن به ڪامياب ٿي نه سگهيا. هو ان پلان جو پڻ خالق هو جنهن موجب ۱۳ آگسٽ ۱۹۶۷ع تي پاپاڊوپولاس کي ختم ڪرڻو هو ۽ عوامي راج قائم ڪرڻو هو. پر پاپاڊوپولاس ان حملي ۾ مرندي مرندي تبر جيتري فرق تان بچي ويو. ان خوني حملي جي ڏوهه جي پاداش ۾ پاناگولس گرفتار ڪيو ويو ۽ ٽارچر ڪئمپن ۾ لڳاتار ايذاءَ سهندو رهيو، جيستائين جانچ مڪمل ٿي ۽ پتو پيو ته هو حڪم جي تعميل ڪنڊڙ هڪ عام ڪارڪن نه هو پر "يوناني مزاحمت" نالي تحريڪ جو اڳواڻ هو، جنهن تحريڪ حڪومت خلاف ڪافي اثر پيدا ڪري ورتو هو. ساڳئي ڏوهه جي عيوض ڪيس موت جي سزا ڏياري ويئي هئي. موت جي سزا جي فيصلي جي خلاف ڪورٽ سڳوريءَ ڪان هُن پنهنجي بچاءُ ۾ گالهائڻ جو موقعو حاصل ڪيو. هو اتي مسلسل ٻه ڪلاڪ گالهائيندو رهيو، جنهن دوران ڪورٽ جا جج ڇڙ جادوءَ جي اثر سان منجي ويا هئا. هُن چيو ته "اوهان ظلم، ڏاڍ ۽ بربريت جا نمائندا آهيو ۽ مون کي خبر آهي ته اوهان مون کي رائفلن سان مسلح جلادن اڳيان پيش ڪندؤ. پر آءٌ اهو به چاڻان ٿو ته حق ۽ انصاف لاءِ وڙهندڙ آزاديءَ جي هر متوالي جي خوشيءَ جو معراج به ان ۾ آهي ته سندس اخري ساهه

رائفلن جي گولين جي وسندڙ سينهن ۾ سينو سپر ڪندي پورا ٿيندا." آهه! آها ناقابل فراموش پچاڳاچا؟ جيڪا هن ڪان اڳ ڪنهن به وڏي ڪان وڏي ڏوهاريءَ لاءِ به تجويز ڪانه ڪئي ويئي هئي. هو جڏهن ڪورٽ ۾ پهتو تم سندس هٿڪڙيون لڳل هيون. پوليس وارن سندس هٿڪڙين لاٿيون، پر ڪيس هڪ مضبوط شڪنجي ۾ ڪاف لڳايو ويو جنهن سان سندس ڪلهن، بانهون ۽ چيلهه جڪڙيل هئا. ان هوندي به هو ڏاڍي ڦڙتائيءَ سان ٽپ ڏيئي پنهنجي پيرن تي بيٺو ۽ جڄ ڏانهن اگر سان اشارو ڪندي ڪورٽ ۾ ٽيندڙ بيعزتي جي خلاف وڏي واڪي احتجاج ڪرڻ لڳو.

ان خيال ڪان تم هو عوام جو هيرو نم ٿي رهيو، انهن ڪيس ڦاسيءَ تي نم چاڙهيو. پر اهو چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي تم هو وري به هيرو ٿي ويو. چاڪاڻ تم ڪڏهن ڪڏهن زندهه رهڻ ڪان موت وڌيڪ آسان ۽ اهميت وارو ٿي پوندو آهي، خاص ڪري جهڙي طرح پانا گولس زنده رهيو هو. انهن ڪيس هڪ جيل مان ٻئي ڏانهن ٿي بدلي ڪيو. اهو چوندي تم "اڳئين جيل ۾ رائفلن سان مسلح جلاد تنهنجي انتظار ۾ بيٺا آهن." هو سندس ڪوليءَ ۾ گهڙي ايندا هئا ۽ ڪيس ايترو تم ماريندا هئا جو بچڻ جو آسرو ڪونه رهندو هو. مسلسل يارنهن مهينا، رات ڏينهن هنن ڪيس هٿڪڙيون لڳائي رکيون، ايتريقدر جو سندس ڪراهين وٽ وڏا ڦٽ

ٿي پيا. پوءِ بس هو وقت بوقت ڪين سگريٽ ڏيڻ بند ڪري ڇڏيندا هئا، پڙهڻ تي پابندي وجهي ڇڏيندا هئا ۽ ڪيس ڪاغذ ۽ پينسل بس ڪوڙ ڏيندا هئا تہ جيئن هو پنهنجي شاعري لکي سگهي.

پر تڏهن بہ هن شاعري لکي. هو بصر جي سنهين ڪلن تي لکندو هو جيڪي انهن ڏينهن ۾ ايندڙ هيون جن سان سندس زخمن جي مرهم پٽي ڪئي ويندي هئي. هو پنهنجو رت مس بدران ڪم آڻيندو هو. هن لکيو هو:

"يونان جي هڪ جيل مان
آءٌ توهان کي لکان ٿو
ماچيس جي تيلي قلم ڪري
پنهنجي ڦٽن مان ڏسي
فرش تي ڪرندڙ رت مان پوڙي
زخمن لاءِ پٽيءَ مان رڌجي ويندڙ
سنهو ڪپڙو يا بصر جون ڪلون ڪاغذ طور
پر آءٌ چا ٿي لکي سگهيس؟
پنهنجو پتو لکڻ جيترو وقت مس ٿي ملیو
تعجب جي گالهہ هيءَ تہ ايتري ۾ رت ۽ ۾ جمي ٿي ويو.
يونان جي هڪ جيل مان
آءٌ اوهان کي لکان ٿو."

هن پنهنجي خوبصورت شاعري، رت سان لکيل شاعريءَ کي جيل کان ٻاهر موڪلڻ جو بندوبست ڪ

ڪيو هو. هن ڪي سندس پهرئين ڪتاب تي "ويا ريگو" انعام مليو ۽ هو هاڻ هڪ جاڻل سڃاتل شاعر سڃڻ لڳو هو. سندس شعر اطالوي ۽ فرينچ ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ لڳا ۽ مٿن نقادن تنقيدي مضمون ۽ ادبي تجزيا لکيا. پر شاعر کان وڌيڪ هو هڪڙي علامت (Symbol) هو. بهادريءَ ۽ بردباريءَ جي علامت، بلند ڪرداريءَ ۽ بلند اخلاقيءَ جي علامت ۽ آزاديءَ ۽ امن لاءِ سر گهوڙيندڙ سرويچن جي علامت.

مٿي ذڪر ڪيل سڀڪجهه منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکوئيندڙ هو، ان ڪري بس جو هاڻ آءٌ وٽس موجود هيس. توهان ان ماڻهو جي ڪيئن آجيان ڪندؤ؟ جيڪو تازو ڪنهن قبر مان اٿي آيو هجي! توهان هڪ علامت سان ڪيئن گهالهائيندؤ، جيڪا خوبين جو مجموعو هئي؟ ۽ آءٌ صرف ڏندن سان نهن ڪي چڪ پائي رهي هيس، جو جو مون ڪي ڪجهه بہ نٿي سڃهيو. اها گهالهه مون ڪي چڱيءَ طرح ياد آهي. مون ڪي اهو ياد آهي ڇاڪاڻ تہ ۲۳ آگسٽ واري خميس جي ڏينهن ٽينڊڙ هر گهالهه ۽ هر شيءِ مون ڪي چڱيءَ طرح ياد آهي. اٽينس ۾ منهنجو هوائي جهاز ڏيڻي پهچڻ. اها گهٽي تہ ايڪاس تائين پوڄي سگهنديس يا نہ، جيتوڻيڪ مون ڪيس پنهنجي اڇ جو اڳواٽ اطلاع بہ موڪليو هو. گلفادا ڪوارٽن ۾ ارسٽوفينس گهٽيءَ جي گولا. جتي سندس گهر هو. ٽيڪسي ڊرائيور گهٽي پڃ ڊڪ

ڪان پوءِ جڏهن آخرڪار گهر ڳولي لڏو تہ خوشيءَ ڪان دانهون نڪري ويس ۽ صاحب جو نشان ڏاهيائين. اهو ڏينهن گهم وارو گرم ڏينهن هو. منهنجا ڪپڙا پگهر ۾ بدن سان چهٽا پيا هئا. ملاقاتين جو تمام وڏو هجوم آيل هو جنهن سان گهر جي آس پاس، باغ جا چارئي پاسا ۽ جڳهه جي هر ڪنڊ ماڻهن سان ڀريل هئي. سون ڪان سواءِ ٻيا ڪوڙ صحافي به آيل هئا. مختلف قسمن جا آواز ۽ ڏڪ ڏڪان. ۽ اليڪاس، هُن جي چهري تي يسوع مسيح جهڙي ڳنڀيرتا هئي ۽ هو ڪنهن به ڏانهن ڪان سواءِ سڌي جي وچ ويٺو هو.

هو تمام گهٽو ٽڪل نظر آيو، سچ پچ تہ ٽڪ ڪان ٻنهه ڇوڙ. پر جيئن ئي هُن سون کي ڏٺو، چيتي وانگر ڇلانگ ڏيئي اڳي سون کي ڀاڪر پاتائين. ائين ٿي لڳو جڻ هو سون کي صدين ڪان سڃاڻندو هجي ڪيئن به هجي، توڙي جو هو سون کي هميشه ڪان نہ به سڃاڻندو هجي، پر اسان هڪ ٻئي کي سڃاڻندا ضرور هئاسون. هن سون کي ٻڌايو تہ انهن ڏينهن ۾ جڏهن ڪيس ڪجهه اخبارون پڙهڻ جي موڪل ملي هئي تڏهن هو منهنجا مضمون پڙهندو هو ۽ ڪين ساڏي رکندو هو. انهيءَ معمولي حقيقت ٻڌائڻ سان هن سون ۾ بردباري پيدا ڪئي ۽ سون کيس سمجهي ورتو تہ هو ڇا هو. تنهنڪري سون کي جيڪا ڳڻتي هئي تہ هڪ عام ماڻهوءَ بدران هڪ علامت سان ڪيئن ڳالهائيو، سا ختم ٿي ويئي.

مون سندس پاکر جو جواب پاکر سان ڏنو ۽ چيومانس "Ciao سيائو". موٽ ۾ هن به چيو "سيائو". انهيءَ کان وڌيڪ آڏرياءُ يا مبارڪون جا ٻيا ڪي بـ لفظ مون وٽ ڪونہ هئا. مون فقط ايترو وڌيڪ چيو تہ "مون وٽ اٽينس ۾ رهڻ ۽ انٽرويو تيار ڪرڻ لاءِ صرف ٢٤ ڪلاڪ آهن. تنهن ڪان پوءِ مون کي لازمي طرح بون (جرمني) پهچڻو آهي. ڇا اهڙي ڪا ڪنڊ پاسو آهي جتي پـاڻ سانتيڪي نموني ويهي ڳالهائي سگهون؟" هن خاموشيءَ سان ڪنڊ ڪي هڪ طرف ڦيريو ۽ پوءِ ملاقاتين جي انبوهہ مان گس ٽاهيندو مون کي ساڻ وڻي هڪ ڪمري ۾ آيو جتي يوناني‌ءَ ۾ لکيل منهنجي هڪڙي ڪتاب جون ڪيتريون ئي ڪاپيون پيون هيون. انهن ڪان سواءِ اتي گهڻن گلاب جي گلن جو هڪڙو گلدستو بہ رکيو هو، جيڪو هن مون لاءِ هوائي اڏي تي منهنجي آجيان ڪرڻ واري ماڻهوءَ هٿان موڪليو هو. پر جيڪو ماڻهو مون سان ملڻ آيو هو سو هوائي اڏي تي مون کي ملي ڪونہ سگهيو هـو ۽ گلدستو واپس ڪڍي آيو هو. مون گلن کي ڇُهي ڏٺو ۽ سندن واس وٺڻ لاءِ نڪ جي ويجهو آندم ۽ دل جي گهراين مان احترام سان پريل لهجي ۾ سندس ٿورا مڃيا. هن منهنجي لهجي کي سمجهي ورتو ڇاڪاڻ تہ هڪ ساعت لاءِ سندس چهري تان فڪرمند تاثرات ختم ٿي ويا ۽ سندس اکين ۾ بيفڪر چمڪ پيدا ٿي ويئي جنهن هڪ پيرو

وري مون کي منجهائي وڏو. اهـا هڪ اهڙي چمڪ هئي جنهن کي ڏسي توهان کي اهو فيصلو ڪرڻو هو تہ ميزبان جو ڪهڙو ۽ نـرم رويو، جن جو پـاڻ ۾ جهيڙو هو ۽ جنهن سندس روح جو چين وڃايو هـو، ڪهڙو وڌيڪ آهي. اِن حالت ۾ ڇا آءٌ هُن ماڻهوءَ کي سمجهي سگهڻ جي لائق هيس؟

اسان انٽرويو شروع ڪري ڏنو ۽ هڪدم مون کي سندس آواز پـاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيو، جيڪو نـرم، وڻندڙ، گونجندڙ ۽ بنهہ گجندڙ هـو. هڪ اهڙو آواز، جيڪو ماڻهن کي پـاڻ ڏانهن ڇڪي ۽ قـائل ڪري وڃي. سندس لهجو بـااختيار ۽ ماڻيڙو هـو. هڪڙي اهڙي ماڻهوءَ جو لهجو جنهن کي پنهنجو پاڻ تي پروسو ۽ پڪ هجي ۽ سندس ڪيل گالهہ جو ڪو رد يـا نعمل البدل نـہ هجي. هُن جيڪي ڪجهہ گالهايو ٿي تنهن تي ڪيس ڪوبہ شڪ ڪونہ هو. هن هڪ سياسي اڳواڻ وانگيان ٿي گالهايو. گالهائڻ دوران هن پنهنجي سلفي دڪائي، جيڪا گهڻو ڪري هن وات مان نڪي ڪيي. توهان ضرور چوندا تہ هن جو سمورو ڏيـان سندس سلفيءَ تي هوندو ۽ نہ توهان تي ۽ ائين هـن ڪن معاملن تي اڏورو توجهہ ڏنو هوندو جيڪي هاڻ تـازا نہ رهيا هئا ۽ اهو ممڪن بہ هو. پـن لفظن ۾ هن ايترين تہ جسماني ۽ روحاني اذيتون سڌيون هيون ۽ هو ايترو تہ تڪليف تي هري ويو هو جو هُو وڏي

کان وڌي تڪليف ڪي ۽ روميو جي شاهاڻي انداز ۾ سهي ويندو هو. ان صورت ۾ اهو به ممڪن هو ته ڪن معاملن تي هو پورو توجهه ڏيئي نه سگهيو هجي.

ساڳئي وقت هو هڪ سنجيدو ۽ گنڀير انسان به هو. پر سندس طبيعت جي اوچتي تبديلي توهان کي حيرت وچان ڏوڏي ڇڏيندي، بلڪل ائين جيئن هڪ تيز رفتار لانچ هڪڙي طرف ويندي هجي ۽ پوءِ هڪدم ڦرن کائي واپس وري ۽ منجهس ويڙهل ماڻهو ڊپ ۽ حيرت مان ڏکي وڃن. بلڪل اهڙي ئي نموني ۾ سندس چهري تان سخت ايذاءَ جا ۽ ڪرب وارا تاثرات هڪدم هڪڙي ابهم ۽ معصوڻي ۾ ورڻي جي منڻي ۽ وڻندڙ مرڪ ۾ تبديل ٿي ويندا هئا. مثال طور هن جو گلاس ۾ بيئر وڃهي پيش ڪرڻ جو انداز. ڪنهن ڳالهه تي خوش ٿي تاشي ملائڻ جو انداز. ۽ ائين ڪرڻ سان سندس چهري جا تاثر پڻ تبديل ٿيي ٿي ويا، پر اهي گهٽو وقت غمگين نڻي رهي سگهيا ۽ ٻيوس ٿيي ٿي ويا. سندس ننڍڙين ۽ حيرت ۾ وجهندڙ اکين وارو، سندس وڏي ۽ وڏيڪ حيرت ۾ وجهندڙ وات وارو ۽ سندس اڳتي نڪتل ۽ آڳي نرڙ وارو چهرو اڳ ۾ ٿي ڪو خاص خوبصورت ڪونه هو، جنهن کي داغن ويتر بدصورت ۽ تباه ڪري ڇڏيو هو، جيڪي سندس چپن ۽ ڳلن تي هئا. ان هوندي به جيڪڏهن هُو خاموش هو ته ايڏا ڪجهه وڻندڙ لڳو ٿي. خوبصورتيءَ جي

اهڙي جهلڪ جيڪا بي سبب نہ هجي، جنهن جي لاءِ ڪوبہ رايو نہ ڏيئي سگهجي ۽ جنهن سندس آزاد ۽ خوبصورت روح کي جرڪايو پئي.

نہ، شايد آءٌ هن کي ڏهن ہ نہ سمجهي سگهان! مون پهرين ملاقات مان ئي فيصلو ڪري ورتو تہ هو تضادن، تعجب، خودثنائيءَ، فراخدليءَ ۽ غير منطقيءَ جو هڪڙو اهڙو ڪوه هو جنهن ۾ سندس سموريا اسرار همايل هئا. پر هو بيشمار خوبين جو مالڪ پڻ هو ۽ هڪ اهڙي شخصيت ہ هو جنهن جي وقعت ۽ اهميت هڪ سياسي شخصيت کان لک ڀيرا وڌيڪ هئي، شايد سياست ڏانهن توجهہ سندس حياتيءَ مان فقط هڪڙي لهجي جيترو هو، سندس صلاحيتن جو فقط هڪڙو حصو. شايد، جيڪڏهن هُنن هُن کي جلد ماري نہ ڇڏيو يا هنن هن کي وري بند پجري ۾ قيد نہ ڪيو تہ پرءِ اسان هڪ ڏينهن سندس اهڙن ڪارنامن بابت اهو ضرور ٻڌنداسون جن سان بهشت جهڙي دنيا اڏي سگهجي ٿي.

اسان ڪمري ۾ ڪتابن ۽ گان سان ڪيترو وقت گالهائيندا رهياسون؟ اهو هڪڙو اهڙو داستان آهي جيڪو آءٌ ڏهرائي نٿي سگهان. هو جڏهن ٻڌائڻ لڳي ۽ توهان ڏيان سان ويهي ٻڌو تہ پوءِ وقت گذرڻ جو احساس ئي نہ ٿيندو. سڀ کان پهريائين هن سندس اذيتن جو داستان ٻڌايو ۽ جسم تي آيل داغن، ڏاڍن ۽ چهڪن جا سبب ہ ٻڌايا، جيڪي هنن کيس سڄي

بدن تي ڏنا هئا. هن سون کي اهي داغ ڏيکاريا جيکي سندس هٿن، کراين، پانهن، پيرن ۽ ڇاتيءَ تي موجود هئا. ڇاتيءَ تي دل جي بلڪل مٿان اهي زخم اهڙيءَ ريت هئا جيئن يسوع مسيح جي ڇاتيءَ تي هئا. هُن کي اهي ڏنڀ پاپادو پولاس جي پاءُ ڪانسٽينٽائين جي موجودگيءَ ۾ زبردستيءَ هڪ تکي ڇاقوءَ سان ڏنا ويا هئا. پر هن سون کي اهي زخم اهڙي لاتعلقيءَ واري انداز ۾ ڏيکاريا جنهن ۾ پاڻ لاءِ رحم ۽ همدرديءَ جي ڪابه اپيل ڪانه هئي. تمام گهڻي سختيءَ سان ۽ بنهه پاڻ تي جبر وارو ضبط ڪندي هُن اهي زخم ڏيکاريا. پنج سال دوزخ ۾ رهندي اهي ۽ انهن کان ۾ وڌيڪ ظلم سهڻ کان پوءِ ۾ توهان اعتبار ڪريو تہ هو بلڪل سالم دماغ سان هو ۽ هو اهو اِن مان ظاهر هو جڏهن هن سندس سلفيءَ کي ڇڪ ڏي پاتو. اِهو هن جي اکين مان ۾ ظاهر هو جڏهن هو چُمڻيون ڏي نفرت جي ڏين ۾ بدلجي ڏي ويون يا هن جي خاموشيءَ ڪروڌ مان ڪيس پهتل اذيتن جو ذڪر ڪندي هو ايترو تہ وهلور ۽ ڊانوادول ڏي ويو هو جو هو پنهنجي ماءَ کي ۾ ڪو جواب نہ ٻئي ڏيئي سگهيو جيڪا ڪائنس وڌيڪ بيئر يا ڪافي ڪٽي اڇڻ لاءِ پڇي رهي هئي.

سندس ماءُ اندر لنگهي آئي. هوءَ پوڙهي هئي ۽ يوناني بيولهن واگر هن ڪارو لباس پاتو هو جيکي پنهنجي ماتم واري روايت نڀاون ڇڏين. سندس مُنهن

جا گھنج ھڪ جاريءَ وانگر ٿي لڳا ۽ اوترائي اونھا ٿــي لڳا جيتريون ھُن تڪليفون سڻيون ھيون. سندس مڙس دل جي دوري سبب گذاري ويو ھــو جڏھن اليڪاس جيل ۾ ھو. سندس وڏو پٽ روپوش ھو. سندس ٽيون پٽ جيل ۾ ھو. ان کان ب وڌيڪ تہ ھوءَ پاڻ ب سادا چار مھينا جيل ڀوگي چڪي ھئي. پر پوءِ ب ھو ھن کان ڪوب راز حاصل ڪري نہ سگھيا. نہ ڊيڄارڻ سان ۽ نہ بليڪ ميل ڪرڻ سان. لنڊن جي ھڪ اخبار ڏانھن خط ۾ ھُن پنھنجي پٽن لاءِ لکيو ھو تہ "وڻ پنھنجي پاڙن ۾ ئي مرن ٿا."

ڪچھري ھلندي ھڪڙي موقعي تي اليڪاس جو نندو پاءُ يُوسٽيس اندر لنگھي آيو جيڪو صرف چند ڪلاڪ اڳ ايمنيسٽيءَ طرفان ڪيل اپيل تي جيل مان آزاد ٿيو ھو. يوسٽيس، جنھن کي ھرڪنھن اِسٽيٽس ٿي ملڊيو، پاڻس کان مختلف ڏسڻ ۾ ٿي آيو. جيل سندس جواني، صحت ۽ خوبصورتيءَ کي کوب نقصان ڪونہ پھچايو ھو. ھو ھڪ سھڻو چوکرو ھو، ھرڪنڊڙ اکين سان ۽ ٺاھوکين ٽنگن سان ھو ھڪ راندیگر ٿي لڳو. ھن اليڪاس کي جب ماڻ پاکر پاتو پر ايترو ڏڙتائيءَ ۽ زور سان جو بنھ ھن جا ھڏ ٿي پگھائين. ۽ پوءِ ھو ھڪ ڪنڊ ۾ ويھي ڏيان سان گفتگو ٻڌڻ لڳو ۽ بحث ۾ تمام گھٽ حصو ورتائين. توھان ھُن جي انھيءَ عمل مان ئي اليڪاس لاءِ عزت ۽ احترام جو اندازو

لڳايو هوندو، پيار جو اندازو لڳايو هوندو. هن ۱۹۷۲ع ۾ صرف ايڪاس لاءِ ئي روم ڇڏيو هو جتي هو پناهگير هو ۽ لڪي ڇپي واپس يونان پهتو. هُن چاهيو ٿي ته پهر پڇي ويڙ لاءِ بندوبست ڪجي ۽ ان ڪوشش ۾ هو گرفتار ٿيو، اذيتون سڻائين، ۽ چار سال ۽ نون مهينن لاءِ جيل موڪليو ويو. ساڳئي وقت ڪيس اهم ڪاغذن جي چوريءَ جي الزام ۾ ساڏا چار سال پيا به سزا لڳي. بهرحال، ان کان اڳ ۱۹۶۷ع ۾ به هو جيل وڃي چڪو هو، تنهنڪري توهان کي اهو سمجهڻ ۾ گهڻي دير ڪانه لڳندي ته هو به ان ساڳئي گوهيل اڻي مان هو، يا ائين ڪٽي ڇڏجي ته ساڳئي پٿر مان ٺهيل هو جنهن مان ٺهيل انتهائي بردبار ۽ بهادر خاندان جو هُو ٿيون ٽنيو هو.

آه، ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها جو اسان جارج کي به باغ مان ايندي ڏسون ها! پر جارج پهچڻو نه هو. جارج بابت وڌيڪ ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته هو ڪٿي آهي. جارج، ايڪاس جو وڏو پاڻ هو ۽ پنهجني پيءُ وانگر فوج ۾ شامل ٿيو ۽ ڪيپٽن جي عهدي تي رسيو هو. آگسٽ ۱۹۶۷ ۾ هن يونان جي فوج ۾ رهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ايڪاس وانگر سزا پوگهائين. هو ايوراس ندي پار ڪري ترڪيءَ ڏانهن پڇي ويو ۽ استنبول پهچي هن اٽليءَ جي سفارتخاني ۾ سياسي پناهم جي گهر ڪئي. اسان لاءِ اها شرم جهڙي ڳالهه

آهي تہ الليءَ جي سفارتخاني پناه ڏيڻ بدران مرڪو پهرئين ترڪي جي حڪومت کي اطلاع ڏنو ۽ پوءِ وري الليءَ جي حڪومت کي به اطلاع ڪيو. جارج هڪ ڀيرو وري اتان ڀڄي نڪتو ۽ هن ڀيري هو شام ويو ۽ دمشق پهچي هن ڀير الليءَ جي حڪومت کي پناه ڏيڻ جي اپيل ڪئي پر وري به هنن انڪار ڪيو. بهرحال سفارتخاني هن کي پاڙيسري ملڪي ماڻهو سمجهي ۽ هن جي احترام ۽ عزت جو اندازو لڳائي ڪيس هڪ مهيني لاءِ پاڻ وٽ رکيو. پر هڪڙي ڏينهن هو جيئن ئي باهر گهٽيءَ ۾ گهمڻ نڪتو تہ وڏس پاسپورٽ نہ هجڻ ڪري ڪيس پوليس گرفتار ڪري ورتو. هن ڀيري به هو شام جي پوليس کان ڀڄي نڪتو ۽ لبنان پهچي ويو. لبنان مان هن بحري جهاز ذريعي الليءَ وڃڻ ٻئي چاهيو پر هو ائين ڪري نہ سگهيو چاڪاڻ تہ عرب ملڪ يونان جي ڪرنلن کي سڃاڻندا هئا.

هن بهتر سمجهيو تہ اسرائيل مان لنگهندي، هائيفا جي بندر تان بحري جهاز ۾ چڙهي الليءَ هليو وڃجي. پر اسرائيل اهڙو ملڪ آهي جنهن جا يونان سان ڊپلوميسي وارا تعلقات ڪونهن. تنهنڪري سندس منصوبي جي ابتڙ ڪيس اسرائيلين گرفتار ڪري ورتو. جارج انهن تي اعتبار ڪري پاڻ متعلق سڀڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو، پر موت ۾ هنن سڀڪجهہ ڄاڻندي بہ ڪيس گرفتار ڪيو تہ جيئن ڪيس يونان حڪومت جي حوالي ڪيو وڃي.

انهن کيس پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهه چوڻ جو موقعو ئي ڪونہ ڏنو ۽ بس اڳين ڪٽي ’آنا ماريا‘ نالي هڪ يوناني بحري جهاز ۾ چاڙهي چڏيائونس، جيڪو هائيفا ۽ پيروس Peraeus جي وچ ۾ هلندو هو. مٿئين واقعي سندس رهي سهي اميد به ختم ڪري چڏي. تنهن ڪان پوءِ رڳو ايتري خبر پئجي سگهي آهي تہ جارج پنهنجي ڪئبن ۾ تيستائين موجود هو جيستائين جهاز ايجينا ۽ پيروس جي وچ ۾ هلي رهيو هو. پر جڏهن جهاز هائيفا جي بندرگاه تي پهتو تہ جارج واري ڪئبن خالي پئي هئي. ڇا هو جهاز مان ٽپو ڏيئي پڄي ويو هو؟ ڇا هن کي ڪنهن جهاز مان ڏکو ڏيئي هيٺ ڪيرائي چڏيو هو؟ هن جو لاش ڪڏهن به هٿ نہ آيو. جڏهن به سمنڊ مان ڪو لاش هٿ ايندو هو تہ اختياريءَ وارن طرفان سندس ماءُ اڻينا کي سڃاڻپ لاءِ گهرايو ويندو هو. پر هر ڀيري اڻينا جواب ڏنو تہ ”نہ، اهو منهنجو پٽ جارج ناهي.“

شام جو ڪجهه وقت لاءِ اسان انٽرويو بند ڪيو. ملاقاتين جو ميڙ ڇڙي پکڙي ويو. اڻينا مون کي پاڻ وٽ رات ڏيڻ جي صلاح هنئي. هن اسان لاءِ رات جي مانيءَ تيار ڪئي. ميز تي هڪ خوبصورت ميز پوش وڇايائين. اسان سڀني، مون، اڻينا، اليڪاس، اسٽيٽيس ۽ هڪ دوست گڏجي مانيءَ کاڌي. هينئر اليڪاس سوچ ويچار ۽ معاملن ۽ فڪرن جي بوجهه کان ڪنهن حد

تائين آڇوهو. هن جلد ئي بي انتها حيرتن ۽ عجيب ڳالهن جو دروازو کولي ڇڏيو ۽ پنهنجو پاڻ کي سندس واتان خود بخود ٽيندڙ گفتگو جي وهڪري ۾ لوڙهي ڇڏيو. هو جهڙوڪر وقلي رهيو هو. مثال طور هن پنهنجي کولي‌۽ کي "بوبائي‌۽ ۾ منهنجو آرام گاه" ڪري ٿي ڏيو. اهڙي طرح ڇ تہ سندس امڙ کولي سچ پچ کا بنهه آرامده گلستان هجي جنهن جي اندر ۽ باهر وهنجڻ جا تلاءُ هجن، گف ڪورس هجن، ذاتي ناڇ گهر هجن، خوبصورت سينگارگهر، وڏي بورچي‌۽ ايران مان ڪو پلوڙ شراب گهرائي رکيو هجي، ڪي مشرقي غلام چوڪريون هجن جيڪي ناڇ ۾ ڪنديون هجن ۽ سندس هٿڪڙين جي پالش ۾ ڪنديون هجن. انهي‌۽ ۾ هڪ پيري هن بڪ هڙتال شروع ڪئي هئي. ڇاڪاڻ تہ "شراب تازو ۽ گهري رنگ جو ڪونہ هو." ۽ پوءِ هن ساڳئي لهجي ۾ ارسٽوٽل اوناسس، استاوراس نيارڪاس، نيلسن راڪفيلر ۽ هينري ڪسينجر سان پنهنجي "رسيع ڇاڪ سڃاڻ ۽ دوستي‌۽" جا مثال ڏيڻ شروع ڪيا يا پنهنجا "ذاتي مشاهدا" ۽ لانچ، جيڪا هڪڙو ڏينهن اڳ هن "برطانيہ جي شهزادي اين کان گهمڻ لاءِ ورتي هئي" جو بيان ڪرڻ لڳو.

مون کي پنهنجي اکين ۽ ڪن تي اعتبار ئي نہ ٿي آيو. ڇا اهو ممڪن هو تہ هو هڪ پٿريلي قبر ۾ رهندي به پنهنجي دل ۽ دماغ سالم رکي سگهڻ جي

قابل هوندو ۽ کاڻ جي قوت برقرار رکڻ جي قابل هوندو؟ اها گالهه ائين هئي جيئن سمنڊ جي تري ۾ وڃايل کا رقم واپس ماڻي سگهي. اهو نه صرف ناممڪن هو پر ايتري حد تائين ناممڪن هو جنهن کان انڪار ڪري ئي ڏئو سگهجي. هڪڙي موقعي تي استيٽس مون کي يقين ڏبارينڊي چيو "تون ايڪاس کي سمجهي نه سگهندئين، جيڪڏهن توکي اڃي عادت جي خبر نه هوندي ته هو ماڻهن سان گالهائيندي ڪل پوڳ به ڪندو آهي." بهرحال، ماني ڏکيءَ کان واندا ٿي اسان وري جڏهن انٽرويو شروع ڪيو ته ايڪاس پيهر سنجيدو ٿي ويو ۽ سوچيندي سوچيندي پنهنجي سلفيءَ کي چڪ پائڻ لڳو. هن پيري اسان صبح جي ٿي وڳي تائين مسلسل گالهايو ۽ سايي ٿي وڳي تائين ته منهنجو دماغ بلڪل ئي مائوف ٿي چڪو هو ۽ آءٌ ٿڪ کان چُور ٿي وڃي بستري تي ڪريس، جيڪو هنن منهنجي لاءِ سندن رهڻ واري ڪمري ۾ وڃايو هو. پلنگ مٿان باسل جي تصوير ڪرنل جي يونيفارم ۾ لڳل هئي ۽ فريم جي چوڌاري سون، چاندي ۽ نڪل جا ٻلا لڳل هئا ۽ انهن واقعن جي فهرست لڳل هئي جن ۾ هن ۱۹۵۰ع تائين حصو ورتو هو. بستري جي هڪ پاسي ڪان ايڪاس جي آن وقت جي هڪ تصوير لڳل هئي جڏهن هو پالٽيڪنڪ يونيورسٽيءَ ۾ انجنيئرنگ جو شاگرد هو ۽ نوجوانن جي جماعت "يونين آف سينٽر" جي مرڪزي ڪاميٽي جو

ميمبر بہ هو. هڪ هوشيار ۽ ذهين چيرو، جنهن ٿي
اڃا ڇون ڪوٺ هيون ۽ جنهن سون ڪي هن جي موجوده
بي‌انتها سمجهه ۽ گهرائپ ڪي ڇاڻ ۾ ڪا مدد نه
ٿي ڪئي. ٻوءِ سون ڪي ٻئي ڪمري ۾ ڏنل تصوير
ياد آئي جنهن ۾ ٽيئي پائر، جڏهن اڃا ٻار هئا، گڏ
هئا. آءٌ آڇيس ۽ تصوير ڪي غور سان ڏسڻ لڳس. جارج
جي تصوير، جيڪو ڏاڍو پيارو، سائيٽو ۽ فهميدو نينڊو
چوڪرو ٿي لڳو ۽ آرام سان گاڙهي ريشمي گاديلي
تي بلڪل سڌو وينو هو. اليڪاس جي تصوير، جنهن
جا آرڪائا هڪ ڪاوڙيل چيتي جهڙا ٿي لڳا ۽ هو
گاڙهي ريشمي گاديلي تي بلڪل سڌو ينو هو. ائين ٿي
لڳو جڻ هو چوڙواڳ آزاديءَ سان اعلان ٿو ڪري ته "نه،
آءٌ چوان ٿو ته نه! آءٌ ان پراڻي گاديلي تي نه ويهندس."
سندس نينڊي آئيل جاريءَ جهڙي مهانڊي مان صاف ظاهر هو
ته هُو ڪابه رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نه هو تنهنڪري ماٽس لاءِ
اهو بيڪار هو ته هوءَ ڪيس قائل ڪرڻ جي ڪوشش
ڪري. ڇو ته هُن ڪي جيڪو ڪجهه وڻندو هو سو ئي
ڪري ڏيکاريندو هو. ٻين جي هر صلاح، حڪم ۽
مداخلت کي رد ڪري ڏيکارڻ لاءِ هو پنهنجو ساڃو
هٿ فخر ۽ آڪڙ سان پنهنجي ڏاڙهيءَ تي رکيو ۽
ڪاهي هٿ سان ٽنل ٻڌل وڻان سندس پتلون کي جهليو
ينو هو.

انهن تصويرن کي ڪيتري دير تائين آءٌ جاچيندي

رهيس؟ اهو سچ پچ تہ سون کي ياد ناهي، پر سون کي ياد آهي تہ هڪ موقعي تي منهنجو ڏيان هڪ ٻي شيءِ ڏانهن چڪجي ويو هو: هڪ مستطيل شيءِ جيڪا ڏوڙ سان سڪي ٻيئي هئي. سون آن کي دٽ ۾ ڪنيو تہ جيئن ڪو ڇڄهہ حاصل ڪري سگهان ۽ ڏسہ تہ سترهين صديءَ جو بائيبل هو. جنهن ۾ هڪ دستاويز ٻڌ موجود هو جنهن ۾ اليڪاس پاناگونس جي وارثي ڏيکاريل هئي. پر اهو دستاويز ڏي سؤ سال پراڻو هو ۽ اهو اليڪاس پاناگواس موجوده پاناگواس نہ پر هنن جو پڙ ڏاڏو هو جيڪو ترڪن جي خلاف هڪ گوريلي وانگر وڙهيو هو. اهو پوءِ ڏسٽو هو تہ سترهين صدي کان وٺي ١٨٢٥ع تائين پاناگولس خاندان پنهنجي قوم ۽ وطن کي رڳو هيرن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڏنو هو. جن مان ڪن جو نالو جرگاس يعني جارج، انهيءَ نيڙي جرگاس وانگر هو، جيڪو ١٨٢٣ع ۾ فيليرو جنگ ۾ مري ويو هو. ڪن جو نالو اسٽيفس هو، پر انهن مان گهٽن جا نالا اليڪاس هئا.

ٻئي صبح جو آڏ ٻون رواني ٿي ويس. ۽ اهو چوڻ کان سواءِ ئي سمجهڻ گهرجي تہ اهو منهنجو آخري چڪر نہ هو. هوائي اڈي تي موڪلائڻ سهل اليڪاس سون کان وري اچڻ جو واعدو ورتو ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جڏهن هو اسپتال ۾ داخل هو تڏهن آڏ ٻيهر موڪي آيس تہ جيئن سندس گوناگون شخصيت متعلق ڪن

گالهين جي ڪجهه وضاحت حاصل ڪريان. سڀ کان
پهريائين سنڌس هڪ ڏکوئي نظم بابت وضاحت گهران
جيڪو هن مون ڏانهن منسوب ڪيو هو. اُن نظم جو
عنوان هو "ساموندي سفر" ۽ اُن ۾ هڪڙي بحري جهاز
جي ڪهاڻي بيان ڪيل هئي جيڪو ڪڏهن به نه
ختم ٿيندڙ سفر تي روانو ٿي چڪو هو. جهاز، جنهن
۾ ڪنهن به لالچ يا مفاد جي اميد نه هئي، جنهن
ڪنهن به بندر تي لنگرانداز ٿيڻ جي ضرورت محسوس
نٿي ڪئي، جنهن ڪناري تي پهچڻ جي ڪوشش به
نه ٿي ڪئي يا ڪٿي لنگر هڻي ٻيهڻ جي ڪوشش
نه ٿي ڪئي. جهاز جي عملي احتجاج ڪيو، سٽون سيڙون
ڪيون پر جهاز جي مهندار انهن جوادڙي طرح مقابلو
ڪيو جهڙي طرح هن ساموندي طوفانن جو مقابلو ڪيو
هو، ۽ هُن روشني جي لات جي ٻوڙان سفر جاري رکيو.

اهو بحري جهاز اليگاس پاڻ هو. جهاز جوسونهون
به پاڻ هو ته جهاز جو عملو به پاڻ هو. ساموندي
سفر سنڌس زندگي هئي. اهڙو سفر جنهن کي فقط موت
ئي ختم ڪري سگهيو ٿي ۽ تيستائين جهاز لنگر هڻي
ٻيهي نٿي سگهيو. نه پيار جو لنگر، نه خواهشن جو
لنگر ۽ نه ئي ضروري آرام جو لنگر. ۽ ڪوبه بحث،
ڪابه خوشامند، يا لالچ ۽ ڪوبه ڏڪو يا ڏکي
ڪيس سنڌس مقصد کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪرڻ تي مجبور
ڪري نٿي سگهيو. سو جڏهن توهن ان جهاز تي

اعتبار کيو ۽ جيڏهن توهان آن جهاز جو خيال کيو تہ پوءِ توهان کي آن کي پوئتي موڙڻ جي کوشش نہ کرڻ کپي ۽ نہ ئي کيس زمين جي بهشت جهڙن ساون ۽ سبز ڪنارن جو دوکو ڏيئي روڪڻ جي کوشش کرڻ کپي. توهان کي آن کي سندس چوئي سفر تي ڇڏي ڏڻ گهرجي جيڪو هن پنهنجي لاءِ چونڊيو آهي.

"اوڊائيسس ٻڌ سفر جي پچاڙيءَ ۾ آرام کيو هو. جڏهن هُو آٿاڪا پهتو هو، تڏهن ئي آرام کيو هئائين." مون نظم پڙهي پنهنجو رايو ڏنو. ۽ هُن جواب ڏنو "ويچارو اوڊائيسس." آن کان پوءِ هن مون کي هڪڙو ٻيو نظم پڙهڻ لاءِ ڏنو جيڪو اجهو هيئن ٿي شروع ٿيو:

"جڏهن توهان آٿاڪا ۾ پهتا.

اوڊائيسس! تڏهن توهان کڻي ناخوشي محسوس ڪئي،

جيڪڏهن توهان اڃان به وڌيڪ حياتي باقي هئي، تہ پوءِ ڇو ايترو جلد پهتا."

منهنجي خيال ۾ تہ اسپتال ۾ هن جون گالهيون ٻڌي سچ پچ تہ آن ڏينهن کان ئي آڳ سندس دوست ٿي وئي هئيس.

اِها حقيقت آهي تہ آڳ ٻين موقعن تي به اٽينس ويئي هيس. توڙي جو يونائي اختياريءَ وارن کي هر ڀري ڪا نہ خوشي ڪانہ ٿيٿي. جيتوڻيڪ هو منهجي داخلا

تي بندش وجهڻ جي همت ڪري نٿي سگهيا. ان تنهن هوندي به هنن منهنجي خلاف هڪڙو اهڙو نائيل ڏهيو هو جيڪو هر ڪنهن عام ماڻهو لاءِ ڪڏهن به نٿو تيار ڪري سگهجي. اٽينس ۾ منهنجي موجودگيءَ جو سمورو وقت سندن ماڻهو منهنجي پويان لڳل هوندا هئا ارسٽو فيناس گهٽيءَ جي جنهن گهر ۾ آءٌ رهيل هيس. آتي کي به ڪم ڪرڻ مشڪل بنائي ڇڏيو هئائون. چاڪاڻ ته آن گهر جي ٽيليفون ٽيپ ٿيندي هئي. چار پوليس وارا وردي ۾ ۽ نه جاڻان ڪيترا سادن ڪپڙن ۾ ۲۴ ئي ڪلاڪ دروازن درين، گهر ۽ گهٽيءَ ۾ اڪيون وجهيو بيٺا هوندا هئا.

نفسياتي طرح ائين ٿي لڳو جڻ اليڪاس اڃا جيل ۾ هو ۽ آءٌ به سائس آتي گڏ هيس. هڪڙي ڏري هو پنجن ڏينهن لاءِ ڪريٽ (Crete) ۾سون سان گڏ هو پنج ئي ڏينهن اسان جو پيڇو ڪيو ويو، جاسوسي ڪئي وئي ۽ پڇاڳاڇا پئي ٿي. هيرا ڪليان Heraklios ۾ جڏهن اسان نوساس Knosson گهمڻ وياسين تہ پوليس وارن اسان جي ڪار جو ٻمپر سان ٻمپر رکي پيڇو ڪيو جڏهن اسان هوٽل ۾ ماني کائڻ وياسين تڏهن هو اسان جي انتظار ۾ دڳ جهلي جڏ وڻن وانگر ڪپي وبا جڏهن اسان عجائب گهر ۾ وياسين تہ ٻه هنن ساڳي ڪار ڪئي پوءِ اسان سامهونءَ کان ايندو ڏٺو چاڪاڻ تہ هنن وٽ وائرليس سيٽ هئا جن ذريعي اطلاع ڏيئي هنن

شڪت بداي ڪئي هئي. اسان جڏ ڪو خوفناڪ خواب ڏسي رهيا هئاسين. زينيا جي هوائي اڈي تي سادي ڪپڙن ۾ حڪومت جي هڪڙي دلال منهنجي بيعزتي ڪئي. هوائي جهاز ۾ جيڪو اسان کي واپس اٽينس ڪٽي پئي آيو اسان کي پڇاڙيءَ ۾ گهٽ درجي واريون ۾ جايون ڏنيون ويون سموري سفر ۾ اسان جي سخت نگراني ڪئي ويئي. اٽينس ۾ واپس پهچي اسان کي پيراس هوٽل ۾ رڳو آرام سان رات جي ماني به کائڻ کونه ڏنائون. چاڪاڻ ته جلدئي هڪڙي پوليس واري ڪتي وانگر اڇي اسان جي پيرن ۾ ڏکاءُ ڪيو. ايتري قدر جو جڏهن اسان هڪڙي جمهورت پسند وزير جيڪو دل جي دوري سبب گذاري ويو هو. جي ڪفن دفن ۾ شرڪت ڪئي ته آتي به اسان کي هراسان ڪيو ويو. آن ڪان به وڌيڪ اهو چوڻ جي ضرورت ڪانهي ته پاپاڈوپولاس مون کي انٽرويو ڏيڻ لاءِ ڪڏهن به راضي نڪي ٿيو حالانڪ روم ۾ يونان جي سفارتخاني اهڙي رضامندي ڏيکاري هئي. ڪهڙي نه رحم جوگي حالت هئي! پاپاڈوپولاس کان اها گهالهه پڇڻ ۾ مزو ايندو ته هن جمهوريت کي ڇا سمجهيو آهي ۽ معافيءَ کي ڇا ٿو سمجهي؟

هن کي اهو ٻڌائڻ ۾ اڃا به وڌيڪ مزو ايندو ته اليڪاس جتي به ويو ٿي تيتي سندس هڪڙي قومي هيري جهڙي آجيان ۽ آدرپاءُ ڪيو ٿي ويو، گهٽين ۾ ماڻهن

جا ميڙ هين کي ڦريو ٿي ويا، پاکر ٿي پاتائونس ۽ گهٽن تہ سندس هٿ چمڻ جي کوشش ٿي ٿئي. ٽيڪسي ڊرائيور هين کي منع ٿيل هنڌن تي بہ گاڏيءَ ۾ کڻيو ٿي ويا. کار ڊرائيورن آمدورفت روکي سندس خوش آمديد ٿي ڪئي. شراب خانن ۾ بعض اوقات تہ هن کان بل بہ وصول نہ ڪيو ويندو هو. ٽورڙن لفظن ۾، تہ هرڪو ماڻهو هڪ لاءِ هو ۽ هڪ سان گڏ هو ۽ فقط آهي ماڻهو هين جي خلاف هٿ جهڪي جرنلن وٽ نوڪريءَ ۾ هٿا. ۽ مون سندس سموري غير معمولي طريقہ ڪار جي پيروي ڪئي ۽ آخرڪار آءٌ ان ڏ ڪيءَ. خلوق جو فقط ٿورو حصو سمجهي سگهيس جيڪو سندس مڪمل مقصد هو. ڪيس وڌيڪ بهتر سمجهڻ لاءِ هيٺين ڳالهين تي بہ غور ڪرڻ جي ضرورت هئي. مثال طور، سندس نفرت، ڪاوڙ، بي چيني، بيقراري ۽ امن ۽ آزادي لاءِ سندس آج، جيڪا ڪڏهن بہ پوري نٿي ٿي سگهي ۽ جيڪا ڪاوڙ، جوش، نا اميدي، نراسائي ۽ پريشاني ۽ بيپرواهم بهادريءَ سان ظاهر هئي. ساڳئي وقت حڪومت جي هڪ طاقتور ماڻهوءَ ڊيٽرائوس آيونيديز کي فون ڪري همٿايو پئي ويو تہ هن کي ڀيڙ گرفتار ڪيو وڃي.

ايڏا بہ هيئن ڪٽي چڪي تہ منجهس ڪا اوڊائيسس جهڙي حرفت ۽ اوڊائيسس جهڙي درهم برهم ڪرڻ جي غيبي قوت هئي جنهن هن کي هر ڀلوءَ ڪان حقيقت

جھڙو ڪري ٽي پيش ڪيو. ۽ سندس اکين ۾ پرجي آيل لڙڪ، جيڏي مهل هُن آرڪو پوليس ڏانهن ٽي نهاريو، جنهن کي هو هر شيءِ جي علامت ڪري ڇيندو هو. ۽ هن جي اونداهي رات جهڙي خاموشي، ماڻ ۽ سانت. ۽ سندس خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نہ ماپي، جنهن چند ڪلاڪ ن لاءِ، چند منٽن لاءِ سندس نندپڻ ياد ٽي ڏياريو. ۽ اوچتو هاراڻي کيل ۽ پاڻهي ايندڙ چرچا گهٻا. جيڪي سندس چهري جا مختلف تاثر تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. ۽ اعتبار نہ ڪرڻ جهڙي حد تائين سندس صاف دلي ۽ ڏوهن کان بيزاري، جنهن ڪري هو عورتن کي ب جواب ڏيئي ڇڏيندو هو. جڏهن هو پيار پرين فقرن سان ڪليل جنسي دعوتن سان ۽ چالاڪي يا عياريءَ واري هلت سان ڪيس پاڻ آڇيندڙيون هيون. تنهن کان سواءِ، نہ ته سندس اڳوڻن پيارن جي قصن مان ۽ نہ ئي تازن جذبن مان هُو ڪجهہ ڪنهن کي ڏيئي ٽي سگهيو: "هڪڙو سنجيدو ماڻهو ائين نٿو ڪري سگهي." شرميلو، ضدي، معتبر، هُو هڪڙي ئي ماڻهو ۾ سمايل هزارين ماڻهو، جنهن کي توهان ڪڏهن ب سمجهي نہ سگهندا. ڪيڏو نہ مزو ٽي آيو ڪانئس قتل جي واردات جي باري ۾ ٻڌندي؛ چيائين ٽي: "مون ماڻهوءَ کي مارڻ ٿي چاهيو. مون ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي مارڻ جون صلاحيتون ئي ڪونهن. مون تہ هڪڙي غدار کي مارڻ ٿي چاهيو."

انهيءَ عرصي دوران، اليڪاس پاسپورٽ لاءِ گهرُ ڪيو. پر هُن لاءِ گهربل ڪاغذات حاصل ڪرڻ ايترو آسان نہ هئا! جنهن به آفيس ۾ هن ڪاغذن لاءِ درخواست ڏني تہ آڏي ڪا نہ ڪا رنڊڪ سامهون ٿي آئي. مثال طور گنڌابا ميونسپل آفيس ۾ سندس پيدائش جو رڪارڊ ئي ڪونہ هو. اوچتو ئي اوچتو رجسٽر مان سندس نالو ئي غائب ٿي ويو. اڳيئا جو نالو هو، اسٽيفس جو نالو هو پر اليڪاس جو نالو ئي ڪونہ هو. هُو اِهو پڌي هڪ ڪوڙائڻ مائل ڪل ڪليو، تنهان ڏسو ٿا، آءٌ جائو ئي ڪونہ هوس. آءٌ ڪڏهن به ڪونہ جائو هوس." پر هڪڙي ڏينهن صبح جو سوير هو خوشيءَ ۾ نچندو ٽپندو آيو. "آءٌ جائو هوس! آءٌ جائو هوس!" ڪير چئي سگهي تہ هُن پنهنجو ارادو ڇو بدلائي ڇڏيو هو.

هڪ هفتو پوءِ، سومر جي ڏينهن، هُنن هن کي پاسپورٽ ڏنو ـــ جيڪو سفر جي هڪڙي چڪر لاءِ ڪارگر هو. ۽ ٽن ڪلاڪن کان پوءِ اسان اليطاليہ آڏام ذريعي روم ڏانهن روانا ٿي وياسين. پر تڏهن به اسان جي روانگي عام شهرين جهڙي نہ هئي. هڪ ڀرو اسان ڪسٽم عملي جي جاچ پڙتال، پوليس جي پڇاڳاڇا ۽ سامان جي چڪاس ڪرائڻ کان پوءِ جڏهن انتظارگاه ۾ پهتاسين تہ سادن ڪپڙن ۾ پوليس جو هڪڙو وڏو هجوم اسان کي وکوڙي ويو ۽ هروپرو اٽيون سٽيون

گالهيون ڪري اسان کي چڙ ڏيارڻ لڳا. تنهن ڪان پوءِ اڏام جو اعلان ٿيو ۽ اسان گيٽ نمبر ٢ تي پهتاسين. اسان جهاز تي سوار ٿيڻ جا اجازت نامه ڏيکاريا. پر هنن اسان کي پوئتي ڏکي ڇڏيو. اليڪاس پڇيو "ڇو؟" جواب ۾ خاموشي. اسان وٽ باقاعده پاسپورٽ ۽ سفر جا اجازت نامه موجود آهن ۽ اسان سڀئي قانوني گهرجون به پوريون ڪيون آهن." وري به جواب ۾ خاموشي. ٻيا سڀئي مسافر روانا ٿيا. بس ۾ ويٺا. بس مان لٿا ۽ وڃي جهاز ۾ ويٺا. هاڻي جهاز فقط اسان جي انتظار ۾ بيٺو هو. پر اسان ان تائين پهچي نٿي سگهياسين. ڪيڏي گالهه غلط هئي، سا اسان کي ڪنهن به نٿي سمجهائي ۽ نه وري جهاز جي عملي کي ئي ڪجهه ٻڌايو ٿي ويو جيڪي به اسان وانگر توائي ٿيا بيٺا هئا.

ڏهه منٽ، پندرهن منٽ، ويهه منٽ، پنجويهه منٽ، اڌ ڪلاڪ.... آخر ايا تائين به سمجهي نه سگهي هيس ته آخر ڇو اڌ ڪلاڪ گذرڻ بعد انهن اسان کي جهاز ۾ ويهڻ جي موڪل ڏني. ٿي سگهي ٿو ته هنن پياڪ سڪيورٽيءَ جي چيف کي فون ڪئي هجي. ٿي سگهي ٿو ته هنن پاپادوپولاس کي اطلاع ڪيو هجي ۽ هُن بين الاقوامي زاويه نگاه کان عين اڏام جي آخري منٽ تي روڪ کي نامناسب سمجهي اسان کي موڪلڻ جو فيصلو ڪيو هجي، پر مون کي وري ٻي گالهه به سمجهه ۾ نه ٿي آئي ۽ نه سمجهي نٿي سگهيس ته

جڏهن جهاز جا دروازا بہ بند ڪيا ويا تہ پوءِ آخر ۾ جهاز چالیهن منٽن تائين رن وي تي بيٺو هو. آن ڏينهن ڪنٽرول ٽاور ۾ بہ ڪو مسئلو ڪونہ هو ۽ هوائي اڈي تي رڳو هڪ وڏو مونجهارو هو ۽ اهو مونجهارو فقط تڏهن ختم ٿيو جڏهن هڪ ڀرو اسان اڏو ڇڏي مٿي آسمان ۾ پهتاسين، نري نري آسمان جي وسعتن ۾.

اڏڻ ۾ الڪاس جي هڪڙي هيرو ۽ هڪڙي علامت جي آڇيان جهڙو آڏو پاڻ ڪيو ويو ۽ پڻ فرانس ۾، جرمنيءَ ۾، سوئيڊن ۾ ۽ يورپ ۾ جتي هو پنهنجي جدوجهد کي زنده رکڻ لاءِ ۽ يونان ۾ آمريت جي خلاف پنهنجو ڪيس رکڻ لاءِ ويو آتي سندس شاندار استقبال ڪيو ويو. فقط آمريڪائي اهڙو ملڪ هو جنهن سندس آڇيان نہ ڪئي هنن ماڻ مٿيءَ ۾ ڪيس ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو۽ الڪاس واشنگٽن وڃڻ جا خوب پئي لڏا تہ جيئن اتي وڃي هو انهن سينيٽرن ۽ ڪانگريس جي نمائندن جا ٽورا مڃي سگهي جن سندس حياتي بچائڻ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ کين سمجهائي سگهي تہ هُو ڇو آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيو آهي. هُن کن يونيورسٽين طرفان ڏنل دعوتن ۾ پڻ شرڪت ڪرڻ پئي ڇاهي جن سندس شاعري پڙهڻ ٿي چاهي. پر جڏهن هن ويزا جي گهر ڪئي تڏهن کا شرم جهڙي ڳالهہ ٿي پئي. آڇا پورين ملان ۾ آمريڪي سفير جي ڪري ۾ ٿي. آڇ اتي موجود هيس. "تون گذريل پنج سال

ڪٿي هئين؟" نائب سفير پڇيو. "برياڻي جيل ۾!" اليڪاس حيرت مان وراڻيو. "برياڻي ڪٿي آهي؟" اڻيس ڪان پوءِ ٻيو نمبر! "ماٽري جيل! اها جاءِ جتي آءٌ پنجن سالن تائين موت جي انتظار ۾ قيد هوس!" نيٺ مون وچ ۾ پئي چيو "سائين، منهنجو خيال هو ته توهان مسٽر پاناگوليس کي سڃاڻندا هوندؤ جيڪو يونان ۾ حزب اختلاف جو هيرو آهي ۽ جنهن کي موت جي سزا ڏنل هئي پر ڪيس قاسيءَ تي ان ڪري ڪونہ چاڙهيو ويو جو سڄي دنيا جي جمهوريت پسند حڪومتن سندس بچاءُ جي اپيل ڪئي هئي جن ۾ صدر لنڊن جانسن جي ذاتي مداخلت پڻ شامل آهي. نائب سفير بنهہ هيڏو ٿي رهيو. هُن جون اکيون خوف ۽ هراس سان ڀرجي ويون ۽ هن جهپو هڻي پاسپورٽ ڪٽي ورتو ۽ جتي ويزا رکيل هو اُتي رکي چڏيائين. جيتوڻيڪ پاسپورٽ تي صحيح ٻ ڪونہ ڪيائين پر تڏهن ٻ هڪ ڪلاڪ تائين رڳو واپس ٻ نڪي ڏنائين. ۽ نيٺ هُن پاسپورٽ تڏهن واپس ڪيو جڏهن مون ڪيس درڪو ڏنو تہ يا پاسپورٽ واپس ڪر نہ تہ آءٌ اطالوي پوليس کي گهرائي قر ڪرڻ جي الزام ۾ ڪيس گرفتار ٿي ڪرايان. پر تيستائين هو پاسپورٽ جي هڪڙي صفحي تي وڏن اکرن ۾ 'رد ڪجي ٿو' Cancelled جو ٺپو هڻي چڪو هو. جڏ هُن اسان جي توهين ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو هو ۽ آها توهين اُن ڪان پوءِ ٽيندڙ ڪيترين بي‌عزتين جي

شروعات هئي. روم ۾ آمريڪي سفير مسٽر جان وولپ طرفان ٽيل توهين، جنهن منهنجي لکي موڪليل ڪيترن احتجاجن مان هڪ جو به جواب ڪونہ ڏنو. (جان وولپ اهو شخص آهي جيڪو الليءَ جي هر آن فاشست کي ويزا جاري ڪري ٿو جيڪو آمريڪا گهمڻ چاهي ٿو ۽ جنهن جا واشنگٽن سان تعلقات آهن، ويندي جارجيو آلمرنٽ سميت، جيڪو الليءَ ۾ فاشست پارٽيءَ کي ٻيهر منظم ڪري رهيو آهي.) روم ۾ آمريڪي جنرل ڪائونسل طرفان ٽيل توهين، هڪ عورت، جنهن پاناگولس کي هڪ توهين آميز خط لکيو هو، جنهن ۾ هُن نائب سفير جي برتاءُ جي پٽيرائي ۽ واکاڻ ڪئي هئي. هُن اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته هڪڙي اهڙي شخص کي ويزا هرگز نٿو ملي سگهي جنهن ملڪ جي سربراهه جي حياتي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. تنهنڪري اهڙو شخص جيڪو بين‌الاقوامي سفرن تي فلاڻن فلاڻن قانونن تحت امن ۾ وگهوڙ وجهڻ جو ڏوهاري هجي، تنهن کي ڪيئن ٿو ويزا ملي سگهي! جنهن جو مطلب آهي ته مسٽر پاناگولس "اخلاقي ڪميٽائپ" جو ڏوهه ڪيو آهي. خود هينري ڪسينجر طرفان ٽيل توهين، جيڪو ذاتي طرح ويزا ڏيڻ کان لهرائي ويو، جيتوڻيڪ ڪيترن سينيٽرن ۽ ڪانگريس جي نمائندن اِن سلسلي ۾ مداخلت به ڪئي هئي آهي ۽ اهڙن بين سڀني طرفان ٽيل توهينون، جيڪي

هينري ڪسينجر ۽ سندس سفيرن وانگيان آمرن سان هٿ ۾ هٿ ته ملائڻ ڏانهن پر انهن سان وڙهڻ کي "اخلاقي ڪميٽائپ" تصور ڪن ٿا.

اُن کان پوءِ ڪيتريول ئي گالهيون ٿيون آهن. نومبر ۱۹۷۳ع ۾ آمريت خلاف مزاحمت ڪرڻ وارن کي پنهنجو آواز پاليٽيڪنڪ اداري جي باغي شاگردن ۾ پڻ ٻڌڻ ۾ آيو. اُن آواز ۾ ايتري تہ قوت هئي جو اُن کي فقط موت ئي مات ڪرائي سگهيو ٿي. نتيجي طور پاپادوپولاس جو اقتدار تہ پورو ٿيو، پر سندس جاءِ اچا به وڌيڪ بدڪار، ظالم ۽ جابر ورتي. آيونيڊيز جي اڳواڻيءَ هيٺ نون ڪرنلن ۽ جرنلن پاپادوپولاس کان به وڌيڪ وڌي چڙهي ظلم ۽ ستم جاري رکيو: سائپرس جي فتح، آرچبشاپ ميڪاراس جو قتل، ترڪيءَ سان جنگ جي فضا جو جوڳو بندوبست ڪرڻ، گهٽن ڪرنلن تي زور پريو ويو تہ هو استعيفائون ڏين، ۽ پوءِ جڏهن ڪاراميناس موٽيو تہ جمهوريت به وري آئي. اليڪاس انليءَ کي مرڪز بنائي پنهنجي جدوجهد جاري رکي، تانجو جولاءِ ۱۹۷۴ع ۾ آخرڪار پنهنجي وطن موٽڻ جي لائق ٿيو. آمريت جڏهن اچا پاور ۾ هئي تڏهن به هُن ڪيترائي گڇها چڪر لڳايا هٿا، پر هُن بانائده وطن موٽڻ لاءِ ۱۳- آگسٽ واري ڏينهن جو انتخاب ڪيو جڏهن سندس پاران پاپادوپولاس تي ٽيل قاتلانہ حملي جي سالگره جو ڏينهن هو.

ٽي مهينا پوءِ ۱۷ تاريخ نومبر ۱۹۷۴ع تي هُو يونان جي پارليامينٽ جو ڊپٽي چونڊيو ويو. هيءَ آهائي اُن ورسيءَ جي يادگار تاريخ هئي جنهن تي ڪيس ڪاسيءَ جي سزا ڏيڻ ويئي هئي. سينٽر پارٽي جي يونين جي پن مٽ سيمبرن سان گڏ هُو حزب اختلاف ۾ ويهي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. سياسي سرگرمين سان گڏ سندس ادب سنجيدگيءَ سان لڳاءُ جو پتو سندس شاعريءَ جي مجموعي "آءٌ يونان جي هڪ جيل مان لکان ٿو" مان به لڳائي سگهجي ٿو. اليڪاس هڪ نئين دنيا ۾ داخل ٿيو هو جنهن جي گرين ذميوارين ڪيس وڏيڪ ڪشادو ۽ پختو بنائي ڇڏيو هو. (ڪنهن ڏينهن، ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس اعليٰ رتبي جي ڪهاڙي ڏيڻ پوندي ته ڪيئن هُن اڳوڻي آمر پاپاڊوپولاس تي قاتلانه حملو ڪيو ۽ ڪيئن ڪيس موت جي سزا کي منهن ڏيڻو پيو هو. اليڪاس بحث ڪندي چيو هو ته اهڙو حڪم فقط تڏهن ڏيئي سگهجي ٿو جڏهن ڪو ماڻهو شهرين جي آزاديءَ ۽ رندڪ وجهندو هجي، جيڪو سندن اخلاقي حق آهي. سندن فرض آهي ته هو اُن لاءِ فرياديءَ، جج ۽ وڪيل طور پيش ٿين. ۽ جڏهن آزادي حاصل ٿي ويندي تڏهن ماڻهوءَ کي مارڻ جو عمل فقط ذاتي انتقام جي نتيجي طور ئي ٿي سگهندو.)

مون هي انٽرويو، جيڪو هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي سو به سندس گڏجڻ ڪرن لڳائڻ مهل

سائس ملي مڪمل ڪيو هو. ان سان گڏ آڳ اهو به سمجهائڻ چاهيان تي ته مون فقط انهن ماڻهن کي چو ڪوليو آهي جيڪي طاقت جي خلاف آهن ۽ ان سان وڙهن ٿا. ۽ هي آهي انٽرويو، جيڪو مون اليگزينڊراس پاناگولس کان ۱۹۷۳ع جي پڇاڙيءَ ۾ ورتو هو، جڏهن اسان پهريون پيرو هليا هئاسون، هي انٽرويو پڙهڻ مهل هيءَ گالهه ضرور ذهن ۾ رکڻ ڪپي ته اهو انٽرويو سندس آزاديءَ کان فقط ٻه ڏينهن پوءِ ورتو ويو هو ۽ اوڏيءَ مهل اهڙي ماڻهوءَ کي تمام گهڻو ڪجهه ٻڌائڻو هوندو آهي. شايد ائين چوڻ چريائپ ٿيندي، پر آڳ چوڻ چاهيان ٿي، ڪيئن به هجي، ته هُن کي ايڏا تائين به تمام گهڻو ڪجهه چوڻو آهي.

ڪهڙي لحاظ کان، سا ته مون کي خبر ناهي، پر سچ پچ ته مون کي اهو ڏهرائڻو ٿو پوي ۽ اهو آهي به ائين صحيح ته سياست هن جي قابل شخصيت جو صرف هڪڙو پهلو آهي. ۽ مون کي ڪوبه تعجب نه ٿيندو جيڪڏهن سندس سرگرمين کي ڪنهن موڙ تي ڪجهه مشڪلاتون برداشت ڪرڻيون پيون. اهو سچ آهي ته هُن تي اڳواڻ ۽ وڏ ماڻهوپيءَ جا ٽُپا لڳل آهن، جن کي هو ڪڏهن به ڏوئي مٽائي نه سگهندو. پر هُن جو صحيح، سچو ۽ معتبر رشتو ادب سان هو، هن جي صحيح ۽ سچي نس شاعراڻي نس هئي ۽ اهو محض اتفاق نه ٿيندو جيڪڏهن ڏُو هي مشهور قول ڏهرائڻ چاهي

تہ "سياست فرض آهي ۽ شاعري ضرورت آهي." هڪ اهڙي غيب ۾، جنهن ۾ هو مڪمل طرح ويڙهيو پيو آهي ۽ جيڪو هميشه ڪيس ويڙهيو پيو هوندو، منهنجي نظر ۾، مون کي ان ڏنڊ مان فقط هڪڙي شيءِ صاف ۽ چٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي: هي اها شيءِ ڪڏهن به حاصل ڪري نہ سگهندو جنهن جي تلاش ۾ هو آهي. چاڪاڻ تہ جنهن شيءِ جي گولا ۾ هو آهي تنهن جو وجود ئي ڪونهي. اهو هڪڙو خواب آهي جنهن کي آزادي چيو وڃي ٿو، جنهن کي انصاف چيو وڃي ٿو. ۽ رڳو سان، پٽڻ سان يا تڪليف سهڻ سان اسان فقط گولا جاري رکي سگهون ٿا ۽ رڳو پنهنجو پاڻ کي بهلائڻ لاءِ تہ ائين چئي سگهون ٿا تہ پلي کا شيءِ وجود نہ ۾ رکندي ڏجي پر جي کو جاکوڙ ڪري تہ ان کي ايجاد ڪري سگهي ٿو! چا خدا کي گولاڻ ۾ آن سان اسان جو ساڳيو رويو ناهي؟ چا، شايد اهو انسان جي تقدير ۾ نہ آهي تہ هو آهو ڪجهہ ايجاد ڪري سگهي، جيڪو وجود ئي نٿو رکي ۽ خوابن مان وڌي سگهي؟

اوريانا فلاسي: اليڪاس، توهان اڄ به خوش نٿا ڏسجو. پر آخر ڇو؟ آخرڪار توهان آن دوزخ مان هاڻي تہ آزاد ٿي چڪا آهيو ۽ پوءِ خوش نہ آهيو؟

اليگزينڊر پانا گولس: نہ، آءٌ خوش نہ آهيان. مون کي خبر آهي تہ توهان کي مون تي اعتبار نٿو اچي، ۽ مون کي اها به خبر آهي تہ توهان کي اهو ناممڪن پيو

لڳي. پر آڻ خوشيءَ کان وڌيڪ عذاب ۾ مبتلا آهيان، خوشيءَ کان وڌيڪ غمگين آهيان. آڻ محسوس ٿيو ڪريان تہ مون خوشيءَ جو ڏينهن Sunday ڏاڍيو آهي. جڏهن مون ٻين کولين ۾ موجود قيدين جا خوشيءَ وچان نعرا ٻڌا ۽ مون کي انهن نعرن جي سبب جي خبر نہ هئي پر سوچيم: اهو ضرور عام معافيءَ جي ڪري ٿيو آهي. پاپاڊو پولاس عام معافيءَ جو اعلان ڪري پنهنجي سڀائيءَ جو ڏڻهو ٿيو گهمائي تہ جيئن گرجا کانئس خوش ٿئي. هن کان پوءِ هو ڪجهہ گهٽ ڊپ محسوس ڪندو، يا هيئن ڪٽي ڇڏي تہ هو هاڻ گهٽ ڊڄڻ جو ڏيکارو ڪندو. اسان قيدين منجهان ڪن کي آزاد ڪرڻ جي عمل کي مون کا گهٽي اهميت ڪانہ ٿي ڏني. مون سمجهيو هو "اسان مان ڪجهہ قيدي"، جو مون پاڻ بابت تہ سوچيو ئي ڪونہ هو تہ ڪو هو مون کي ۽ آزاد ڪندو. ۽ جڏهن مون پاڻ کي سوير جي صبح جو جيل کان ٻاهر آزاد ڏٺو تہ مون کي ڪابہ خوشي ڪانہ ٿي. ذرو ۽ نہ. مون پاڻ ئي پاڻ کي چيو تہ جيڪڏهن هُن مون کي پڻ آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي تہ ٺيڪ آهي. آن جو مطلب آهي تہ هن جو منصوبو ماڻهن کي گهٽو متوجهہ ڪرڻ جو آهي. ان جو مطلب آهي تہ هو انهن ماڻهن جي لسٽ ڇاڻ چاهي ٿو جيڪي قانون جي دائري اندر رهي سندس حمايت ڪن ۽ سندس ڀاڻن مخالفن

کي قائل ڪرڻ چاهي ٿو. منهنجي ڪوليءَ ۾ اچي جيل جي آفيسر منهنجي معافي جو اعلان ڪيو. "پاناگولس، توکي معافي ملي آهي." مون چيو "معافيءَ مان توهان جي ڪهڙي مراد آهي؟ مون ڪنهن کي به معافيءَ لاءِ ڪونه چيو هو." مون وري چيو "توهان جلد ئي اهو ڏسندؤ ته مون کي جيل ۾ سوکاڻ ته آسان آهي پر ٻاهر ڪيئن ڏاڍو ڏکيو آهي. اُن کان اڳ جو آءٌ 'ايري ٽري' پهچان، توهان مون کي ٻهر جيل ۾ وجهندؤ." ايري ٽري اٽينس جي هڪڙي گوٺ جو نالو آهي.

اوريانا فلاسي: چا واقعي توهان ڏُن کي اهو نالو ٻڌايو هو؟

پاناگولس: يقيناً. پر اُن کان وڌيڪ آءٌ ڇُپي به چا ٿي سگهيس. يا چا شايد ، مون کي هيئن چوڻ ڪهڙو هو ته توهان جا لک قربٽ، وڏي مهرباني، محترم پانادوپولاس کي منهنجا سلام چئجو؟ تنهن کان سواءِ اڳاري جو ڏينهن ڏاڍو خراب ثابت ٿيو. توهان کي خبر آهي ته قيدين لاءِ عام معافيءَ جي حڪمنامي پڙهڻ جو هڪڙو خاص طريقوءِ ڪار ٿئي ٿو ــ ٿئي هيئن ٿو جو پوليس عملو کي جشن ملهائڻ وانگر هٿياربند ٿي اچي ٿو ۽ ٻاڻ وري اٽينشن ۾ بيهي پنهنجي چُستيءَ جو مظاهرو ڪن ٿا، ۽ اهڙي طرح شام ڏاري پراسيڪيوٽر نڪولوڊيمس جشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پهچي. هو مون کي

منهنجي ڪوليءَ مان ڪيي جيل آفيسر جي ڪوارٽر اڳيان وڃي آيا، جتي سڀ ماڻهو ويٺا هئا جيئن عام طرح ٿيندو آهي. منهنجي نظر اتي پيل هڪڙي خالي ڪرسيءَ تي پوي ٿي ۽ آءٌ هڪدم اُن تي ويهي رهان ٿو. منهنجي ڪرسيءَ تي ويهڻ سان سڄي ماحول تي خوف، هراس ۽ تجسس واري فضا چانڪجي ويئي. پانا گولس! اتي بيهه!" نڪولوديمس حڪم ڪيو. "چو اتي بيهان؟" مون جواب ڏنو "توهان کي ڪاغذ جي هڪڙي ٽڪري پڙهڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي آهي؟ جنهن کي توهان حڪمرانن ٿا چئو سو منهنجي لاءِ هڪڙي ڪرنل طرفان موڪليل فقط ڪاغذ جو ٽڪر ٿو لڳي. نہ، آءٌ ڪونہ اتي بيهندس. ڪڏهن بہ نہ." ۽ آءٌ ويٺو ئي رهيس. ٻيا سڀئي بيٺا رهيا ۽ ڪڙا تڙا ڦڙت ٿيو ويٺا هئا، فقط آءٌ ئي ويٺو هوس. آءٌ آهستي ڪرسي ڪڏهن بہ ڪونہ چڏيان ها توڙي جو هو مون کي ڇترا ڇترا ڪري چڏين ها. هنن سڀني کي جشن ملهائڻو هو ۽ آءٌ ٽنگ تي چاڙهيو ويٺو هوس. مون هڪ سنٽ بہ کين ڇڙائڻ بند نہ ڪيو. تقريباً ۲ ڪلاڪ منجهند جو جڏهن ليفٽيننٽ ڪرنل مون کي اٺارڻ آيو هو تڏهن بہ مون مٿس ٽڪولي ڪئي هئي. "پانا گولس، تون آزاد آهين، اتي پنهنجو سامان سنڀال." هُن چيو. مون چيومانس "آءٌ ڪابہ شيءِ ڪونہ ڪٽندس. اهي سڀ توهان پاڻ ئي ڪٽي هلو. مون تہ توهان کي چڏڻ لاءِ ڪونہ چيو هو."

اوريانا فلاسي: پوءِ هن چا چيو؟

پانا گولس: آ، هُن ب آها ئي گهڻيءَ ڪئي، جيڪا پيا ب چوندا آهن. "توهان هڪ پيرو باهر نڪرو، پوءِ ائين ڪونہ چوندا. ٿوري آسائش ۽ ڪندؤ تہ پوءِ پنهنجو ذهن ب ڦيرائي وڃندؤ." تنهن ڪان پوءِ هنن منهنجون پيتيون ۽ ٽيلها ڪنيا ۽ ٻاهر وانگر سمورو ساماڻ ڪٽي جيل جي دروازي تائين آيا. اهو منظر منهنجي لاءِ ڏاڍو فرحت بخش هو جيڏي مهل هو منهنجا ٽيلها مزورن وانگر ڪنيو پئي هليا ۽ انهن ٽيلهن مان هڪ ہ مون منهنجو تازو لکيل ڪلام ۽ نندڙيون ڪارايون لڪائي رکيون هيون جن ڪان آڳ جيل جي شيخن ڪٽڻ جو ڪم وڃندو هوس. ڏسڻ ہ آهي پتڪڙيون ڪارايون هٿ ڪيون هيون، پر پوءِ ب هميشه آڳ اهي ٻيهر هٿ ڪري وڃڻو هوس ۽ جڏهن مون ٻوياڻي جيل ڇڏيو پئي تڏهن ب مون وٽ ڏهہ ڪارايون هيون. آهي مون وٽ اجهو هتي رکيون هيون، هيڏانهن ڏس. ۽ پئي ٻيري".... مون کي انهن مان هميشه اها ئي اميد آهي تہ هو واپس ايندا ۽ مون کي ٻهر اتي وڃي ويندا. ۽ توهان چاهيو ٿا تہ مون کي خوش ٿيڻ ڪپي!

ا-ف: ۽ انهيءَ سموري روئيداد جي باوجود ب توهان هڪڙو ٻاهر هئا ۽ توهان چمڪندڙ سج ڏٺو، توهان پنهنجي ماءُ کي ڏٺو. اهو سڀڪجهہ توهان لاءِ ضرور

حيرت انگيز هوندو؟

اپ: اهو سڀ ڪجهه ايترو حيرت انگيز نه هو. بس اهو ائين هو جڏهن منهنجي ديد ختم ٿي رهي هجي. گهٽا سال ٿيا، جڏهن آءٌ اُن پٿرياري قبرڪان ٻاهر نڪتو هوس. تمام گهٽا سال ٿيا جڏهن مون سڄ ڏٺو هو ۽ ڪاميل فضا ڏٺي هئي. مون کي اهو وسري ويو هو ته سڄ ڪنهن جهڙو ٿيندو آهي. سو جڏهن ٻاهر نڪتس ته تمام تيز چمڪندڙ سڄ هو. جڏهن مون تي سڄ جي روشني پئي تڏهن مون کي پنهنجون اکيون بند ڪرڻيون پيون. پوءِ وري مون اکيون کوليون، پر تمام ٿورڙيون ۽ اڌ ڪاميل اکين سان آءٌ اڳتي وڌڻ لڳس. ۽ اڳتي وڌندي مون کي ڪاميل فضا جي خبر پئي. مون کي گهڻو ياد نه رهيو هو ته فضا ڪنهن جهڙي هئي. جو ته منهنجي ڪولي فقط ٻي ميٽر ڊگهي ۽ ڏيڍ ميٽر ويڪري ڪشادي هئي ۽ آءٌ مشڪل سان ايائي قدم يا لاچار ٻي قدم کڻي ٿي سگهيس. سو جڏهن ٻيهر ڪاميل فضا ۾ پهتس ته مون کي چڪر اچڻ لڳا ۽ متو ڦرڻ لڳو. مون پنهنجو پاڻ کي چرخيءَ وانگر چوڌاري ڦرندي محسوس ڪيو ۽ آءٌ ٽاڻڻ لڳس ۽ ذري گهٽ مرگهو ڪريس ٿي. تنهن کان سواءِ ايا تائين به، جيڪڏهن آءٌ هڪ ميٽرن کان وڌيڪ پنڌ ڪريان ٿو ته ٽڪجيو پوان ۽ بلڪل ماڻهو ٿيو رهان.

نہ ، اهو حيرت انگيز نہ هو، مون کي اِن گالهه جي پرواهه ناهي جيڪڏهن توهان کي اعتبار نٿو اچي. يا ڇا آن جي پرواهه ڪريان ٿو ۽ دل ۾ نٿو ڪريان. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ جيئن آڇا آن سچ جي آس ۾ اڳتي وڌان ، باهرئين ماحول ۾ اڳتي وڌان . ۽ پوءِ مون کي هڪڙو ڪ'رو ٽپڪو ڏسڻ ۾ آيو. اهو ڪارو ٽپڪو ماڻهن جو ميڙ هو. ماڻهن جي آن ميڙ مان هڪڙي ڪ'اري شڪل الڳ ٿي ۽ سون ڏانهن وڌڻ لڳي. آهستي آهستي آها شڪل منهنجي ماءُ ۾ تبديل ٿي ويئي. منهنجي ماءُ جي پٺيان هڪڙي ٻي شڪل پڻ الڳ ٿي ۽ آهستي آهستي آها بہ مون ڏانهن وڌڻ لڳي. آها شڪل آهستي آهستي مسز مينڊيلا راس ۾ تبديل ٿي ويئي ، جيڪا نڪوفو راس مينڊيلا راس جي بيواهه هئي ، جنهن کي فوجي ڪرنلن قتل ڪيو هو ، اسان کي ڀاڪر پاتا ۽ مسز مينڊيلا راس کي بہ ڀاڪر پاتم ۽ پوءِ .....

اـف ـ: ۽ پوءِ توهان دانهن ڪئي يا رنا؟

اـپ ـ: نہ ، نہ مون ڪا دانهن ڪئي ۽ نڪوئي منهنجي ماءُ رني. اسان آهي ماڻهو آهيون جيڪي روئندا رڙندا نہ آهن. جيڪڏهن اتفاق سان اسان کان دانهن نڪريو بہ وڃي تہ بہ اسان ٻين ماڻهن جي ساهون نہ روئندا آهيون. گذريل پنجن سالن ۾ آڇا فقط بہ ڀيرا رنو هوس: جڏهن هڪڙن جارڻيجز کي قتل ڪيو هو ۽

پيو پيرو جڏهن هُنن مون کي بابا جي موت جي خبر پڌائي هئي. پر کنهن به مون کي روئندي نه ڏٺو هو— آءٌ پنهنجي کولي۽ ۾ اندر هوس ۽ تڏهن .... ۽ تڏهن پيو ڪير به ڪونہ هو. آءٌ اسان، مسز مينڊيلاراس ۽ اسان جي وڪيل سان گڏجي گهر ويس. گهر تمام گهٽا دوست گڏ ٿيا ويٺا هئا. آءٌ صبح جو ٦ وڳي تائين پنهنجن يارن دوستن سان ويٺو هوس، تنهن کان پوءِ آءٌ بستري ڏانهن ويس. منهنجي پنهنجي بستري ڏانهن، مون کان اهو نہ پڇو تہ منهنجي پنهنجي بستري تي سمهندي آءٌ ڇُرڪيو پريو يا نہ هوس يا نہ. پو تہ سمهڻ کان پوءِ مون کي ڪابہ خبر ڪابہ هئي.

اوهين توهان کي خبر هئڻ کپي تہ آءٌ بيحس ناهيان! آءٌ بيحس ناهيان! پر آءٌ پڇي پڪو ٿي ويو آهيان. تمام گهٽو پڪو. ۽ توهان اُن ماڻهوءَ مان اِن کان وڌيڪ هي ڪهڙي توقع رکي سگهو ٿا جيڪو هڪڙي پٿريلي قبر ۾ پنجن سالن لاءِ زنده دفن هجي ۽ جنهن سان دنيا جو ڪوبہ رابطو نہ هجي. سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي کولي۽ ۾ اچي ڪيس مارڪٽ ڪندا هئا، سندس بيعزتي ڪندا هئا، ڪيس عذاب ڏيندا هئا ۽ ڪيس قتل ڪرڻ جي به ڪوشش ڪندا هئا؟ اهو سچ آهي تہ هنن مون کي قاسي۽ جي سزا پڌائڻ جي باوجود به قاسي۽ تي نہ چاڙهيو هو. پر اهو به سچ آهي تہ هُنن مون کي ماڳهئي نموني ۾ ئي دفن ڪري ڇڏيو

هو، مئل نہ پر جيئرو دفن ڪري ڇڏيو هو. ۽ انهيءَ لاءِ مون کي انهن لاءِ نفرت آهي. ڇاڪاڻ ته مون قاتلانہ حملو ڪيو هو تنهنڪري مون کي قاسيءَ تي چڙهڻ ته سنڊن حق هو. پر ڪين اهو حق ڪنهن ڏنو هو ته هو مون کي مئل بدران جيئرو دفن ڪن؟ اهوئي سبب آهي جو مون وٽ انهن مسخرن لاءِ سواءِ حقارت، ڏڪار ۽ نفرت جي ٻيو ڪجهہ ڪونهي جن هاڻي مون کي پنهنجي ٻستري تي سمهڻ جي اجازت ڏني آهي.

ا-ف: ايڪاس، هاڻي ته توهان اهڙيون گالهيون نہ ڪريو، ڇا توهان ٻيهر جيل وڃڻ چاهيو ٿا؟

ا-پ: جيڪڏهن اسان شين کي دلبلن سان ڏسڻ چاهيون ها، تہ پوءِ سڄ پڄ مون کي ايري ٽري پڇڻ کان اڳ ٻيهر واپس ڪڇي وڃڻ ڪپندو هو. آءٌ ٻيهر واپس جيل وڃڻ لاءِ هردم تيار آهيان. هن گهڙيءَ کان وٺي ڪيڏي مهل ٻہ. آءٌ ڪلهہ ٻہ تيار هوس، ڏينهن ٻہ تيار هوس. پر اوڏيءَ مهل ٻہ تيار هوس، جنهن مهل مون پهريون قدم سڄ جي روشنيءَ ۾ رکيو هو جنهن سان منهنجون اکيون پورجي ويون هيون. پر آءٌ توهان کي هڪڙي ٻي گالهہ ٻڌائيندس: جيڪڏهن منهنجي ٻيهر جيل وڃڻ سان ڪا ڇڪي گالهہ ٽئي ٿي تہ پوءِ مون کي جيل ويندي خوشي ٿيندي. هاڻ ڏسڻو هي آهي تہ هو مون کي ڪهڙي سبب جي ڪري جيل موڪلينداٿ؟ آءٌ پن ماڻهن کي يا توهان کي ڪهڙو

سبب ٻڌايان؟ پر هڪڙي جمهوري حڪومت ۾ ڇا اهو منهنجو حق ناهي تہ آءٌ جيڪو ڪجهہ سوچيان ٿو سو چئي سگهان؟ ڇا پاپاڊوپولاس اهڙا گالهہ زور ڏيئي نٿو چوي تہ يونان ۾ جمهوريت آهي؟ پاپاڊوپولاس کي باهر رکڻ ۾ ڪيترائي مفاد آهن تہ جيئن هو دنيا کي ڏيکاري سگهي تہ آءٌ جيڪي ڪجهہ چوان ٿو تنهن جي مون کي پرواه ناهي، پر جيڪڏهن هي مون کي مان مٿيءَ ۾ نقصان پهچائڻ چاهي ٿو تہ پوءِ ڪيس سازشن جو ڪو وڏو جار وڇائڻو پوندو. پر اهڙا ڪوشش هُن اڳي ۾ ڪري ڏٺي آهي ۽ هاڻي ۾ پلي ڪري ڏسي.

منهنجي آزاديءَ جي ٻئي ڏينهن هڪڙو نوجوان مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ آءٌ شاگرد آهيان، حالانڪ سندس وارن جي ڪٽائيءَ مان هو ملٽري پوليس جو ماڻهو ٿي لڳو. هُن مون کي ٻڌايو تہ پاڻ هڪڙي آمريڪيءَ کي قتل ڪيو اٽائين جنهن ڪجهہ وقت اڳ پاناگولس کي آزاد ڪرڻ لاءِ ضمانت ڏني هئي، ۽ پوءِ مون کان ڪجهہ مشين گنون گهريائين. مون هُن کي گاريون ۽ ڏڪا ڏيئي باهر ڪيڊي ڇڏيو ۽ پـوءِ هڪدم ملٽري پوليس کي فون ڪيم. مون ان چيف سان، فون ملائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو مون کي عذاب رسائيندڙ مان هڪ هو، پر هو باهر ويل هو: تنهنڪري مون سندس سيڪريٽري کي چيو تہ "چيف کي ٻڌائي ڇڏ تہ جيڪڏهن هُن وري ٻيو ڪو ٻنهنجو

دلال يا چنل مون ڏانهن موڪليو تہ آءٌ ڪيس ماري ماري دنبو بنائي چڏيندس." اوهہ، منهنجا خدا! هو مون کان جيل ۾ جڏهن کو راز وڏي نہ سگهيا ــ تڏهن ٿورو سوچيو تہ سهي، هتي هي مون کان چا ٿا حاصل ڪري سگهن!

ا ـ ف: ايڪاس، چا توکي پنهنجي مارجي وڃڻ جو ڪو ڊپ ناهي؟

ا ـ پ: مرڻ جي ڪنهن کي خبر آهي؟ پر هينئر هو پاڻ کي آزادي پسند ۽ جمهوريت پسند ڏيکارڻ پيا چاهين تنهنڪري هن موقعي تي مون کي مارڻ مان ڪين کو فائدو ڪونہ رسندو. پر آهي مون کي مارڻ بابت هميشہ کان سوچيندا رهيا آهن، مارچ ۱۹۷۰ع ۾ پوليڪارپاس جارجيوغيجز جي قتل کان هڪدم پوءِ، جيڪو سائپرس جي آزاديءَ جي جنگ جو هيرو هو ۽ آرچبشاپ مڪاريوس جو وزير هو، تنهن مون کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي: شام جا انڪل ست ٿيا هئا ۽ منهنجي ڪيل نئين بڪ هڙتال جو پنجون ڏينهن هو. بلڪل اوچتو مون سيٽي جو آواز ٻڌو ۽ منهنجي ڪکن واري گاديلي کي باهہ ڏيکوڙي ويئي. مون پنهنجو پاڻ کي گاديلي تان فرش تي ڪيرايو، مون سڏ واڪا ڪيا: قاتلو، حرامزادؤ، سوئرؤ، در کوليو، پر هڪ ڪلاڪ کان گهٽي دير پوءِ هُنن مون کي باهر ڪڍيو يا ائين ڪٽي چڄي تہ هنن در کوليو. سچي هڪ ڪلاڪ

تائين گاديلو سڙندو رهيو ۽ سڙندو رهيو ۽ پوءِ آڳ وڌيڪ ڪجهه ۾ ڏسي نه سگهيس. آڳ سامهم ۾ ڪٽي نٿي سگهيس. جڏهن جيل جو ڊاڪٽر آيو، هڪ نوجوان سيڪنڊ ليفٽيننٽ ڊاڪٽر، تيڏيءَ مهل آڳ اڏ سئو ٽي ڇڪو هوس.

جيئن سون کي پوءِ خبر پئي، ڊاڪٽر سون کي اسپتال کڻي وڃڻ پئي ڇاهيو، پر هنن اجازت نه ڏني. ۽ ان ڏينهن تائين آڳ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ پنهنجي ڪوليءَ ۾ پيو هوس. ڊاڪٽر منهنجي حياتي بچائڻ لاءِ انتهائي جاکوڙ ڪئي ۽ نيٺ سون کي اسپتال ۾ کڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اسپتال جي انتظاميه جي ماڻهن ڏاڍي بي پرواهي ڏيکاري. آڳ ذري ذري بيهوش ٿي ٿي ويس ۽ بلڪل گهٻلهائي نٿي سگهيس. ڇو ته منهنجي نڙيءَ ۾ زخم ٿي پيا هئا ۽ سون کي سامهم کڻڻ ۾ ڏاڍي تڪليف پئي ٿي. ۴۸ ڪلاڪن کان پوءِ اهو نوجوان ڊاڪٽر ٻين تجربيڪار ميڊيڪل آفيسرن کي وٺي سون وٽ آيو. هو سون کي اهڙي تشويشناڪ حالت ۾ ڏسي جيل انتظاميه تي اصل ڇتا ٿي پيا. ميڊيڪل آفيسرن جي چيف ڇيو ته هن کي اهڙي حالت ۾ کوليءَ ۾ رکڻ ناقابل معافي ڏوهم آهي. ۽ پنهنجي بالا عملدارن کي فون ڪري وٺن سخت احتجاج ڪيائين. جيڪڏهن اهو سچ آهي، جيڪو سون پوءِ ٻڌو هو ته هُن هٿياربند فوج جي ڪمانڊر انچيف اوبائيسس اينجلز کي پڻ گهرايو

جيڪو هاڻ نامنهاد جمهوريت جو نائب صدر آهي. ڊاڪٽر ڪيس ٻڌايو تہ جيل جي عملي هن کي اسپتال ۾ موڪلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو جيڪو هڪڙو غيرانساني ڏوهہ جهڙو قدم آهي ۽ آءٌ اُن عمل جي سخت مذمت ڪندس. ۽ اُها انهن ڊاڪٽرن جي وڏي مهرباني جو هو مون کي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. اسپتال ۾ تجزيئي بعد هنن ڏنو تہ منهنجي رت ۾ ۹۲ سيڪڙو ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ موجود آهي ۽ پڌرو ڪيائون تہ آءٌ بن ڪلاڪن کان وڌيڪ جيئرو رهي نہ سگهندس. پر جيڪڏهن ڪيئن بہ ڪري بن ڪلاڪن بعد بہ زنده رهيس تہ بہ بچي نہ سگهندس. ۽ .... پر توهان کي خبر آهي هنن ٽيوڊوراڪس کي چو آزاد ڪيو هو؟

ا-ف: ٽيوڊوراڪس؟ نہ، مون کي خبر ناهي.

ا-پ: ڇاڪاڻ تہ آءٌ بلڪل سرڻ تي هوس. هڪڙو فرينچ قوم جو ماڻهو اٽينس ۾ موجود هو، اهو هو سروان-شريبر. ائين ٻڌي ڏڻ ۾ آيو ڇڻ هو مون کي وڏي وڃڻ لاءِ آيو هو. هو مون کي سروان جي حوالي تہ ڪونہ ڪن ها، توڙي جو آءٌ ٽيڪ بہ هجان ها. ۽ تنهن کان سواءِ اها بہ حقيقت هئي تہ مون کي مارڻ واري سندن ڪوشش ۾ آءٌ اڌ مئو ٿي چڪو هوس، تنهنڪري ان اميد سان تہ مڪمل سڃي سازش

منهنجي موت سان ختم ٿي ويندي، تنهنڪري هُنن ٿيوڊورا ڪس کي ڪٽي سروان جي حوالي ڪيو ۽ ڪيس آزاد ڪري ڇڏيائون. مذاق، آهي نہ عجب قسم جو مذاق؟ منهنجو اهو مطلب نہ آهي تہ ڪو ٿيوڊورا ڪس جي آزاد ٿيڻ ۾ آڳ خوش ڪونہ هوس. هن ہ جيل ۾ تمام گهٽيون سختيون سٺيون هيون. پر.... پوءِ ہ ڪهاڻي تہ اڃا تائين ہ ڪل جهڙي آهي نہ!

ا ـ ف: واقعي دلچسپ ڪهاڻي آهي، پر توهان اهو ڪيئن ٿابت ڪندؤ تہ هنن توهان کي قتل ڪرڻ ٿي چاهيو؟

ا ـ پ: ڪجهہ ڏينهن اڳ هو منهنجو گاديلو صفائي ۽ جيوڙن مار دوائن لڳائڻ لاءِ ڪٽي ويا هئا. ٽن يا چئن مهينن ۾ ورلي ڪو هڪڙو ٻيرو ائين ڪيو ويندو هو. جڏهن هُنن گاديلو واپس ڪوليءَ ۾ آندو تڏهن هڪڙو پهريدار سون وٺ آيو. اهو پهريدار منهنجو دوست ٿي ويو هو. پهريدار پڇيو "اليڪاس، ڇا توهان گاديلي ۾ ڪجهہ لڪائي رکيو آهي؟" "نہ، ڪجهہ ہ نہ. ڇو؟" سون جواب ڏنو. "ڇاڪاڻ تہ سون ڪارپورل ڪاراڪاس کي ڪجهہ گاديلي اندر گهوليندي ڏٺو هو،" اوڏيءَ مهل تہ سون ان معاملي کي گهٽي اهميت ڪانہ ڏني پر پوءِ جڏهن گاديلي کي باهہ لڳي هئي تڏهن هڪڙي ڳالهہ جيڪا سون کي سمجهہ ۾

آئي سا هيءُ تہ هُنن ضرور فاسفورس يا پلاسٽڪ يا اڃا ڪا ٻي شيءِ آن ۾ وجهي ڇڏي هئي. ۽ آن وقت جيڪو پهريون نالو منهنجي ذهن تي آيو هو سو هو ڪاراڪاساس. اهو صاف ظاهر آهي تہ هو مون کي پاڻ کي باهم ڏيئي مارڻ جي ڪوشش ۾ ڦاسائين ها. پر جڏهن مون کين ياد ڏياريو تہ پيلي توهان تہ ڇهن ڏينهن کان منهنجا سگريٽ ۽ ماچيس ٻہ ڪٽي ويا آهيو، تڏهن هنن قبول ڪيو تہ اسين ٻہ تڪليف ۾ هئاسون تہ آخر باهم ڇو ڪونہ لڳي. ماٽري پوليس جو ميجر ڪيوٽراس مون وٽ آيو ۽ چيائين "جيڪي ڪجهہ ٿي چڪو آهي، تنهن بابت ڪنهن کي ٻہ نہ ٻڌائين تہ پوءِ آءٌ توسان اقرار ٿو ڪريان تہ اسان توکي آزاد ڪري ڇڏينداسين ۽ توکي باهرئين ملڪ وڃڻ جو پڻ موقعو ڏينداسين."

مون ان آڇ بابت اصل گالهائڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو، پوءِ هنن ڏهن ڏينهن بعد مون کي وري مون واري ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ اچلائي ڇڏيو ۽ تنهن کان پوءِ تہ هنن بنهم اسان جي ملاقات ٻہ بند ڪري ڇڏي. منهنجي وڪيل جي ملاقات بہ بند ڪري ڇڏيائون. پنجن سالن دوران مون هنن کي ڪڏهن ٻہ نہ ڏٺو. هن جا خط ٻہ مون تائين ڪونہ پهچندا هئا ۽ نہ وري منهنجا خط هُن تائين پهچندا هئا. حيرت جهڙي گالهہ تہ اِن سموري روئيداد کي هنن مون سان غيرقانوني ۽

غير اخلاقي هلت ٿي ڇو. ظاهري طرح هو ڏال بہ هئا تہ متان آڳ، مون تي ٽيل قاتلاڻ ڪوشش جو ذڪر باهر موڪلي سگهان، تنهنڪري مون طرفان موڪليل سمورا خط جيل جي ڊائريڪٽر جي ميز جي خاني ۾ پئي جمع ٿيا. انهن ۾ آهي خط بہ شامل هئا جيڪي پاڻ پولاس کي لکيا هئا. مون پاڻ پولاس کي، جنهن پاڻ کي عوام جو اخلاقي اڳواڻ ٿي ڇيو، پنهنجي نفرت، ڏڪار ۽ ڪاهت جا تفصيل لکيا هئا. مون ڪيس لکيو هو تہ جيڪڏهن منجهن ذرو بہ اخلاقي جرئت آهي تہ آهي تفصيل ۽ آهي خط شايع ڪن يا ڳهت ۾ ڳهت انهن ماڻهن تائين پهچائين جن کي مون خطن ذريعي موڪليا هئا. ۽ تنهن کان پوءِ مون قانوني عدالت جي صدر کي لکيو. مون هن کي هڪ تار موڪلي اهو ٻڌايو تہ هو مون سان ڪهڙي هلت هليا هئا، ۽ ٻيو تہ آڳ بيمار هوس. پر هُن کي منهنجي اها تار ڪڏهن بہ ڪانہ پهتي ۽....

ا-ف: ۽ هاڻي توهان ڪيئن آهيو، اليڪاس؟

ا-پ: جيئن نظر ٿو اچي، تنهن کان وڌيڪ ٺيڪ نہ آهيان. منهنجي صحت ٺيڪ ناهي. آڳ مسلسل ڪمزوري محسوس ٿو ڪريان ۽ تمام گهٽي ٽڪاوٽ. ڪنهن ڪنهن مهل غشي طاري ٿيو وڃي ٿي. هڪڙو پيرو جڏهن جيل مان نڪتو هوس ۽ ٻيو ڪلهم غشي طاري

ٿي ويئي هئي. آڏ هاڻي نڏو سگهان ـــ هر ٿي قدم کڻي وري مون کي ساهي پڻ لاءِ ويهڻو ٿو پوي، انهيءَ کان سواءِ، ٻيون ٻ ڪيتريون بيماريون وڪوڙي وٺون آهن ـــ منهنجو جيرو خراب آهي، منهنجا ڦڦڙ خراب آهن ۽ منهنجون بڪيون ٻ ٺيڪ نه آهن. هو مون کي اسپتال ٻ وڃي ويا آهن ۽ پهرين ڇڪاسن جا نتيجا غيريقيني آهن. سومر تي مون کي ٻيهر اسپتال وڃڻو آهي.

منهنجي ڪمزوريءَ جو هڪڙو سبب آهي بک هڙتالون ٻ آهن جيڪي مون ڪيون هيون. توهان پڇندؤ ته مون آهي بک هڙتالون پاڻ تي ڇو مسلط ڪيون؟ ڇاڪاڻ ته پڇاڳاڇا دوران آهي بک هڙتالون ٺي آهن جيڪو مڏو لڪائڻ جو وسيلو ٿين ٿيون. بک هڙتال دوران جيڪڏهن توهان هر شيءِ رد ٿا ڪريو ته هو آها شيءِ موجود ڪري ڏيندا. آڏ ڪوشش ڪندس ته جيئن توهان کي بهتر سمجهائي سگهان. جيڪڏهن توهان مانيِ ڪائڻ کان انڪار ٿا ڪريو ۽ مڏن حملو ٿا ڪريو ته هو بتال ۽ توائي ٽي ويندا ۽ توائي ٽڻ واري عمل ڪري هو توهان کان باقاعدہ پڇاڳاڇا ڪري نه سگهندا. مثال طور جيڏي مهل هو عذاب رسائين ٿا آن وقت عذاب ڪائيندڙ ماڻهو انون کي چيڙائڻ ۽ مڏن حملو ڪرڻ وارو نمونو اختيار ڪري ٿو ته پوءِ باقاعدہ پڇاڳاڇا هڪ ذاتي جدوجهد ۾ تبديل ٿيو وڃي جيڪا خود عذاب رسائيندڙ ماڻهو پنهنجي ڇاءُ ۾ اختيار ڪري

ٿو. سمجھيو؟ منهنجو مطلب آهي تہ بک هڙتال سان بدن کمزور ٿيو وڃي ۽ آها کمزوري بچا ڪاڇا جاري رکڻ جي وڌيڪ اجازت نٿي ڏي. ڇو تہ بيهوشيءَ جي حالت ۾ کنهن کان پڇا ڪرڻ يا مٿس تشدد ڪرڻ بيڪار آهي. آهي نشانيون ٿي يا چار ڏينهن کاڌو ۽ پاڻي نہ ڪائڻ سان ظاهر ٿين ٿيون، خاص ڪري اُن حالت ۾ جڏهن تشدد جي ڪري زخمن مان گهٽو رت وهي ضايع ٿي ويو هجي. تنهنڪري هو توهان کي اسپتال کڻي وڃڻ لاءِ مجبور ٿيو پون ۽ .... آهم، اسپتال ۾ گئاريل گهڙين جي ياد پڻ منهنجي لاءِ ڏاڍي اذيتناڪ آهي. هُنن مون کي پلاسٽڪ جي نليءَ وسيلي نڪ مان کاڌو کارائڻ جي ڪوشش ڪئي. توبہ، ڪيڏو نہ عذاب هو، جيڏي سهل بہ آڻ هوش ۾ هوندو هوس تہ اُن عذاب کان بچڻ جي پيو ڪوشش ڪندو هوس. ۽ پوءِ ....

ا-ف: ۽ پوءِ؟

ا-پ: ۽ پوءِ اسپتال مان ٻيهر مون کي تشدد واري ڪمري ۾ ڪڍي آيا ۽ اذيتون ڏيڻ شروع ڪيائون. پوءِ مون وري نئين بک هڙتال شروع ڪئي ۽ وري مون کين ڇڙائڻ ۽ ڇتو ڪرڻ شروع ڪيو، وري مٿن حملو ڪرڻ لڳس. تنهنڪري سندن طريقو وري ناڪام ٿي ويو. هو ٻيهر زوريءَ مون کي اسپتال وٺي ويا

جتي هنن وري مون کي نڪ ذريعي زوريءَ ڪارائڻ جي ڪوشش ڪئي. آءُ ڪن ڊاڪٽرن جو رويو ۽ اهڙو تم ايڏنگو ۽ نفرت انگيز هو جو چا چئجي! مون تي تشدد ڪرڻ وارن اسپتال ۾ ئي پڇاڳاڇا شروع ڪري ڏني پر ٿورو هلڪي نموني ۽. چو تم اسپتال ۾ هو سندن طريقا استعمال ڪري نٿي سگهيا. مون کي ٿورو وقت ملي ويو. مون وري بک هڙتال جاري رکي ۽ آهائي منهنجي لاءِ ضرورت هئي. ٿورن لفظن ۾، اهو منهنجي لاءِ ناممڪن هو جو آءٌ بک هڙتالن تان هٽ ڪٽي. جڏن ها چو تم آهي هڪ لازمي ۽ ضروري هٿيار پڻ هيون.

ا-ف: چڱو، مون ڳالهه سمجهي. اهو سڀ جهم پڇاڳاڇا دوران ٿيو هو.... پر پوءِ جيل ۾ چا ٿيو، اليڪاس؟

ا-پ: جيل ۾ پڻ مون وٽ اِن ڪان وڌيڪ بهتر ٻيو ڪوبه رستو ڪونه هو جنهن سان آءٌ پنهنجي نفرت جو اظهار ڪري سگهان. پنهنجي توهين جو جواب ڏيئي سگهان ۽ ڪين اهو ثابت ڪري ڏيکاريان تم هو مون کي نمائي نٿا سگهن. توڙي جو هاڻي آءٌ قيدي هوس. بک هڙتالن ذريعي بغاوت ڪري مون پنهنجي اڪيلائيءَ واري احساس کي هڪ طرف ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڏي ڪئي تم ٻئي طرف مون محسوس ڪيو هو تم آءٌ

يونان جي ڪاز جي ڪجهہ نہ ڪجهہ مدد ڪري رهيو هوس. مون سوچيو تہ جيڪڏهن آءٌ پنهنجو احتجاجي رويو ڏاڪي ۾ ڏاڪي اڳتي وڌائيندو رهيس تہ پوءِ سپاهي، پهريدار ۽ آفيسر منهنجي آن عمل کي سنجيڏ لڳندا تہ آءٌ انهن ماڻهن جي نمائندگي ڪرڻ ۾ جيڪي فتح حاصل ڪري سگهن ٿا. تنهن ڪان سواءِ ٻون ۾ ڪيترين بڪ هڙتالون مون انهن جي مون سان خراب رويي خلاف ڪيون. هو مون کي ٻيو تہ ڪهڙو پر رڳو ڪا اخبار، ڪو ڪتاب، ڪا پينسل يا ڇڪ لاءِ ڪو سگريٽ ۾ ڪونہ ڏيندا هئا. ۽ جڏهن هو مون کي اخبار، ڪتاب، پينسل يا سگريٽ ڪونہ ڏيندا ها تہ آءٌ ڪائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيندو هوس. پلي ڪيترائي ڏينهن گذري وڃن. مون هڪڙي بڪ هڙتال ۴۷ ڏينهن تائين جاري رکي، هڪڙي ۴۴ ڏينهن تائين، هڪڙي ۴۰ ڏينهن تائين، هڪڙي ۳۷ ڏينهن تائين، ٻہ بڪ هڙتالون ۳۲ ڏينهن تائين، هڪڙي ۳۰ ڏينهن تائين، پنج بڪ هڙتالون ۲۵ کان ۳۰ ڏينهن تائين، .... اهڙي طرح مون تمام گهڻا ڀرا بڪ هڙتال ڪئي. انهيءَ جي باوجود ٻہ هنن مون کي مارڻ بند نہ ڪيو. ڪڏهن ٻہ نہ. مون انهيءَ کال ڪوٺڙيءَ ۾ تمام گهڻيون مارون کاڌيون. هنن مون کي ماري ماري منهنجون پاسرائيون جهوري وڌيون هيون. هو مون کي لوهہ جي شيخن سان ڪٽيندا هئا. هنن مون کي مشڪل سان

ڪڏهيو بخشيو هو....

ا-ف: آخري ڀيرو هنن توهان کي ڪڏهن ماريو هو؟

ا-پ: جيڪڏهن توهان هڪ وڏي مار لاءِ ٿا پڇو ته اٿا هنن مون کي ٢٥ آڪٽوبر ١٩٧٢ع تي ڏني هئي، جڏهن منهنجي بک هڙتال جو ٣٥ ڏينهن هو، پوليٽي جيل جو ڊائريڪٽر نڪواس ذَڪَرَڪِس ڪوليءَ اندر آيو، آءٌ ڪکن واري گاديلي تي ليٽيو پيو هوس. مون ۾ ذرو به طاقت ڪانه هئي، آءٌ مشڪل سان رڳو ساهه کڻي ٿي سگهيس. اُن هوندي به هُن منهنجي توهين ڪرڻ ۽ گهٽ وڌ گالهائڻ شروع ڪري ڏنو، ۽ اوچتو هُن چيو ته پاپاڊوپولاس تي قاتلانه حملو ڪرڻ لاءِ مون کي وڏي رقم ڏني ويئي هئي جيڪا مون سئٽزرلينڊ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. اِها گالهه ٻڌي مون کان وڌيڪ رهيو نه ٿيو ۽ پاڻ تي ضابطو رکي نه سگهيس. جيتوڻيڪ مون ۾ گالهائڻ جي به سگهه ڪانه هئي پر جيڪا رهيل سهيل قوت هئي سا نڙيءَ ۾ گڏ ڪري مون وڏي واڪي چيو "مالاڪاس! غليظ مالاڪاس!" يوناني ٻوليءَ ۾ مالاڪاس لفظ هڪ گندي گار آهي. موٽ ۾ ذَڪَرَڪِس مون تي ڏونشن جو ايترو ته مينهن وسائي ڇڏيو هو جو اڄ به جڏهن اٿو تصور ڏو ڪريان ته منهنجو بدن سور ڏو ڪري. اڪثر ڪري مار ملڻ مهل آءٌ پنهنجو بچاءُ به ڪندو هوس

پر آن ڏينهن مزاحمت ۾ سون هڪ آگر بہ مٽي نہ ڪنئي ۽ ۱۷ مارچ تي پڻ هنن سون کي مار ڏني هئي. هُنن سون کي ڪٽ سان ٻڌي ڏيڊ ڪلاڪ تائين سخت مار ڪُٽ ڪئي. جڏهن ڊاڪٽر ذوگرا فاس چادر هٽائي منهنجو بدن ڏٺو تہ دهشت کان سندس اکيون پورجي ويون. سڄو بدن مس وانگر ڪارو نير ٿي چڪو هو ۽ ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين رهڙيو ۽ چٽيو پيو هو. هنن خاص ڪري سون کي چيلهہ ۽ ڦڦڙن وٽ ڏڪ هنيا هئا، تنهنڪري لڳاتار ٻن هفتن تائين سون کي وات مان ۽ پيشاب ۾ رڳو رت پيو ايندو هو. تنهنڪري توهان ڪيئن ٿا اميد رکي سگهو تہ هن وقت آڏ ٿيڪ هوندس؟ تنهن کان سواءِ سون کي پيشاب وانگر ٻئي هنڌان پڻ رت اچي ٿو، جيڪو پچا ڳاڇا دوران هنن جا عذاب ڪائيندي جاري ٿيو هو.

ا-ف: آڏ آن لاءِ توهان کان ڪجهہ بہ نہ پڇندیس، الیکاس؟

ا-پ: ڇو نہ؟ بهرحال، اِها اهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا سون پچا ڳاڇا ڪندڙن کي ٻڌائي آهي ۽ بين‌الاقوامي ريڊ ڪراس وارن کي پڻ اطلاع ڏنو اٿم، سون تي تشدد ڪندڙن ۾ هڪڙو بابالس هو، جنهن سون سان اِها ويڌن ڪئي هُئي. سون کي لوهي ڪٽ سان سوگهو ٻڌو ويو. پوءِ هُن سُئيءَ جهڙي هڪڙي لوهي تار

منهنجي پيشاب واري نليءَ جي سوراخ اندر لنگهائي ڇڏي. انهيءَ دوران پيا وڏي واڪي گندين ۽ ڪچين گاريون ڏيئي شور مچائي رهيا هئا. هُن تار جي ٻي پڇڙي پيٽرول واري ماچيس (لائيٽر) سان گرم ڪرڻ شروع ڪري ڏني، جيڪا تپي ڳاڙهي ٿي ويئي. اهو منظر ڏاڍو ڀيانڪ ۽ اذيتناڪ هو. توهان پڇي سگهو ٿا تہ "آخرڪار هنن بجليءَ جا شاڪ توهان ڏي ڇو ڪونہ آزمايا؟" نہ، اِها هنن کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ بجليءَ جا شاڪ ڪيئن ٿا لڳايا وڃن. پر هُنن مٿي ذڪر ڪيل ڳالهہ مون سان ڪئي هئي، ۽ جڏهن توهان اذيتن جي باري ۾ ڳالهايو ٿا تڏهن توهان ڪيئن فيصلو ڪري سگهندؤ تہ ڪهڙو عذاب وڌيڪ خراب آهي؟ ڏهن مهينن تائين هٿڪڙين ۾ رهڻ، آڇ چوان ٿو تہ ڏهہ مهينا مسلسل، رات ۽ ڏينهن! فقط نائين مهيني جي شروعات ۾ هنن منهنجون ڪرايون آزاد ڪيون سو بہ فقط چند ڪلاڪن لاءِ. جيل جي ڊاڪٽر جي سخت تاڪيد ڪان پوءِ فقط چند ڪلاڪ صبح جو هنن هٿڪڙيون لاٿيون هيون. منهنجا هٿ سُڄي پيا هئا، منهنجي ڪراين مان رت ٽمي رهيو هو، ۽ پين بہ ڪيترين جڳهين تان رت سِمي رهيو هو جتي هنن مون کي زخم رسايا هئا....

آڇ مڙيئي هٽي ڏوٽي امان کي اطلاع ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. جنهن باقاعده لکت ۾ مٿيان الزام پراسيڪيوٽر

جنرل وٽ داخل ڪرايا. ۽ انهن الزامن جا پڪا پختا ثبوت ٻ هئا. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن امان رڳو ڪوڙا الزام هڻي ها ته ڇا هو امان کي ڏوهاري ڪوٺ ڪن ها؟ ڇا هنن مسز مينگنيز کي ڏوهاري ڪوٺ ٺهرايو هو؟ جڏهن هنن الزام لڳايو هو ته سندس مڙس پروفيسر جارج مينگنيز تي هنن تشدد ڪيو هو. هنن هن عظيم عورت کي پڻ جيل ۾ وڌو هو، توڙي جو هن عورت ڪين سچ چيو هو. هنن هن ڪيس ۾ ڪاڪ رعايت ڪانه ڪئي ڇاڪاڻ ته الزامن کي ثابت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو. پر منهنجي ڪيس ۾ ائين نه هو. هو امان کي جيل موڪلي ٿڦي سگهيا ــ ثابتيون موجود هيون. ۽ ظاهر ظهور هيون. اهي زخم، گهاوَ ۽ ڦٽ، جيڪي منهنجي سڄي بدن تي موجود هئا.

جيڪڏهن مون کي پنهنجي اذيتن جي فهرست ٺاهڻي پوي .... هيڏانهن ڏس، هي ٿي گهاوَ منهنجي دل واري پاسي تي. اهي گهاوَ مون کي اُن ڏينهن رسيا جڏهن هنن چمڙي جي پٽي، 'سچ پترا' سان منهنجو ڪاهو پير پڳو هو. گهٽو ڪري مون کي مارڪٽ ڪرڻ لاءِ هو هميشه 'سچ پترا' استعمال ڪندا هئا، جنهن پيرن جون ترين ڪٽيون آهن. اهڙا تڪليف وڌي جڏهن دماغ تائين پهچي ٿي ته ماڻهو بيهوش ٿيو وڃي. ان هوندي ب آءٌ گهٽو ڪري بيهوش ڪوٺ ٿيندو هوس. پر اُن ڏينهن ته بابالس تيستائين مون کي ڪٽيندو رهيو

جيستائين منهنجو پير جهڑي پيو. پنجن منٽن کان پوءِ ڪنسٽنٽائين پاپادوپولاس اندر آيو. توهان کي خبر آهي ته هو پاپادوپولاس جو پاءُ آهي. هُن پنهنجو پستول منهنجي لڱٽي تي رکيو ۽ هڪل ڪري چيائين، "هاڻي آءٌ توکي ماريان پيو، آءٌ توکي ماريان پيو!" ۽ هُن مون کي ڏڪ هڻڻ شروع ڪيا. جيڏي مهل هو مون کي ماري رهيو هو اوڏي مهل ٽيوفائيلو ياناڪاس هڪ وڏي ڦر واري تکي چاقوءَ جي چنب سان حملو ڪري منهنجي دل جي پاسي ۾ ڇهڪ ڏنا ۽ چيائين "آءٌ هي چاقو تنهنجي دل ۾ ٽُپيندس، آءٌ هي چاقو تنهنجي دل ۾ ٽُپيندس!" اهڙي طرح هي گهاوَ منهنجي ڇاتيءَ تي آيا آهن.

ا-ف: ۽ هي گهاوَ جيڪي تنهنجي ڪراين تي موجود آهن؟

ا-پ: اوهم، اِهي گهاوَ تہ انهن مون کي ڏڌن ڏنا هئا جڏهن هنن منهنجي نسن کولڻ جو بهانو ڪيو هو. ڪابہ خطري جهڙي ڳالهہ ڪانہ هئي. هنن رڳو مٿاڇرو مون کي ڪٽيو هو. بهرحال تودهان کي خبر آهي تہ مون کي سڄي بدن تي گهاو آهن. هاڻي جيڪڏهن آءٌ ڪنهن هڪ زخم تي هٿ رکي چوان: هي گهاو مون کي ڪڏهن رسيو هو؟ اهو پڌائڻ ذرا مشڪل آهي. ڇو تہ تشدد جي شروعات جي ويهن ايڪيهن

ڏينهن بعد مون آن ڏانهن توجهه ڏيڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. مون فقط ايترو محسوس ڪيو ٿي ته منهنجي ڪنهن زخم مان رت وهيو پئي، ڪنهن هنڌ تي منهنجو گوشت چيريو ڦاڙيو پئي ويو، ۽ سوچيم ٿي ته: اها ڪا نئين گپالهه ڪانهي. هو مون تي تشدد جي شروعات اڪثر ڪري هڪڙي لوهي زنجير سان ڇهڪ هڻندي ڪندا هئا. ٽيوفائلو ياناڪاس ئي گهٽو ڪري مون کي ڪٽيندو هو. يا نه ته وري منهنجون ٻانهون ڪراين وڻان ٻڌي مون کي ڇت ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽنگهي ڇڏيندا هئا. اهو برداشت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ ته ٿوري دير کان پوءِ بدن جو مٿيون حصو ساڻو ٿيو وڃي ٿو. منهنجو مطلب آهي ته توهان محسوس ئي نه ڪندؤ ته ڪو توهان جون ٻانهون ۽ ڪلها آهن. توهان ساهه کڻي نه سگهندؤ، توهان رڳو رڙ ٻه ڪري نه سگهندؤ، توهان ڪنهن به طرح ڪابه مزاحمت نه ڪري سگهندؤ.... ۽ اها انهن کي ڇڪي طرح خبر آهي تنهنڪري ئي جيڏي مهل آڻ آن حالت کي پهچندو هوس تڏهن وري مون کي چيلهه وٽ ڪٽيندا هئا.

ڇا توهان کي خبر آهي ته ڪهڙي شيءِ برداشت ڪرڻ جو آڻ ٻنهه ڪچو آهيان؟ اها آهي دم گهٽڻ. ٽيوفائلو ياناڪاس * اها تعدي به مون سان ڪئي. هڪ

---

* تشدد ڪرڻ وارن جو چيف، جيڪو هاڻي ويهن سالن جي سزا پوڳي رهيو آهي. (ا-ف)

هٿ سان منهنجو نڪ جهليائين ۽ ٻئي هٿ سان منهنجو وات بند ڪيائين. آهه، آهـا اذيت سيني عذابن کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ آهي. هن منهنجو نڪ ۽ وات هڪ منٽ تائين بند رکيو ۽ تيسنائين هو گهڙيال کي ڏسندو رهيو. هُن فقط ڏهن مون کي ساهه کڻڻ ٿي ڏنو جڏهن منهنجو سمورو بدن نيرو ٿيڻ ٿي لڳو. هُن سندس هٿن سان منهنجو نڪ ۽ وات جهاڻ ڏهن بند ڪيو، جڏهن هڪ ٻيري آڏ ڪيس چڪ وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. چڪ سان مون سندس آڱر ٻنهه دٻ کان الڳ ٿيڻ ٿي اچي ڇڏي هئي. پر تنهن کان پوءِ هن وري ڪٿو استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو ۽.....

ٻي ڳالهه جيڪا مون کان برداشت نٿي ٿي، سا هئي توهين. هو مون ٿي ڪڏهن به خاموشيءَ ۾ تشدد کونه ڪندا هئا. ڪڏهن به نه. هو هڪلون ڪندا هئا، شور ۽ گوڙ ڪندا هئا....آواز جيڪي گهٽو وقت آواز نٿي رهيا پر هڪ ٻيانڪ گجگوڙ ۾ تبديل ٿي ويندا هئا....۽ اوڏي مهل هو ڪندڙ سگريٽ منهنجي خصين جي وچ ۾ رکندا هئا ۽ ان سان مون کي داغيندا هئا ۽ ڏيندا هئا. هيڏانهن توجهه ڏي، توهان چو فقط هي ئي ڳالهيون مون کان پڇڻ ٿيون چاهيو؟ اهو صحيح ناهي. هنن اهو سيڪجهه رڳو مون سان ته نه ڪيو آهي. جيڪڏهن توهان ائين ڪري سگهو ٿيون ته ملٽري اسپتال ۱۰۴ ۾ وڃو ۽ ميجر مسٽاڪلس سان وڃي ملو.

هُن کان پچا ڳاڇا دوران هُنن هُن تي 'الونيَ' استعمال ڪئي. توهان کي خبر آهي ته 'الونيَ' ڇا آهي؟ اهو هيئن آهي ته تشدد ڪرڻ وارا گول دائري ۾ بيهن ٿا ۽ جوابدارن کي وچ ۾ ڇڏين ٿا، ۽ پوءِ سيئي گڏجي ان تي اوچتو ۽ يڪو حملو ڪن ٿا. هو هُن کي پٿيءَ جي ڪندي ۽ ڪنڌ تي ڏڪ هڻن ٿا. هُو سڄو ساڻو ٽي وڃي ٿو. هو بستري تي ائين پيو آهي جڙ ڪا بکر ڀاڄي هجي ۽ ڊاڪٽر اعلان ڪن ٿا ۽ هو مري چڪو آهي.

ا-ف: الياس! آءٌ توهان کان ڪجهه پڇڻ چاهيندس. هي سڀ ڪجهه جيڪو توسان ٿيو، اُن کان اڳ ترهان کي ڪا جسماني تڪليف هئي؟

ا-پ: اوهه، نه! بلڪل نه. فقط ڏندن جو سور ٿورو پريشان ڪندو هو، سو به ايترو جو گاڏيءَ ۾ آڻي نڏو سگهجي ۽ پيو ته آءٌ رت جو نظارو ڏسي بهي نه سگهندو هوس. ماڻهن کي ڏک ۽ تڪليف ۾ ڏسي مون کي ڏک ۽ تڪليف ٿيندي هئي. آءٌ انهن ماڻهن کي ڏسي حيران ٿيس جيڪي جسماني تڪليفون سهن ٿا پر کين پرواهه ئي ڪانهي ۽ مون کان اهو ڏنو نڏو ٿئي. ماڻهو واقعي هڪ بي‌انتها قوتن واري مخلوق آهي، بنهه عجوبن جو هڪڙو گهرو سمنڊ آهي. اعتبار ئي نڏو اچي ته ماڻهو ڪيئن ٿو بدلجي ۽ اهو بلڪل عجيب

آهي تہ ڪيئن نہ ماڻهو ناقابل برداشت گهالهيون سهي سگهڻ جي قوت رکي ٿو. اِها نصيحت پري چوڻي بڌي اٿئي "رک باهم ۾ پوڻ بعد ئي پنهنجي خاصيت بدلائي آهي." ڪيڏي نہ سچي آهي. جيئن هُئن سون تي وڌيڪ تشدد ٿي ڪيو تيئن سون وڌيڪ مزاحمت ٿي ڪئي. ڪي چون ٿا تہ تشدد دوران سون اذيتن کان جند ڇڏائڻ خاطر موت طلبيو هو. اهو صحيح ناهي. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ تہ اهو صحيح ناهي. جيڪڏهن سون چيو هوندو تہ موت کان بلڪل ڪونہ ٿو ڊڄان تہ بہ جيئندس پيو ۽ جيڪڏهن سون چيو هوندو تہ پلي موت اچي تہ بہ جيئندس پيو. مرڻ جو خيال تہ بلڪل آخر ۾ منهنجي ڪوپريءَ ۾ داخل ٿيو هو. ان کان اڳ سون رڳو ڪجهہ بہ نہ ٻڌائڻ جو، نہ ڳالهائڻ جو ۽ انهن سان بغاوت ڪرڻ جو ئي پڪو عزم ڪيو هو ۽ پيو ڪجهہ بہ نہ. جيڪڏهن رڳو توهان کي اها خبر پوي تہ جڏهن آءٌ تشدد دوران فوجي ڪٽ سان ٻڌل نہ هوندو هوس تہ ڪيترا ڀيرا سون پنهنجو پاڻ کي انهن تي اڇلي مٿن حملو ڪيو ۽ کين ڏڪ هنيا، ٽڏا هنيا ۽ ڇڪ پاتا. اهو سڀڪجهہ منهنجي لاءِ تمام فائديمند هو ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان هو غضبناڪ ۽ ڇِٻتا ٿي پوندا هئا ۽ سون کي ايترو تہ شدت سان ماريندا هئا جو آءٌ جلد ئي بيهوش ٿي ويندو هوس. آءٌ ڪوشش بہ اِهـا ئي ڪندو هوس تہ جيئن بيهوش ٿي وڃان،

چاڪاڻ تہ بيهوشي منهنجي لاءِ ساهي ڪڻ جـو موقعو فراهم ڪندي هئي. هوش ۾ اچڻ تي هو وري مون کي ڪٽيندا هئا، پر.....

ا ـ ف: معاف ڪجو، الڪاس، آءٌ مڻين روئداد ٻڌي تعجب ۾ آهيان. پر توهان کي اِها خبر آهي تہ سڄي دنيا توهان سان لاڳاپيل آهي ۽ توهان جي لاءِ احتجاج ڪري رهي آهي؟

ا ـ پ: نہ. نہ. مون فقط تڏهن سهي ڪيو هو جڏهن هو هڪ ڏينهن اخبارون سندن هٿن ۾ لوڏيندا منهنجي ڪوليءَ ۾ گهڙيا ۽ رڙيون ڪندي چيائون پئي تہ "روسي ٽئنڪون زيڪوسلوواڪيا ۾ داخل ٿي ويون آهن. هاڻي ڪنهن کي به توسان غرض رکڻ جو وقت نہ هوندو يا ڪو به تو لاءِ احتجاج ڪرڻ جي خواهش نہ ڪندو!" ۽ تڏهن مون اعتبار ڪيو جڏهن هنن مون کي پنهنجي پهرين ڀڄي وڃڻ جي ڪوشش کان پـوءِ پهريون پيرو اخباري نمائندن اڳيان پيش ڪيو. آهي نمائندا تمام گهٽا هئا جن جو تعلق مختلف ملڪن سان هو. ۽ مون پنهنجو پاڻ کي چيو "تہ چئبو تہ منهنجي ڪين خبر آهي!" ۽ اوڏي مهل مون دل ۾ ڪا پيار ڪرڻ جهڙي لطيف ۽ نازڪ شيءِ محسوس ڪئي. ۽ اِن واقعي ڏيکاريو ٿي تہ آءٌ صفا اڪيلو ڪونہ هوس. چاڪاڻ تہ سڀ کان وڌيڪ اذيتناڪ گهالهہ اها ناهي تہ عذاب سهجن ٿا پر اِها آهي تہ آهي عذاب اڪيلو سهجن ٿا.

ا۔ف: پنهنجي کهاڻي جاري رک، الڪاس.

ا۔پ: سو مون پئي چيو ته جڏهن هُنن منهنجي هي لفظ چئي توهين پئي ڪئي "ڏوهاري، حرامي، غدار، ٽڪل"، ۽ ٻيون به نم دهراڻ جهڙيون غليظ ۽ فحش گاريون. ڏڏهن مون پڻ موت ۾ ڪين گاريون ڏنيون. مون وڏي واڪي ڪين خطرناڪ گالهيون ٻڌ چيون. مثال طور مون ڪين ٻيڻ تي گار ڏيندي چيو ته "آڳ توهان جي ٻيڻ مان زنا ڪندس." پر سرد مهريءَ ۽ بي پرواهيءَ سان ۽ پنهنجو مٿو وڃاڻ ڪانسواءِ. توهان سمجهيو ته منهنجو مطلب چا آهي؟ آڳ تمام گهڻو جذباتي آهيان، پر نفرت وچان ٽڏو ٿي وڃان ٿو. هڪ ڏينهن هنن هڪڙو آفيسر پچاڳاڻا لاءِ موڪليو، جيڪو نفسيات جو ماهر هو. توهان کي خبر آهي ته هو به اهڙن گهڻن مان هڪ هو، جيڪي چون ٿا ته "منهنجا پيارا پٽ، تنهنجي لاءِ اهوئي بهتر آهي ته تون گالهاءِ." اهڙو ڏسندي ته هو تمام گهڻو مهربان آهي، مون ڪائنس پاڻي گهربو. هن پاڻيءَ جو گلاس آڻي مون کي ڏنو. پر جيئن ئي مون گلاس پنهنجي هٿن ۾ ورتو، پاڻي ٻيڻ بدران مون اهو گلاس ڇڏيو ۽ پوءِ ڳچل گلاس جا ٽڪر ڪڻي مون انهن اوباش ۽ ڪمينن تي حملو ڪري ڏنو ۽ تيستائين انهن مان ٻن ڻن کي زخمي ڪري وڌم جيستائين هُنن مون کي دسي گلاس جي ٽڪرن

مٿان زمين تي ڪيرايو ۽ جن سان منهنجي ساڃي هٿ جي چمڙي اڌ جيتري ويڃجي ويئي هئي. منهنجون نسون ڪٽجي ويون هيون. توهان ڏسو، اڃا آگر آڳ چوري پوري بہ نٿي سگهان. اها مٽل آگر آهي. پوءِ توهان کي خبر آهي تہ اُن وحشي بگهڙ بابا ۽ جا ڪيو؟ هن ڊاڪٽر کي گهرايو ۽ منهنجون ٻانهون ڪولڻ ڪان سواءِ ٻي، جيڪي پٽيربون ٻڌل هيون، هُن پاڻ پنهنجن هٿن سان، منهنجي آگر کي سُن ڪرڻ ڪان سواءِ ٻي، ٽانڪا هڻڻ شروع ڪيا. الا! ڪيڏي نہ اذيت هئي؟ ڪيڏو نہ ايذاءُ ٿي رسيو! ان ڏينهن مون رڙيون ۽ ڪيڪون ڪيون. هڪ چرئي ماڻهوءَ وانگر رانيڙ ڪيا.

ا۔ف! ٻڌ، الياس! چا ڪنهن موقعي تي هو توهان ڪان ڪجهہ حاصل ڪري سگهيا؟

ا۔پ: نہ! نہ! نہ! ڪڏهن بہ نہ! مون ڪابہ شيءِ ڪين ڪانہ ٻڌائي. مون ڪڏهن بہ ڪنهن ڪارڪن کي ڪونہ ڦاسايو. ڪڏهن بہ نہ! پاڻ پولاس تي حملو ڪرڻ جون سموريون ذميواريون مون پاڻ تي عائد ڪيون. هنن اهو چاڻڻ ٿي چاهيو تہ جيڪڏهن اهو قاتلانہ حملو ڪامياب ٿي وڃي ها تہ پوءِ حڪومت کي ڪير سنياڻي ها. پر هو هڪڙو لفظ بہ مون ڪان حاصل ڪري نہ سگهيا. هڪڙي ڏينهن، جڏهن آڳ لوهي ڪٽ تي ليٽيو پيو هوس ۽ سچ پچ تہ چُري پُري بہ نٿي

سگھيس، هُنن برنديسي نالي هڪڙو يوناني مون وٽ آندو. هُن کا سچي ڪري ڏني هئي، ۽ هاڻي هُن رڙيون پئي ڪيون، اصل دانهون ڪندي هنن چيو "الڪاس هاڻي گهٽو ٿيو ۽ وڌيڪ خاموش رهڻ مان ڪوبه فائدو ڪونهي. تنهنڪري هاڻي ٻڌائي ڏي، الڪاس!" پر مون جواب ڏنو "هي برنديسي ڪير آهي؟ مون کي فقط اُن برنديسي جي خبر آهي جيڪو اٽليءَ جو هڪ هوائي اڈو آهي." ساڳئي ڏينهن تي هنن هڪ ٻيو ايوارامس نالي ماڻهو آندو. ايورامس گريڪ رزسٽنس جو ميمبر هو، اڳوڻو پوليس آفيسر هو ۽ هڪ بهادر ۽ ايماندار شخص هو. مون هُن کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ مون اهو ٻ انڪار ڪري ڇڏيو تہ ڪو هُو گريڪ رزسٽنس سان لاڳاپيل هو. ٽيوفائيلو ياناڪاس واڪو ڪري چيو "ڏس، هي تو کي سڃاڻي ٿو ۽ اهو هِن قبول ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح تون ٻ قبول ڪر تہ اسان هي سمورو معاملو ختم ڪري ڇڏيون." مون چيو "ٽيوفائيلو ياناڪاس توجهہ سان ٻڌ، جيڪڏهن توکان سچي ڪرائڻ لاءِ مون کي فقط هڪڙو ڪلاڪ ڏنو وڃي تہ ڪر آءٌ توهان کان سڀڪجهہ پاسائي وڃان. ايتري قدر جو تون ائين ٻ چوين ها تہ تو پنهنجي ملڪ سان ٻ بيحيائي ڪئي آهي. مون کي هن ماڻهوءَ جي خبر ناهي. توهان هن تي تشدد ڪيو آهي، تنهنڪري هي اهو ڪجهہ چوي ٿو جيڪو

توهان چاهيو ٿا." ۽ ٽيرفائيلو ياناڪاس چيو "ٺيڪ آهي، تون سچي ڪرين يا نه، پر اسان چونڊ ڪن ٿا تو ٻه پاسيو آهي."

هڪ، تمام سخت غيرانساني سزائن ۽ اذيتن جي باوجود ٻه مون ڪنهن سان ٻه ڪا گالهه ڪانه ڪئي. ڪنهن سان ٻه نه. ۽ اهو اهڙو عمل آهي جنهن جي جهنگلي جانور ٻه عزت ڪن ٿا. منهنجي تشدد جي هدايت جي تصديق پهرين پوليس جي چيف ڪئي، پوءِ ليفٽيننٽ ڪرنل ڪئي ۽ هاڻي برگيڊيئر جنرل آيونائيڊس ڪئي آهي. هڪ رات مون کي رت ۾ هڏل ڏسي، هُن پنهنجي مٿي کي ڏوڙيو ۽ چيائين "ڪوبه فائدو ڪونهي، سڀ بيڪار آهن. هن تي زور پرڻ اجايو آهي. سون، هزارن ٻ هڪڙو اهڙو مثال ٿيندو آهي جو ڪو ماڻهو ائين نڪو گالهائي. ۽ هي اهڙو ئي ڪيس آهي. هي ڏاڍو سخت آهي، هي پاناگولس. هي ڪونه گالهائيندو."

آيونائيڊس هميشه چوندو آهي ته "اهو فقط پاناگولس جو گروپ آهي جنهن جي اسان کي پڪ آهي ته آن کي اسين ماري نٿا سگهون، هن چيتي پنهنجون هٿڪڙيون ٻڌ ٽوڙي ڇڏيون آهن." خير، ڪيئن ٻه هجي، اهو مون کي سونهي ڪونه ٿو ته آڳ ويهي اهو قصو توکي ٻڌايان ۽ پنهنجي واکاڻ ڪريان. ائين ٻه ٿي سگهي ٿو ته توهان هي سمجهو ته آڳ خوشامند چاهيان ٿو ۽ لکو ته آڳ پاڻ وڏائيندڙ آهيان، يا ان قسم جي ڪا شيءِ

آڏيان. پر اُن هوندي به آڳ توهان کي اهو سيکڇهم
ٻڌايان ٿو، چاکاڻ ته ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ اُن سان
مون کي ڪجهه فرحت حاصل ٿئي ٿي. ڪيئن؛ ٺيڪ
آهي نه؟

ا-ف: بلڪل ائين آهي. ۽ هاڻي ايڪاس، آڳ ٻيو
ڪجهه پڇڻ چاهيندس. هيتريون عقوبتون ۽ جنهيون سهڻ
کان پوءِ به اڃا به توهان ماڻهن سان، عوام سان پيار
ڪرڻ جا دعويدار آهيو؟

ا-پ: اڃا انهن سان پيار ڪرڻ جو دعويدار؟
توهان جو مطلب آهي ته عوام سان اڃا به وڌيڪ
پيار ڪريان ٿو! خدا جي لعنت هجي اهڙن ماڻهن تي
جيڪي انسانيت سان پيار نٿا ڪن. توهان اهڙو سوال
ڪيئن ٿيون پڇي سگهو؟ توهان کي اِهو خيال ناهي ته
مون يونان جي ملٽري پوليس وارن ۽ به انسانيت ڏٺي
آهي؟ ڇو، چاکاڻ ته اهو ئي ماڻهن جو سرمايو آهي!
چا اُن جو مطلب توهان لاءِ ڪا شيءِ ناهي ته گذريل
ايترن سالن ۾ آهي ساڳئي جا ساڳيا آهن؟ هميشه ساڳيا!
ٻڌ، خراب ماڻهو ٿورائيءَ ۾ اهن ۽ هرهڪ خراب ماڻهوءَ
لاءِ هڪ هزار کان وڌي ڏهن هزارن تائين سڀا ماڻهو به
آهن ـــ مثال طور سندن قربانيون. هي آهي ماڻهو آهن
جن لاءِ توهان کي وڙهڻو آهي. توهان اهو اندازو نٿيون
ڪري سگهو. توهان کي ائين نه ڏسڻ گهرجي ته سڀ
شيون ايتريون ڪاريون آهن! آڳ گذريل پنجن سالن ۾

تمام گهٽن سڻن ماڻهن سان ملين آهيان! بئوم پوليس وارن ۽ به سڻا ماڻهو آهن. ها، اهو سچ آهي. توهان رڳو انهن فوجين لاءِ ته سوچيو جيڪي جيل مان منهنجا خط ۽ شعر چوريءَ ٻاهر ڪڍي ويندا هئا! انهن سڀني ماڻهن لاءِ ته سوچيو جن تڏهن منهنجي مدد ڪئي هئي جڏهن مون پڇڻ جي ڪوشش ڪئي هئي! انهن ڊاڪٽرن لاءِ به سوچيو جن مون کي اسپتال ۾ آندو هو ۽ جڏهن آءٌ اسپتال ۾ هوس ته پهريدارن کي حڪم ڪيائون ته مون کي لوهي ڪٽ سان ڪڙين ذريعي نه ٻڌو وڃي. پهريدار چيو ته "آءٌ ائين نٿو ڪري سگهان." ۽ موت ۾ ڊاڪٽرن چيو ته "هيءَ اسپتال آهي جيل نه آهي!" اُن سائيءَ ٻانايوٽائيڊس جي باريءَ ۾ ڇا خيال آهي، جنهن تشدد ۽ ته حصو ورتو ٿي پر هميشه مون تي مهربان به ٿي رهيو؟ هڪڙي ڏينهن هُو مون وٽ آيو، ڏاڍو بدليل ٿي لڳو، چوڻ لڳو اليڪاس! مون کي افسوس آهي، آءٌ توکان شرمندو آهيان. مون اهو ئي ڪجهه ڪيو ٿي جنهن جي ڪرڻ جو مون کي حڪم ٿي مليو. هو جيڪڏهن مون کي منهنجي پيءُ لاءِ ائين ڪرڻ جو حڪم ڏين ها ته آءٌ ڪريان ها. آءٌ مجبور آهيان. مون ۾ بغاوت ڪرڻ جي همت ناهي. مون کي معاف ڪر، اليڪاس." اوه، ڪهڙو نه ماڻهو هو.... ڇا اِها ماڻهن جي سڀائي نه آهي؟ ڇا اِن هوندي به ماڻهو پائڻ جوگا نه آهن؟

ا ـ ف: توهان جو مطلب آهي تہ بنيادي طور ماڻهو سٺو آهي، يا ائين چئجي تہ ماڻهو جائو سٺو آهي؟

ا ـ پ: نہ. منهنجو مطلب آهي تہ ماڻهو سٺو ٿيڻ لاءِ جائو آهي، ۽ گهڻو ڪري خراب گهٽ ۽ سٺو وڌيڪ آهي. ۽ ٻڌ، ماڻهن کي قبول ڪرڻ لاءِ، جيڪي مون وٽ بنياد آهن، انهن تي بہ سوچ. ٿورو هن واقعي تي بہ سوچ تہ جڏهن هنن منهنجي گاديلي کي باهہ ڏيئي مون کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ جڏهن آءٌ اسپتال ۾ ڪجي آيو هوس، تڏهن اسپتال جي آن وارڊ ۾ هڪڙي صفائيءَ واري عورت بہ هئي. توهان کي خبر آهي تہ آها مائي انهن عورتن مان هئي جيڪي فرش جو گند ڪچرو صفا ڪن ٿيون ۽ جيڪي ڪاڪوس صفا ڪن ٿيون. هڪڙي ڏينهن هوءَ آئي ۽ منهنجي ڪاڏيءَ تي ٽڪي هڻي چيائين: "ويچارا اليڪاس! تون همیشه اڪيلو آهين! تون ڪنهن سان بہ ڪونہ ٿو گهالهائين! آءٌ اڄ رات تو وٽ وري ايندیس ۽ تنهنجي پاسي ۾ ويهندیس ۽ يوءِ تون مون کي گهالهيون ٻڌائجانءِ، ڪيئن، ٺيڪ آهي نہ؟" پوءِ هوءَ اڳا دروازي ڏانهن مس ويئي تہ اتي پهريدارن هٿان پڪڙجي پيئي. هو هُن کي گهلي باهر ڪڍي ويا. هوءَ آن رات موڙي ڪانہ آئي. مون هُن جو انتظار ڪيو، پر هوءَ ڪانہ آئي. مون هُن کي وري ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو. مون کي

ڪڏهن ب اهڙا خبر پئجي نہ سگهي تہ هُن سان ڇا وهيو واپريو؟ ۽ ....

ا-ف: ڇا توهان روئو پيا، اليڪاس؟ توهان؟

ا-پ: آءٌ ڪونہ ٻيو روئان. آءٌ ڪونہ ٿو روئان. بس ائين وهلورجي ويو آهيان. ماڻهن جي ڪيل پلائي مون کي ڏوڏيو ڇڏي. چڳائي مون کي لوڏيو وڃهي. ۽ تنهنڪري آءٌ جهجي پيس. سمجهيئہ؟

ا-ف: سمجهيم. اليڪاس، ڇا تون مذهبي ماڻهو آهين؟

ا-پ: ڇا، آءٌ آهيان؟ نہ. منهنجو مطلب آهي تہ منهنجو خدا ۾ اعتبار نہ آهي. جيڪڏهن توهان مون سان خدا بابت گالهائيندؤن تہ آءٌ فقط ايترو چوندس تہ آءٌ اينسٽين سان متفق آهيان: مون کي اسپنوزا جي خدا ۾ ايمان آهي. ان کي پينٿيزم چئو، يا توهان جي مرضي جيڪو وڏيو سو چئو. ۽ جيڪڏهن توهان مون سان يسوع مسيح بابت گالهائيندا تہ آءٌ اهو چئي سگهان ٿو تہ منهنجي لاءِ نيڪ آهي، چاڪاڻ تہ آءٌ اهو تسليم ڪونہ ٿو ڪريان تہ ڪو هُو خدا جو پٽ آهي، ۽ هو ماڻهوءَ جو پٽ آهي. اهڙا هڪڙي ٻيجل حقيقت آهي تہ هُو پنهنجي سموري حياتي ماڻهن جون تڪليفون ۽ ڏک گهٽائڻ لاءِ زنده رهيو ۽ آها ب هڪڙي ٻيجل حقيقت آهي تہ هُن پاڻ ب ۾ پوري ڄمار ماڻهن لاءِ

تڪليف سڻيون ۽ سڀ ٻه آن ئي مقصد لاءِ ۽ نه ڪي خدا جي خوشنوديءَ لاءِ، اهو مونکي تسليم ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي ته هُو عظيم هو. انهن سيني خدائن کان عظيم تر هو جيڪي ماڻهن ايجاد ڪيا آهن. توهان ڏسو، ماڻهو پيار جي نظريئي کي ممڪنات مان خارج نٿو ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته هُو پيار ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي. مون کي زندگيءَ ۾ تمام گهڻيون نفرتون مليون آهن، پر مون کي پيار ٻه تمام گهٽو مليو آهي. مثال طور پارڙي جي حيثيت ۾، آءٌ هڪڙو بلڪل خوش پار هوس ڇاڪاڻ ته آئون آن ڪتب ۾ ڇانو نپنو هوس، جنهن ۾ اسان هڪٻئي کي تمام گهٽو پيار ڪندا هئاسون. پر آهو سوال رڳو ڪتب جو نه هو. پر اهو سوال .... مون کي ڇا چوڻ گهرجي؟ کوجنائن جو هو. مثال طور، اِنليءَ جي قبضي دوران اسان کي پناهگير ڪري ليوڪاس پٽ تي وڃي ويا هئا، جتي اِنليءَ جي تمام گهڻي فوج رهندي هئي. آهي فوجي مون کي هميشه "پتڪڙو پڪولو، پڪولو، پڪولو!" ڪري سڏيندا هئا ۽ مون کي تحفي طور بسڪيٽ يا چاڪليٽ ڏيندا هئا. بابا، جيڪو فوجي آفيسر هو، سو مون تي زور پريندو هو ته آءٌ آهي شيون قبول نه ڪريان ۽ کين آڇلي واپس ڪريان. پر امان چيو ته "پلي شيون وٺ ۽ سندن ٿورو مڃ". امان کي خبر هئي ته هو آهي

شيون ڏيئي اسان جي کهٽائي نہ ڪري رهيا هئا پر اسان تي مهربان ٿي رهيا هئا. هُن کي خبر هئي تہ هو خراب فوجي نہ هئا پر سڀا ماڻهو هئا. آڳ جيئن جيئن وڌو ٿيندو ويس تيئن تيئن منهنجون خوشيون گهٽبيون ويون. هميشہ هڪ جهڙو خوش رهڻ ڏاڍو مشڪل آهي، خاص ڪري اُن حالت ۾ جڏهن توهان محسوس ڪريو تہ پيا ماڻهو انهن گهالهين جي ايتري سنبال يا پرواهہ نٿا ڪن جيتري توهان خود چاهيو ٿا. ۽ جڏهن مون زندگيءَ جي مسئلن بابت پنهنجي همعصرن جي بيغرضي ۽ بيپرواهي ڏٺي، تڏهن آڳ .... چگو، تڏهن آڳ وڌيڪ خوش رهي سگهڻ جي قابل نہ رهيس. جيئن اڄ ڏسو ٿا.

ا-ف: اهو واقعي عجيب آهي، الیکاس. توهان هڪڙي اهڙي ماڻهوءَ وانگر ٿا گهالهايو جنهن لاءِ سوچي ۾ نڏو سگهجي تہ ڪو هُو ڪنهن کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو.

ا-پ: ۲۱ اپريل ڪان اڳ، منهنجو مطلب آهي تہ ڪرنلن جي اچڻ کان اڳ، آڳ قتل ڪرڻ جي خيال لاءِ واقعي سوچي ۾ نڏي سگهيس. پيو تہ ٿيو پر ڪهڙي ۾ قاتل دشمن کي رڳو ڪو اپرو سپرو نقصان پهچائڻ لاءِ ۾ تيار نہ هوندو هو س. بهرحال، اڄ ۾، ڪنهن کي قتل ڪرڻ جو مخالف آهيان. آئون

هڪڙو جنوني يا تعصبي نہ آهيان. آءٌ تہ چاهيندس تہ هتي يونان ۾ رت جو هڪڙو ڦڙو بہ وهڻ کانسواءِ ئي سڀڪجهہ تبديل ٿي وڃي. منهنجو انفرادي طرح انصاف گهري وڻڻ ۾ ايمان ڪونهي. پر ڀوءِ بہ لفظ 'بدلو' يا 'انتقام' ۾ تہ بنهہ گهٽ ويساه اٿم. انهن ماڻهن لاءِ جن مون کي اذيتون ڏيون هيون، تن کان بہ انتقام وڻڻ لاءِ آءٌ سوچي بہ نٿو سگهان. آءٌ لفظ 'سزا' استعمال ڪريان ٿو، ڇو ڇا گهڻا لاءِ فقط تصور ڪريان ٿو، منهنجي لاءِ اهو ڪوڙ ٿيندو تہ انهن ماڻهن کي صرف هڪڙو ڏينهن بند ڪوليءَ ۾ ڏسان جن مون کي پورا پنج سال قيد ۾ رکيو هو. مونکي قانون جو، حقن ۽ فرضن جو تمام گهڻو خيال آهي. اها حقيقت آهي تہ مون پاڻ ڏوهاري جي انهيءَ حق کي ڪڏهن بہ چيلهنج نہ ڪيو تہ هُن مون کي موت جي سزا ڇو ڏني. مون سمورو عرصو جيڪو احتجاج ڪيو هو سو رڳو موت جي سزا جي آن طريقہ ڪار خلاف ڪيو هو جيڪو هُن اختيار ڪيو هو. انهن مارن جي خلاف جيڪي هُن مون کي ڏينهون هيون، انهن ظلمن جي خلاف جيڪي هُن مون سان ڪيا هئا، انهيءَ ٻَرياري قبر جي خلاف، جنهن ۾ هُن مون کي رکيو هو ۽ جتي رڳو مون کي لکٽ پڙهڻ جي بہ موڪل ڪانہ هئي. پر جڏهن کان ماڻهو اهو ڪجهہ ڪري ٿو جيڪو مون ڪيو هو، منهنجو مطلب آهي قتل ڪرڻ جي ڪوشش، تڏهن هو

قانون جي خلاف ورزيءَ نڏو ڪري. چاڪاڻ تہ هُو هڪڙي لاقانون ملڪ ۾ عمل ڪري رهيو آهي. ۽ لاقانونيت جو جواب به لاقانونيت آهي. سمجهين ٿي نہ، مطلب ڇا آهي؟

هيڏانهن ڏس، جيڪڏهن توهان ڪنهن گهٽيءَ مان وڃي رهيون آهيو ڪنهن کي به تنگ ڪرڻ کان سواءِ؛ آڳ اچان ٿو ۽ توهان کي ٽڏڙ هڻڻ شروع ٿو ڪريان ۽ موت ۾ توهان منهنجي خلاف رپورٽ به نہ ٿيون ڪري سگهو. ڇو تہ قانون توهان جو بچاءُ نڏو ڪري سگهي. ان صورت ۾ توهان کي ڇا سوچڻ گهرجي؟ توهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اِها گهالهہ ذهن ۾ رکجو تہ آڳ فقط ٽڏڙن جي گهالهہ ڪري رهيو هوس ۽ اُن کان وڌيڪ ڪجهہ به نہ. هڪڙو ٽڏڙ ڪوبہ زخم نڏو پهچائي يا فقط بي‌عزتي ۽ توهين ٿو ڪري. يا ڪو اهڙو به قانون هجڻ گهرجي جيڪو مون کي رڳو توهان کي ٽڏڙ هڻڻ کان به روڪي سگهي! ڪو اهڙو به قانون هجي جيڪو مون کي توهان کي رڳو چپي ڏيڻ کان به روڪي سگهي، جيڪڏهن توهان ائين ڪرڻ نٿيون چاهيو! پر جيڪڏهن ڪو اهڙو قانون وجود ئي نڏو رکي تہ پوءِ توهان ڇا ڪنديون؟ تہ پوءِ ڇا توهان کي اهو حق ناهي تہ توهان پنهنجو ردعمل ظاهر ڪريو ۽ اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ توهان مون کي قتل ڪري ڇڏيو تہ جيئن آڳ توهان کي وري تنگ

نہ ڪريان؟ انصاف ڪي پنهنجي هٿن ۾ ڪڻ ماڻڻ جي ضرورت ٿيو پوي! يا ائين ڪٽي چڏجي تہ فرض ٿيو پوي! ها يا نہ؟

ا ـ ف: ها.

ا ـ پ: ائين چوڻ ۾ مون ڪي ڪوبہ ڊپ ڪونهي: مون ڪي اِها پڻ خبر آهي تہ ڏڪار، نفرت ۽ دشمني ڇا آهي. آءٌ پيار ڪريان ٿو. تمام گهڻو پيار ڪريان ٿو. پر جيڪو آزاديءَ کي قتل ڪري ٿو اُن لاءِ مون وٽ نفرت ۽ ڏڪار جا ڊبر آهن. مثال طور انهن لاءِ بہ جن يونان ۾ آزاديءَ کي قتل ڪيو آهي. خدا جي اُن تي لعنت هجي. بلاغت يا خوشبيانيءَ جي جاڻ کان سواءِ اهي ڳالهيون چوڻ ڏاڍيون ڏکيون آهن، پر .... يوناني ادب ۾ هڪڙو جملو اڪثر ورجايو وڃي ٿو: سو آهي "آزاد ٿيڻ لاءِ خوش ٿيڻ ۽ خوش ٿڻ لاءِ آزاد ٿيڻ." سو جيڪڏهن ڪو ظالم ۽ جابر پنهنجي بستري تي قدرتي موت مري ٿو آءٌ .... آءٌ هُن جي ڪابہ مدد ڪري نٿو سگهان، ڇو تہ اُن لاءِ ڪاوڙ ۽ جوش مون تي غالب آهي. نفرت ۽ ڏڪار مون تي غالب آهي. منهنجي راءِ موجب اطالوين لاءِ اهو اعزاز آهي تہ مسوليني‌ءَ جيڪو ڪجهہ ڪيو تہ سندس پڇاڙي بہ ائين ٿي. پورچوگيزن لاءِ اها ڳالهہ شرم جوڙي آهي تہ سلازار Salazar پنهنجي بستري تي مئو هو. ساڳئي طرح

اسپين وارن لاءِ ۾ اِها شرم جهڙي ڳالهه ٿيندي جڏهن فرانڪو پنهنجي آخري عمر تي پهچي پاڻ سري ٿو.

خدا جي اُن تي لعنت! توهان سڄي قوم کي هڪ ريڊن جي ڏڻ ۾ تبديل ٿيڻ جي اجازت نٿا ڏيئي سگهو، ۽ پڻ، آءٌ ڪنهن خيالي ملڪ جا خواب ڪونه پيو لهان. مون کي اُها ۾ پوري طرح جاڻ آهي ته اِن قسم جو مڪمل انصاف ڪٿي ۾ وجود نٿو رکي ۽ اهو ڪڏهن ۾ حاصل نه ٿيندو. پر مون کي اها ۾ خبر آهي ته دنيا ۾ کي اهڙا ۾ ملڪ آهن جن ۾ انصاف جي اهڙي طريقه ڪار تي عمل ڪيو پيو وڃي. تنهنڪري جنهن ملڪ جا آءٌ خواب پيو لهان، سو هڪڙو اهڙو ملڪ هوندو جنهن ۾ جن تي حملو ڪيو وڃي ٿو، بيعزتي يا توهين ڪئي ٿي وڃي يا جن جا حق کسيا ٿا وڃن، سي عدالت ۾ انصاف جو مطالبو ڪري سگهن. هونهن! بنهه گهٽ ۾ گهٽ جيڪا ڳالهه ڪو ماڻهو پڇي سا ۾ ايتري ته هڻن گهرجي. اهو ئي سبب آهي جو مون کي انهن گيدي ۽ بزدلي تي ڪاوڙ اچيو وڃي جيڪي جڏهن ڪائنس سندن بنيادي حق کسيا ٿا وڃن ته ۾ بغاوت نٿا ڪن. مون منهنجي بند ڪوليءَ جي ديوارين تي لکي ڇڏيو هو ته "آءٌ ظالمن ۽ جابرن کي ڏڪاريان ٿو ۽ بزدل وري مون کان حقارت ڪن ٿا."

ا-ف: الیکاس .... هي هڪ ڏکيو سوال آهي. اوڏيءَ مهل توهان ڇا محسوس ڪيو هو جڏهن هن توهان کي موت جي سزا ٻڌائي هئي؟

ا-پ: اُن گهڙيءَ، ڪجهه به نه. مون کي اُن سزا جي اميد هئي. آءٌ اُن سزا لاءِ تيار هوس، تنهنڪري مون ڪجهه به نه محسوس ڪيو، سواءِ اُن جاڻ جي ته آءٌ پنهنجي زندگيءَ جو حقير نذرانو پيش ڪري اُن جدوجهد ۾ حصو پيو وڻان جيڪا مون کان پوءِ منهنجا ٻيا ساٿي جاري رکندا.

ا-ف: ۽ توهان کي پڪ هئي ته هو توهان کي شوٽ ڪندا؟

ا-پ: ها، بلڪل پڪ هئي.

ا-ف: الیکاس، .... هي سوال اڃا به وڌيڪ ڏکيو آهي، ۽ مون کي خبر ناهي ته توهان جواب ڏيڻ چاهيندا يا نه. هڪ ماڻهو اوڏي مهل ڇا ٿو سوچي، جڏي مهل هُو شوٽ ٿيڻ تي هوندو آهي؟

ا-پ: مون کي پاڻ تي تعجب ٿيو، ڪيترا ڀيرا مون کي پاڻ تي تعجب ٿيو، آها ڪيفيت مون پنهنجي هڪڙي شعر ۾ چوڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪو مون پرهم ڦٽيءَ مهل چيو هو، جڏهن هُنن اچي مون کي اتاريو هو ۽ چيو هو ته آءٌ معافي ڏيڻ لاءِ ڪين چوان

ءِ مون انڪار ڪيو هو.... اهو هڪڙو اهڙو شعر آهي جيڪو تمام خوبصورت ءِ بهترين سوچ ڏي ٿو تہ اُن گهڙيءَ آءٌ چا سوچي رهيو هوس. اهو شعر هن ريت آهي:

"جيئن
وڻن جون ڏاريون ٻڏن ٿيون
ڪهاڙيءَ جو پهريون ڏڪ
اهڙي طرح
اُن صبح جو
احڪام
منهنجي ڪنن تائين پهتا.
سا گهڙي پل
پراڻيون يادون
جيڪي مون سمجهيو هو تہ مري چڪيون آهن،
منهنجي دل ءِ دماغ ۾ اڇلي پيون
سڏڪن جيان.
ماضيءَ جا وساريل سڏڪا
هڪڙي اهڙي سياڻيءَ لاءِ جيڪو پهچي نہ سگهيو هو.
هڪ خواهش
آها صبح
فقط هڪڙي خواهش هئي.
اميد؟
جيڪا پڻ ختم ٿي چڪي هئي

پر ڪنهن بہ پل مون کي پاڻ تي افسوس نہ ٿيو
تہ ڪو منهنجي لاءِ مسلح سپاهين جو دستو انتظار پيو
ڪري."

۽ ڏس، جيستائين مون کي خبر آهي تہ، ٿي پيا بہ
ليکے آهن جن اها ڪيفيت ساڳئي نموني ۾ بيان
ڪئي آهي، جنهن انداز ۾ مون سوچيو هو. انهن مان
هڪ آهي **دوستو وسڪي**، جنهن پنهنجي ڪتاب
"بيوقوف The Idiot" ۾ لکيو آهي. ٻيو ليکڪ
ڪاموس Camus آهي جنهن سندس ڪتاب "اجنبي
The Stranger" ۾ لکيو آهي ۽ ٽيون ليکڪ آهي
ڪزنزيڪس Kazantzakis جنهن پنهنجي ڪتاب ۾
يسوع مسيح جي موت جو بيان ڪندي لکيو آهي. دوستو
وسڪي چا ٿو چوي؟ سا مون کي خبر هئي، مون
'بيوقوف' پڙهيو هو. پر مون 'اجنبي' نہ پڙهيو هو ۽
جڏهن ڪيتري وقت کان پوءِ مون آهو ٻوياڻي جيل ۾
پڙهيو تہ آن مون کي پريشان ڪري وڌو اهو معلوم
ٿيڻ تي تہ مون بہ ساڳيون گهالهيون سوچيون هيون
جڏهن آڳ ڦاسيءَ جي انتظار ۾ هوس. منهنجو مطلب
آهي تہ توهان اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ چاهيندا جنهن
سان توهان جو سر ڏڙ کان ڌار نہ ٿيندو هجي. مثال طور
شعر لکڻ، يا ڪو خط لکڻ، ڪو ڪتاب پڙهڻ يا
پنهنجي لاءِ آن ڪولي۽ ۽ ٽورڙي حياتي وڌائڻ جو بهانو

گولاڻ. زندگي هڪ حيرت انگيز ڪارنامو آهي .... پر آءٌ خاص طرح پريشان ٿيو هوس جڏهن مون ڪزنزيڪس جو يسوع مسيح جي موت تي لکيل مضمون پڙهيو هو. اُن ڪتاب ۾ هڪڙي هنڌ اُن پل جو به ذڪر آهي جڏهن حضرت عيسيٰ صليب تي پنهنجون اکيون پوري ٽوءِ سمهي پوي ٿو. ۽ هڪ خواب لهي ٿو، جيڪو زندگيءَ جو خواب آهي. هي خواب ۾ ڏسي ٿو تہ.... پر آءٌ اُن بابت گالهائڻ نٿو چاهيان، اُن متعلق گالهائڻ ٺيڪ نہ آهي.

ا ـ ف: اُن گالهہ جو فڪر نہ ڪريو. آءٌ سمجهي ويئي آهيان تہ توهان هڪ عورت سان پيار ڪرڻ متعلق خواب لهي رهيا هئا. ڪزنزيڪس جي ڪتاب ۾ حضرت عيسيٰ خواب لڏو هو تہ هُو لازرس جي پينرن هارتا ۽ ميريءَ سان پيار ڪري رهيو هو. ها .... ڏهن منٽن جي نند ۾ زندگيءَ جو خواب لهڻ .... اهو اڻين ئي ٺيڪ آهي، اهو اڻين ئي سهڻو ۽ خربصورت آهي. پر توهان ٻڌايو توهان باقي بچيل رات ڪيئن گذاري؟

ا ـ ف: آها ڪولي هڪڙي ڪليل ڪولي هئي جنهن ۾ رڳو ڪٽ ۽ ڪاٻہ هئي. هنن منهنجي لاءِ فقط هڪڙو ڪٽو فرش تي رکيو هو ۽ ٻيو مڙيئي ٿيو خير. مون کي هٽڪڙيون لڳل هيون، مون کي هميشہ هٽڪڙيون لڳل هونديون هيون. سو آءٌ هڪ ساعت لاءِ هٽڪڙين سان

فرش تي ليٽيس ۽ پوءِ هڪدم اٿي ڪڙو ٽيس ۽ آٽي ٻنڊل پهريدان سان گالهائڻ شروع ڪيو. مون تي مقرر تيل پهريدار نان ڪميشنڊ آفيسر هئا. ٽيئي نوجوان هئا ۽ سندن عمر اڌڪل ايڪيهه سال هئي. هنن کي هڪ قسم جي خاص پر سهڻي دريس پاتل هئي ۽ هنن جو روبو به دشمنيءَ وارو نه هو ۽ حقيقت ۾ ائين پئي لڳو ته هو سنهنجي لاءِ ان خيال غمگين ۽ مايوس هئا ته مون کي ڏورڙيءَ دير ۾ شوٽ ڪيو ويندو. ڪين خوشگوار موڊ ۾ آڻ لاءِ مون ساڻن سياست بابت گالهائڻ شروع ڪيو. مون ساڻن ائين ٿي گالهايو جڻ آءٌ ڪلاس ۾ شاگردن کي ڪو مسئلو سمجهائي رهيو هوس. مون ڪين سمجهايو ته هنن کي خاموش نه رڻ گهرجي پر پنهنجي آزاديءَ لاءِ وڙهڻ گهرجي. ۽ هنن مون کي نهايت احترام ۽ توجهه سان ٻڌو. مون کين پنهنجو لکيل نظم پڻ ياد ڏياريو: "ٽي موت." ٽوهان کي خبر آهي، هي اهو نظم آهي جنهن جي موسيقي ٽيوڊوراڪس مرتب ڪئي آهي. جيڏي مهل آءٌ کين اهو نظم پڙهائي رهيو هوس اوڏي مهل انهن انهيءَ نظم جا بول سگريٽن جي پاڪيٽن تي لکي ورتا هئا.

پوءِ انهن ٽن پهريدارن جي جاءِ وري ٻين ٽن اچي والاري، جيڪي زوريءَ پرتي ڪيل هئا. ۽ انهن ۾ هڪڙو اهو به هو جيڪو چرچ جي سُرود خاني ۾ گائيندو هو. مون پاڻ سان هڪ ان سُهائيندڙ پوڪ

ڪيو. مون اُن ڳائڻي کي چيو تہ منهنجي لاءِ جنازي نماز وارو گيت ڳائي. (عيسائين جي ميت دفن ڪرڻ مهل ٿيندڙ عبادت وارا بول، جيڪي ڳائيندا آهن - مترجم.) ۽ هن منهنجي لاءِ ائين ڪيو. اڄا ب وڌيڪ ڪندي ڪيس چيم "انهيءَ عبادت جا ڪي لفظ مون کي ڪوٺ وٺيا. ۽ جڏهن ترون منهنجي ميت لاءِ اهي لفظ ڳائين ٿو تڏهن توکي مون کي خدا جو نوڪر، غلام يا ٻانهو بلڪل نہ چوڻ گهرجي. ڪوب ماڻهو ڪنهنجو نوڪر ڪونهي. ڪنهن ب ماڻهوءَ کي ڪنهن جو نوڪر نہ ٿيڻ گهرجي. ساڳي طرح خدا جو ب نوڪر نہ ٿيڻ گهرجي." ۽ هن واعدو ڪيو تہ هُو منهنجي جنازي تي آهي لفظ نہ ورجائيندو، هو مون کي خدا جو نوڪر نہ سڏيندو. پوءِ اسان آهو نہ وٺندڙ پوءِ ختم ڪيو ۽ وري ڪائس ٿيوڊوراکس جا ترتيب ڏنل ٻيا گيت ٻڌاسون.

ا - ف: اليڪاس .... ماڻهو اوڏي مهل چا ٿو محسوس ڪري جڏهن هو ڪيس ٻڌائين ٿا تہ هو ڏيس ٻهرحال، شوٽ نہ ڪري رهيا آهن؟

ا - پ: هنن مون کي ڪڏهن ب نہ ٻڌايو تہ ڪو قاسيءَ جي سزا روڪي ڇڏي آهي. ڏن سالن تائين هنن مون کي ڪڏهن ب نہ ٻڌايو. ۽ يونان ۾ قاسيءَ جي سزا جو حڪم ڏن سالن تائين عمل جوڳو هوندو آهي.

انهن نہ ڪنڊڙ ٽن سالن ۾ ڪنهن بہ ڳوڙيءَ هو منهنجي ڪوليءَ جو دروازو ڪولي اندر اچي سگهيا ٿي تہ "پانا گولس، هلي آءٌ. مسلح دستو تنهنجي انتظار ۾ بيٺو آهي." پهرئين صبح جو مون کي اميد هئي تہ هو مون کي پنجين، ساڍي پنجين وڳي ڊاري شوٽ ڪندا. منهنجي لاءِ تہ بنهہ قبر بہ تيار هئي. جڏهن مون ڏٺو تہ ساڍا پنج وڄي چڪا آهن ۽ پوءِ ڇهہ، ساڍا ڇهہ ۽ ست تنهن ڪان پوءِ مون اندازو لڳايو تہ ڪا نئين ڳالهہ ٿي آهي. پر مون اهو ڪونہ ٿي سوچيو تہ ڪو قاسيءَ جو حڪم ملتوي ڪيو ويو آهي ـــ مون سوچيو تہ بہ ٿي ڪلاڪ دير ڪئي ويئي آهي ٿي سگهي ٿو تہ هيلڪاپٽر جهاڄي پيو ڊجي، اهو بہ ممڪن آهي تہ پراسڪيوٽر کي لال ٽپيءَ جي خبرچار لهڻي پئي هجي .... پوءِ اٽين وڳي جي قريب هڪ دستو منهنجي ڪوليءَ جي در وٽ آيو. مون پنهنجو پاڻ کي چيو: هاڻ اسان وڃون ٿا. پر اوچتو ڪنهن حڪم ڏنو ۽ دستو واپس وري ويو. آن ڪان پوءِ هڪدم هنن مون کي ٻڌايو تہ هو مون کي آن ڏينهن شوٽ نہ ڪندا، ڇاڪاڻ تہ آن ڏينهن ٻيي مريم کي نذراني پيش ڪرڻ جي خوشيءَ جو ڏينهن هو، تنهنڪري آن ڏينهن ڪنهن کي قاسي ڪانہ ڏني ويندي. هو مون کي ٻئي ڏينهن تي شوٽ ڪندا يعني نومبر جي ٢٢ تاريخ تي.

مون ٻيهر پرهہ ڦٽي ميل ٽيڻ جو انتظار ڪرڻ

شروع ڪري ڏنو. پي رات ٻ پهرين رات جهڙي هئي ۽ فجر مهل آءٌ تيار ٿي وينس. اوڏي مهل هڪڙو آفيسر آيو ۽ مون کي چيائين تہ "معافيءنامي تي صحيح ڪر تہ پوءِ توکي شوٽ نہ ڪيو ويندءِ." مون انڪار ڪيو. ۽ جيئن ئي آءٌ انڪار ڪري رهيو هوس تہ مون هڪ ٻئي آفيسر کي سپاهين کي ٻاهران سخت حڪم ڏيندي ٻڌو. ۽ مون سوچيو: هاڻي اسان وڃون ٿا. هن ڀري اسان سڀ ڀچ وڃون ٿا. پر ڪجهہ ٻ نہ ٿيو. آن شام هو مون کي ايجينا جيل سان ڪيي ويا. هو مون کي پهرين فوجي اڈي تي ڪٽي ويا ۽ پوءِ آتان پيٽرول-ٻيڙيءَ ۾ ٢١ ذريعي ملٽري پوليس جي آفيس ۾ وٺي ويا. هيءَ آهيا جاءِ هئي جتي مون کان پڇاڳاڇا ڪئي وئي هئي. هتي هڪڙو آفيسر هو جنهن مون کي چيو "پا اگولس، اخبارن اڳهر ئي تنهنجي ڦاسيءَ جون خبرون شايع ڪري ڇڏيون آهن. هاڻ اسان آن قابل آهيون تہ جنهن بہ طرح اسين چاهيون توکان پڇاڳاڇا ڪري سگهون ٿا. اسين توکي جيڪا ڳالهہ چاهيون، ٻڌائڻ لاءِ مجبور ڪري سگهون ٿا. ۽ تون عذاب سهي سهي مري ويندين. ڪنهن بني بشر کي بہ خبر ڪانہ پوندي ڇاڪاڻ تہ هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ توکي ڦاسي اڇي ويئي آهي." اهو فقط هڪ حاسداڻو دڙڪو هو، بهرحال ـــ هُنن آن ڏينهن مون تي تشدد نہ ڪيو. ٢٣ نوسبر جي فجر مهل، هنن مون کي هڪڙي ڪار

ڀر ويهاريو ۽ چيائون "وڏيڪ بيوقوف بنائڻ وارو دؤر ختم ٿيو. اسين توکي قاسي چاڑهڻ بدران بويائي جيل ڀر آندو.

ا ـ ف: اڪاس، مون کي تعجب آهي تہ توهان پنج سال هڪڙي پٽريلي بند پيٽيءَ ۾ اڪيلو رهندي، جيڪا هڪ بستري کان وڌي نہ هئي، پنهنجي دل ۽ ذهن کي ايترو سلجهيل رکڻ جو بندوبست ڪيئن ڪيو. اهو توهان ڪيئن ڪيو؟

ا ـ پ: بس رگهو شڪست ۽ مايوسيءَ جي هر خيال کي رد ڪندي مون ائين ڪيو آهي. تنهن کان سواءِ مون ڪڏهن بہ پاڻ کي دلشڪستو محسوس نہ ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو مون ڪڏهن بہ وڙهڻ بند نہ ڪيو. هر روز هڪ نئين جنگ هوندي هئي. چاڪاڻ تہ آءٌ چاهيندو هوس تہ روزانو هر نئين جنگ ٿئي. مون ڪڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي ٽڪجڻ يا دلشڪستو ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني. آءٌ پنهنجن مظلوم ماڻهن بابت سوچيندو هوس ۽ پنهنجي نفرت ۽ ڪاوڙ کي وري قوت ۾ بدلائي ڇڏيندو هوس. اِها ئي قوت هئي جنهن هميشہ مون کي پڄي وڃڻ جي نون نون طريقن ڳولڻ لاءِ همٿايو. مون محض پڄي وڃڻ خاطر پڄي وڃڻ جو ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو، منهنجو مطلب آهي تہ جيل کان پڄي پڄڻ لاءِ نہ. مون پڄي وڃڻ اُن لاءِ چاهيو ٿي تہ جيئن

پنهنجي جدوجهد کي جاري رکي سگهان ۽ پنهنجي ساڻين سان وري هانهن ٻيلي ٿي سگهان. آءٌ جدوجهد ۾ اُن پکي ارادي سان داخل ٿيو هوس تہ پنهنجو سيکجهہ اُن جدوجهد ۾ قربان ڪندس پر منهنجي دلگيري ۽ ناآسيدي اُن حقيقت مان ظاهر ٿي آهي تہ مون تمام ٿورڙو ڪجهہ ڏنو آهي ۽ مون تمام ٿورڙو ڪجهہ ڪيو آهي.

جڏهن يونان جي سرزمين تي آسريت مڙهي ويئي هئي، تڏهن مون پنهنجي ساڻين کي چيو هو تہ "منهنجي فقط هڪڙي امنگ آهي تہ هن آسريت کي ختم ڪرڻ لاءِ آءٌ پنهنجي جان قربان ڪريان ۽ پنهنجو سر گهوريان. منهنجي فقط هڪڙي خواهش آهي تہ هن جنگ ۾ دم ڏيندڙ آخري پتنگ آءٌ هجان. اُن ارادي سان نہ تہ ڪو آءٌ وڌيڪ ڏينهن جيءُ سگهان، پر اُن عزم سان تہ آزاديءَ لاءِ ٻين سيني کان وڌيڪ قربان ڪري سگهان."
۽ اڄ، آءٌ پنهنجي پوري ايمانداريءَ سان ساڳئي گالهہ پنهنجي دوستن کي چئي سگهان ٿو. مون کي اُن جي پرواهہ ڪانهي تہ اُن حقيقت جي اسان جي دشمنن کي خبر پوندي. مجموعي طرح، سچ پچ تہ آءٌ پاڻ کي اُن خوشفهميءَ ۾ مبتلا ڪونہ ٿو رکان تہ جنهن ڏينهن ملڪ جي آزاديءَ جو جشن ملهائيو، ان ڏينهن آءٌ ۾ زنده هوندس، پر اهو منهنجو ايمان آهي ۽ مون کي ڪامل يقين آهي تہ اهو جشن ضرور ملهائيو. اهو جشن

ملهائجي، تنهن لاءِ، بهرحال، مون کي ضرور وڙهندو رهڻ گهرجي، ۽ آن خيال ۽ پڄي وڃڻ جي خيال ڪنهي گڏجي پنجن سالن ۾ مون ۾ سهپ جي بي‌پناه قوت پيدا ڪئي.

ا ـ ف: پر توهان آن مقبري مان پڄي وڃڻ جو منصوبو ڪيئن ٺاهيو هو؟

ا ـ پ: ڪيترن ئي نم وسهڻ جوگن طريقن سان. سڀ کان پهريائين مون کي هڪڙو گس سجهيو تہ آءٌ پنهنجي سائين کي نياپو موڪليان .... اها خبر هوندي ہ تہ پڄي وڃڻ ۾ ڪاميابي ٽيڪ جا امڪان تمام گهٽ آهن، پر اهو خيال منهنجي ذهن مان ڪڍهن ہ ڪونہ نڪتو. ڪڍهن ہ نہ. منهنجي هاليسي تڏهن ہ ساڳي اها هئي جيڪا اڄ آهي: همٿ هاري پاڙي ٽي ويهي رهڻ کان اهو لک ڀر بهتر آهي تہ ڪوشش ڪندو رهجي پوءِ پوءِ ڪٽي ناڪام ئي ٿجي. هاڻ آءٌ توهان کي انهن ٻن ڪوششن جي باري ۾ ٻڌائيندس جيڪي ناڪام ٿيون پر منهنجي لاءِ ڏاڍيون دلچسپ هيون. هڪ رات پهريدارن منهنجي ڪوليءَ جو در کوليو ۽ همیشه وانگر هنن ،ون کي اندر ڪونہ ڏٺو. مون تہ اڪل ڪئي هئي، پر هو بيوقوف اوچتي خوف ۾ ايترو تہ هراسجي ويا جو وڃي رڙيون ڪرڻ لڳا، سهڪڻ لڳا ۽ هڪٻئي تي الزام هڻڻ لڳا ۽ مون کي ديوارن تي ۽ چاڙهيءَ

تي گهوڙ لڳا. هنن کان مت چڏائي ويئي ۽ هنن رڳو آتي نڪي گهوليو جتي آڳ ويڏو هوس، يعني ڪٽ هيڻان. آڳ ڪٽ هيڻان لڪو ويڏو هوس ۽ هنن جي وٽ پڪڙ جو سزو ڏسي رهيو هوس ۽ هنن پئي چيو: "اڄ صبح جو تون سڀ کان پهرين ڪوليءَ ۾ داخل ٿيو هئين!" پئي چيو "پر چاهيون ته تو وٽ هوندين آهن!" "نيڪ آهي، اِن سلسلي ۾ اسان کي پاڻ ۾ وڙهڻ نه گهرجي! اچو ته هن کي گهوڙ جي ڪوشش ڪريون!" ۽ ائين چوندي هو در کليل چڏي ڪوليءَ مان باهر نڪري ويا ته جيئن سيڻي وڃائي اطلاع ڪن.

اهو موقعو وڻي آڳ ٽڪڙو ٽڪڙو ڪوڻي مان نڪري وڻي اونداهيءَ ڏانهن ڀڳس ۽ پنهنجا سيڻرن تائين پڇڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. آڳ هڪڙي وڻ جي اوٽ وڻي بيهي رهيس. آن وڻ کان پوءِ پئي وڻ تائين پهتس، ۽ پوءِ بورڇيخاني جي پاڇي مان ٿيندو جيل جي پٽ تائين پهچي ويس. ماٺهو سڄي ميدان تي شور مچائي چئي رهيا هٿا: "خطري جي گهنٽي، خطري جي گهنٽي." مون پڻ وڻي دانهون ڪيون: "خطرو ٽري ويو، خطرو ٽري ويو!" مون کي اميد هئي ته جيڪو پڏندو سو اعتبار ڪري ويندو. هاڻي باقي جيڪو ڪجهه مون کي ڪرڻو هو سو هو پٽ تي چڙهڻ. بس آڳ پٽ تي چڙهڻ وارو ئي هوس ته ابتري ۾ هڪڙي سپاهيءَ مون کي ڏسي ورتو ۽ ڪٽي گڇيءَ کان ورتائين.

ا-ف: جيڏي مهل هنن توهان کي پڪڙي وڏو، اوڏي مهل توهان ڇا محسوس ڪيو؟

ا-پ: سچ پچ تہ آءٌ پڪڙجڻ جي ڪري خوش ڪونہ ٿيو هوس. پر مون کي ڪاوڙ بہ ڪانہ آئي. مون فقط ايترو سوچيو: پرواهہ ناهي، ٻئي ڀيري هن کان وڌيڪ بهتر ٿي سگهندو. ٻئي ڀيري مون صاٻڻ مان ٺهيل پستول جي آڏار تي پڇي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهو پستول مون پاڻ صاٻڻ ۽ مانيءَ جي ٽڪرن مان ٺاهيو هـو. ان کي مون ڪارو رنگ تيليءَ جي سڙيل چيڙي واري ڪاراٽ مان لڳايو هو. توهان اندازو لڳايو، هڪڙي تيليءَ مان ڪيتري ڪاراڻ ملي سگهي ٿي. پستول جي نالي مون سگريٽ جي پاڪيٽ ۾ پيل پنيءَ مان ٺاهي جيڪا بلڪل هڪ لوهي ناليءَ وانگر ٿي لڳي. هڪڙي رات هو همیشه وانگر منهنجي ڪوليءَ اندر آيا تہ جيئن آءٌ ڪاڏو وڃان ۽.... مون پنهنجو پستول مٿن تاڪيو. هو ٿي چڙا هئا، هنن تي ايترو تہ خوف طاري ٿي ويو جو انهن مان هڪ وٽ ڪاڏي جو ٿڙي هو سو هيٺ ڪري پيو. ٻين پٽن تي بہ سڪتو چانڇي ويو. اها سموري ڪاروائي اهڙي تہ مزيدار هئي جو آءٌ پاڻ تي ضبط ڪري نہ ٿي سگهيس ـــ ڪل جو دورو تمام گهٽو طاقتور هو. توهان يقين ڪريو يا نہ ڪريو جيڪڏهن آءٌ پنهنجي ڪل تي ڪنٽرول ڪري وڃان

ها تہ اهو عين ممڪن هو تہ آءٌ پڇي وڃڻ ۾ ڪاميابَ ٿي وڃان ها. پر ٽورڙو سزو وڃڻ ۾ مون کي آڇت آئي ۽ اها ئي آڇت تہ ڪا شيءِ هوندي آهي.

ا-ف: پر ايڪاس، توهان گهٽا ڀيرا پڇڻ جي ڪوشش ڪئي؟

ا-پ: ڪيترائي ڀيرا. مثال طور، هڪڙو ڀيرو تہ مون پنهنجي ڪوليءَ جي ڀڪي ديوار کي ڇانهن جي چمچي سان ڪوڏيندي پڇي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سال ١٩٦٩ع جو آڪٽوبر جو مهينو هو ۽ اُن وقت آءٌ جيل انتظاميہ کان پنهنجي ڪوليءَ ۾ پائخانو ڪرڻ جي اجازت وڃڻ ۾ ڪاميابَ ٿي ويو هوس. تنهن کان پوءِ هڪڙي بک هڙتال ذريعي آءٌ ڪائٽن هڪڙو پردو بہ حاصل ڪري ويس جيڪو پاخاني جي آڏو ٽنگيندو هوس، مون پاخاني واري جاءِ کي لوڪهو ڪرڻ لاءِ چوفديو ۽ ان جاءِ کي پوشيده رکڻ جو ڪم ڏيندو هو. مون ان منصوبي تي مسلسل ٻہ هفتا ڪن ڪم ڪيو ۽ ١٨ آڪٽوبر تي اهو ڏرڙ بلڪل تيار ٿي ويو ۽ مون ان مان نڪري وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آءٌ ڪنهن بہ طرح باهر نڪري نہ سگهيس، چاڪاڻ تہ مون کي بدن تي تمام گهٽا ڪپڙا پاتل هئا. مون کي ڀهريائين اهي ڪپڙا لاهي باهر اڇلائا ٿي پيا ۽ تنهن کان پوءِ ورپ پاڻ باهر نڪرڻ تي ٻيو ۽

انهيءَ ئي معاملي سڄو ڪم خراب ڪري ڇڏيو. عين وقت تي هڪڙو پهريدار اتان اچي لنگهيو ۽ منهنجا ڪپڙا ڏسي ورتائين ۽ هڪدم خطري جو گجو وڄايائين ڪن پل ۾ هو مون ڪي وڪوڙي ويا. ازڏي مهل ئي پڇاگاڇا شروع ڪري ڏنائون. هو اعتبار ئي نه پيا ڪن ته ڪو مون پڪي ديوار فقط هڪڙي ڇانوَ جي چمچي سان کوڙي هئي. هنن مون تي تشدد ڪيو ته آءٌ ڪين ٻڌايان ته مون اهو ڏر ڪيئن ڏاهيو. آهه! توهان تصور ۾ نٿا ڪري سگهو ته هنن مون ڪي ڪيئن ۽ ڪهڙيون اذيتون ڏنيون.

تشدد کان پوءِ هنن وري مون ڪي مون واري ڪال ڪوٺڙي ۾ آندو، ۽ مون واري ڪٽ ۾ ڪيڏي ڇڏيائون. آءٌ اڳي وانگر وري هڪڙي ڪٽي ۾ پٽ تي هٿڙين سان سهندو هوس. ٻن ڏينهن کان پوءِ ٽيوفائيلو ياناڪاس ٻهر ظاهر ٿيو. "تو اهو سوراخ ڪيئن ڪيو؟" "توکي خبر آهي ته هڪ ڇانوَ واري چمچي سان ڏاهيو هوم." "اهو ناممڪن آهي، اهو سچ ناهي!" "پر ٽيوفائيلو ياناڪاس، تون اعتبار ڪرين يا نه، تنهن جي مون ڪي پرواهه ڪانهي." منهنجو ايترو چوڻ ۽ ٽڏا ۽ مار شروع ٿي ويئي. پوءِ ۾ هفتا رڪي، وري فيدان گزيڪس تالي هڪڙو جرنل آيو جيڪو تمام سياڻو ۽ ڏاڍو سهڻو هو. هُن چيو "اليڪاس، جيڪڏهن هو توکي هٿڙين لڳائي رکن ٿا ته تون اسن جي

شڪايت ۾ تہ نٿو ڪري سگھين، چاڪاڻ تہ تو هڪ چمچي سان پڪي ديوار کوٽي ڏرڻ ناهيو هوا!" ۽ مون چيومانس: "ٿوهان انهن ڪمزور شين جي اهميت تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيو؟ چاڪاڻ تہ هڪ پڪي ديوار ڪسٽرڊ پيڊنگ (سِلائيءَ جو قسم) جو پيالو تہ نہ آهي!" منهنجي انهيءَ گالهہ سان هُن جرنل جا جذبا مجروح ٿي ٿيا، ۽ اڳين انهن تان مسخري يا ٺٺولي ڪري مون ڪي وري بک هڙتال تي وڃڻو هو. هو مون ڪي کٽ ڏيڻ لاءِ يا هٽڪڙيون لاهڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار ڪونہ هٿا. پر پوءِ آخرڪار انين ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا چاڪاڻ تہ مون ۷ ڏينهن جي بک هڙتال دوران ڪافيءَ جي چند ڦڙن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ٿي کاڌو. مون ان بابت هڪ نظم پڻ لکيو هو.

ا-ف: ڪهڙو؟

ا-ب: اُن نظم جو عنوان آهي "آءٌ چاهيان ٿو." نظم آهي:

"آءٌ ساراهہ ڪرڻ چاهيان ٿو
ساڳي قوت ۽ لڳاءُ سان، جنهن سان آءٌ بددعا ڏيڻ
۽ پٽڻ چاهيان ٿو
آءٌ سزا ڏيڻ چاهيان ٿو
ساڳي قوت ۽ لڳاءُ سان، جنهن سان آءٌ معافي ڏيڻ
چاهيان ٿو

آءٌ اڻپ چاهيان ٿو
ساڳيءَ قوت ۾ لڳاءُ سان، جنهن سان مون شروعات
۾ اڻپ چاهيو هو
آءٌ سوپ ڪٽڻ چاهيان ٿو
توڙي جو مون تي ڪوبہ سوپ حاصل ڪري نہ
سگهيو آهي."

پر هاڻي آءٌ توهان کي هڪڙي ٻي ڪوشش جي
باري ۾ ٻڌائيندس. آها ڪوشش جيڪا مون فيبروري
١٩٧٠ع جي آخر ۾ ڪئي هئي. جنوريءَ ۾ هنن مون
کي گائوڊي Goudi ۾ ماٿري پوليس جي سکيا جي
مرڪز ۾ بدلي ڪري ڇڏيو. اتي موجود پهريدارن مان
هڪڙو منهنجو دوست هو. اتي پهچندي ئي مون وري
ٻيو ٻيرو ڇڻ جو منصوبو ٺاهڻ شروع ڪيو. مون
واريءَ کوليءَ کي ہ ڪلف لڳل هوندا هئا. مون
پنهنجي دوست پهريدار کي چيو تہ هو بازار مان انهن
ٻن ڪلفن جهڙا ڪلف جيترا ملي سگهن، وٺي اچي.
ڪلفن سان گڏ ڪنجيون ڀڻ وٺي اچي. هو هڪ هڪ
ڪندو اڪل هڪ سئو ڪن ڪلف وٺي آيو، ۽ اسان
هڪ هڪ ڪري کوليءَ کي لڳل ڪلفن کي کولڻ
جي ڪوشش ڪئي. آخرڪار هڪڙو ڪلف اسان کي
اهڙو ہ ملي ويو جنهن جي اسان کي تلاش هئي. مون
وري آن پهريدار دوست کي بازار مان ٻيا ڪلف وٺي
اچڻ لاءِ چيو، ۽ هُو ٻيا ہ ڪلف وٺي آيو. ہ ڏينهن

پوءِ، فيبروري جي ١٦ تاريخ وري هن جي ڏيوڻي صبح جو ٨ وڳي کان ١١ وڳي تائين ۽ رات جو ١٠ وڳي کان اڌ رات تائين مون تي پهرو ڏيڻ جي لڳي. صبح وارو وقت ته اسان نون ڪلفن تي زور آزمائي ڪندي گذاريو ۽ نيٺ هڪڙي چاپي اهڙي به ملي ويئي جنهن سان پيو تالو به کلي ٿي ويو.

آءٌ خوشيءَ کان بنهه چريو ٿي پيس ـــ آءٌ آن رات پڄي ويندس، بلڪ اسان آن رات پڄي ويندا سون. يقيناً هو منهنجي پڄي وڃڻ کان پوءِ اتي ترسي نه سگهي ها. هر ڪا شيءِ تيار هئي. ناڪاميءَ جو ڪوبه سبب ڪونه هو. پر بندي جي من ۾ هڪڙي، پي جا ڪري خدا! ڪاش! ائين ٿي سگهي ها! پر ائين ٿي نه سگهيو. پڄي وڃڻ بدران .... پڄي وڃڻ بدران، چاپي ليڇڻ کان صرف به ڪلاڪ پوءِ تقريباً ١١ وڳي صبح جو هو مون کي وڻڻ آيا ۽ مون کي ڪٽي واپس بوياڻي جيل ۾ آڻي بند ڪيائون. جتي هنن منهنجي لاءِ هڪ خاص ڪوليِ ٺهرائي هئي. جيڪا خاص قسم جي سخت پٿر سان ٺهيل هئي. مون پوءِ سمجهيو ته گاڏيءَ ۾ منهنجي بدلي رکو نئين ڪوليءَ جي اڏاوت لاءِ ڪئي ويئي هئي، جيڪا تمام محفوظ هئي ۽ مضبوط پٿر جي ٺهيل هئي.

ا ـ ف: آن ڪوليءَ کان به مضبوط، جنهن ۾ توهان هڪ ڏينهن اڳ پوريل هئا؟

ا ـ پ: ها، آن کان ۾ مضبوط ۽ هُنن مون کي آن ۾ بند ڪري ڪلف لڳائي ڇڏيو. آن نئين ڪولي۽ مان پهريون پيرو پڇ جي ڪوشش مون ٢- جون ١٩٧١ع تي ڪئي. پوءِ هنن مون کي بدلي ڪري وري ملٽري پوليس جي سکيا واري مرڪز ۾ آندو، پر آتان به مون ٻهر پڇي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي — شايد ٣٠ آگسٽ تي اهو فرار اهڙو واقعو هو جنهن کي تمام گهڻي اهميت ۽ مشهوري ملي، ڇاڪاڻ ته ليڊي فليمنگ کي به آن فرار ۾ ملوث ڪيو ويو هو، جنهن کان پوءِ پڇاڳاڇا به ٿي هئي. توهان ڏسو نه، رازداري۽ جو مطلب اهو نه آهي ته ماڻهو هر گهالهه تان هٿ کڻي ويهي رهي. پاڻ کي ڪڏهن به مظلوم محسوس نه ڪريو. ڪڏهن به هڪ مظلوم وانگر پيش نه ٿيو. آڻ ڪڏهن به مظلوم ٿي پيش نه ٿيس — آن حالت ۾ به نه، جڏهن بک هڙتالن ۾ آڻ گهري ڪندا ٿي ويو هوس، مون هميشه پڇي وڃڻ جا نوان طريقا گوليا ۽ آڻ هميشه خوشگوار مود ۾ رهندو هوس يا حملي آور جي حيثيت ۾ رهندو هوس. آن حالت ۾ به، جڏهن آڻ گهٽين ۽ فڪرن کان ٻنهه بيحال ٿي ڇڻ مري رهيو هوس. گهٽيون .... فڪر .... تنهائي .... اڪيلائي .... مون مٿين ڪيفيت بابت منهنجي شاعري۽ جي ڪتاب ۾ پڻ ٻڌايو آهي جنهن ويارڪيو انعام ڪٽيو هو. ڏسو، اڪيلائي۽ تي توهان فقط تصورات سان ئي غالب پئجي

سگھو ٿا. سون پنھنجي ذھن ۾ کيترا ئي نوان جنم ورتا تہ جيئن اڪيلائيءَ جي عذاب تي غالب پئجي سگھان. ۽ کيئن نہ سخت ڪيفيت ۾ سون پنھنجو ھر جنم تصورات ۾ پيھي گذاري چڪيو.

ا ـ ف: پر اليڪاس، ھڪڙو ڀيرو توھان پڇي وڃن ۾ ڪامياب ٿيا ٿي ويا ھئا؟

ا ـ پ: ھا، جارج موراڪس سان گڏ پڇي تہ ويو ھوس، پر رڳو منھنجي ڪري ويچاري موراڪس کي سورنھن سال ٽيپ اڇي ويئي. ھنن ڪيس پاڇوڪڙ قرار ڏنو آھي تنھنڪري ھن عام معافيءَ ۾ بہ ھو ڇُٽي ڪونہ سگھيو. جارج موراڪس، ھڪڙو نوجوان نان ڪميشنڈ آفيسر ھو، جنھن سون کي خودبخود مدد ڪرڻ جي آڇ ڪئي ھئي. آ، موراڪس سان منھنجو پڇي وڃڻ کيترو نہ دلچسپ ھوا! سون کي نائڪ جو ويس پاتل ھو ۽ منھنجي ھٿن ۾ سيني ڪولين جي ڪلفن جي چاپين جا ڇڪا ھئا. جڏھن اسين آخري دروازي وٽ پھتاسون تڏھن سون انتي ينڊل پھريدار نندڙي سپاھيءَ ڏانھن چاپيون اڇلي چيومانس "سوني سِر، دروازو کول." سپاھيءَ سون کي ڪونہ سڃاتو ۽ ھُو ھڪدم ڪڙو تڙو ٿي ينڊو ۽ اسان لاءِ دروازو کوليائين. سون اھو پڻ چيومانس تہ گھٽو گوڙ نہ ڪري ۽ جيسين اسين موٽي اچون تيسين ڪنھن کي نہ ٻڌائج تہ ڪير

پاهر ويو آهي. توهان سمجهو ٿا نه ته اهو امڪان
هميشه رهيو ٿي ته الاجي پچي سگهنداسون يا وري
پڪڙجي پونداسون. جيڪڏهن اسين پاهرين پت ٽپي وڃڻ
۾ ڪامياب نٿا ٿيون ته ظاهر آهي ته واپس اڇلو پوندو.

اسين اهو پاهريون دروازو ٽپي آياسين جنهن حقيقت
۾ اسان کي ملٽري ميدان تي آڻي ٽي ڀهاريو ۽ جتان
پوءِ رڳو پت ٽپڻي هئي. جيتوڻيڪ پت تمام اوچي هئي
۽ آن تي بجليءَ جي ڪليل تار وڇايل هئي. پر آڳ جهڪي
بيٺس ۽ موراکس منهنجي ڪلهن تي پير رکي مٿي
چڙهي ويو. پوءِ هن پنهنجون ٻانهون هيٺ ڪون
جن کي چنبڙي آڳ مٿي چڙهي ويس ۽ اهڙي طرح اسين
پچي وياسين ۽ اٽينس جي گهٽين ۾ پئي چڪر هنياسين.
ڏاڍو خراب ٿيو هو جو چئن ڏينهن ڪان پوءِ هنن اسان
کي پڪڙي ورتو. هنن مون کي هڪڙي باغيءَ
ٽاڪس پيٽناساس جي گهران اچي پڪڙيو. پيٽناساس
جو ۱۹۶۷ع ڪان وٺي گريڪ رزسٽنس سان لاڳاپيل هو
۽ هُو هڪڙي سنري اداري ۾ ڪم ڪندو هو ۽ اسان
لاءِ ڪيترائي ڪوڙا پاسپورٽ مهيا ڪيا هئائين. هنن
مون تي تشدد ڪري پيٽناساس جي باري ۾ پڻ ڄاڻائڻ
ٽي چاهيو، پر آڳ ڪٽي ٿو ڪين پڌائي سگهان. دراصل
اهو ئي سبب هو جو هو پيٽناساس کي ڪڏهن به گرفتار
ڪري نه سگهيا.

فرار ٿيڻ بعد آڳ پوري پوسي سان سندس گهر

ويس. سنهنجو مطلب هو تہ فقط ہ ٹي ڈينهن آتي رهان، جيستائين آءٌ گريڪ زرسٽنس گروپ جي پنهنجن ساٿين سان رابطو قائم ڪري سگهان. هُن سنهنجو گرائڙين، پاڪرن ۽ ڇُمين سان آدرياءُ ڪيو ۽ مون سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو، پر ٻئي ڏينهن هو آهو گهر ڇڏي هليو ويو جتي آءٌ سندس مهمان ٿي رهيو پيو هوس. ۽ وري ٤٨ ڪلاڪن کان پوءِ ظاهر ٿيو. اسان پاڻ ۾ گالهايو ۽ ماني گڏجي کاڌيسون. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير هي موڪلائي روانو ٿيو تہ ڪم تي ٿو وڃي. پر ڪم تي وڃڻ بدران هو سڌو پوليس ٽاڻي تي ويو ۽ چاپين جا ڇڪا وڃي پيش ڪيائين. اهو ٻي ڪارڻ هو جو اسين ٻهر جهلجي پياسين. پيٽنساس ڪي انعام طور پنج سئو دراچماس يعني الڪل ١٧ دالر ڪن مليا هئا. جيڪڏهن توهان دل ۾ نہ ڪريو تہ اچو تہ هاڻي اسان ڪنهن ٻئي موضوع تي گالهايون.

ا ـ ف: ها، پلي، اچو تہ هاڻ کا ٻي گالهہ ڪريون. اچو تہ پاپاڊو پولاس جي باري ۾ گالهايون.

ا ـ پ: ٺڪ، آءٌ هين پاپاڊو پولاس جي باري ۾ سنجيدگيءَ سان صحيح نموني ۾ گالهائي ڪونہ سگهندس، ڇو تہ هو هڪڙو اهڙي قسم جو ماڻهو آهي جنهن کي توهان تيستائين بنهہ سمجهي نہ سگهندؤ جيستائين توهان کي هُن جي سموري تاريخ جي خبر نہ پوندي. تاريخ،

جيڪا ڏيڪاري ٿي تہ هو بيايمان، ذهني طرح بيمار، خبيث ۽ مصابي ڪوڙو آهي، مسلسل ڇهہ سال هُن رڳو ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ سچ جو هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو اٿس. نہ ڄاڻان ڪيترا ڀيرا منهنجي لاءِ نفرت ۽ ڏکار اوڳاڇي اٿس ۽ مون اهو سڀڪجهہ ڪيس خطن ۾ لکي ٻڌايو هو! توهان کي خبر آهي، مون آهي خط جيل جي ڊائريڪٽر کي ڏنا هئا. هر خط ۾ مون ڪيس مسخرو، ٺرڙو، چوٽيو، چريٽ، ظالم ۽ ذهني طرح چريو لکيو هو. ۽ توهان ائين نہ سمجهجو تہ ڪو مون ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ اچي ڪيس اجايو گهٽ وڌ ڳالهايو آهي، پر آهي ڳالهيون سموريون سنڊس سوانح حيات يا گذريل ڪارڊ مان ظاهر آهن.

هي آهو ڪئپٽن هو جنهن ۱۹۵۱ع ۾ 'ڪوپ ڊٽيٽ' ۾ حصو ورتو ۽ بهرحال، 'ڪرسٽياس ۽ ٽيبولارس' سان گڏ ناڪام ٿيو. هي آهو ساڳيو ماڻهو اٿئي جيڪو ۱۹۶۱ع ۾ ٽينڊز چونڊن وقت ليفٽيننٽ ڪرنل هو ۽ اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ هُن مشهور پيريڪلس پلان جوڙيو جنهن تحت هنن ملي پگٽ ڪري چونڊن جي نتيجن کي غلط ۽ بوگس ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جڏهن جمهوري حڪومت آن پيريڪلس پلان جي تحقيقات ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو تڏهن هُن بدمعاش جواب ڏنو هو تہ اڄ يوناني لکت سمجهي نٿي سگهيس تنهنڪري منهنجي آها ذميواري

نہ هئي. توهان کي اها حقيقت سرڪاري دستاويزن مان
۽ اُن وقت جي اخبارن ۾ شايع ٿيل خبرن مان معلوم
ٿي ويندي.

هي اهو شخص آهي جنهن ١٩٦٣ع جي شروعات
۾ پنهنجي محڪمي ۾ وڏيون گهوٻيون هڻي اُن کي
سبوتاز ڪيو هو ۽ پوءِ وري پاڻ ئي پنهنجن سپاهين
تي تشدد ڪري اُن گهالهه تي بيهاريائين ته اهو ڏنڊو
ڪميونسٽن ڪيو هو. هي پروپئگنڈا ۽ نفسياتي جنگ
جي محڪمي جو بالا آفيسر هو ۽ هر ڪنهن کي خبر
آهي ته هُن ئي پاليڪارپاس جارغيجز کي قتل ڪرڻ
جو حڪم ڪيو هو. هرهڪ کي خبر آهي ته جڏهن
هنن مون کي جيل ۾ مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي
تڏهن هر پيري، هر واقعي جي پٺيان هن جو هٿ هو.
هي بهرحال هڪڙو واهيات ماڻهو آهي. اُن جو اندازو
توهان انهن حقيقتن مان لڳائي سگهو ٿا ته هُن تشدد
ڪندڙ عملي لاءِ وڏيڪ رعايتن ۽ سهوليتن جو اعلان
ڪيو آهي. ڇا اِهڙي ڪنهي اجازت ناهي ته تشدد جو
وجود پلي قائم رهي؟ ڇا اهو تشدد جي ڪاروائين کي
وڌائڻ ۽ ويڇهائڻ جي برابر ناهي؟

ا-ف: ائين برابر آهي، پر اهي گهالهيون هُن کي
پاور ۾ هڇڻ کان روڪي ته نٿيون سگهن؟

ا-پ: بلڪ، جيڪڏهن توهان جو مطلب آهي ته

مٿيون سموريون روئيدادون هن جي پاور ۽ رهڻ سان واسطو نٿيون رکن يا اثرانداز نٿيون ٿين تہ پوءِ آءٌ توهان کي تفصيل سان مثال ڏيڻ ٿو. آءٌ جڏهن روم ۽ هوس ڏٺن مون هڪڙي فلم ڏٺي هئي جنهن ۾ مسوليني پلازو وينيزيا سان هڪڙي مڙس سان گالهائي رهيو هو. آءٌ حيرت ۽ تعجب ۾ پڄي ويس تہ انليءَ جي ماڻهن هڪڙي واهيات ماڻهوءَ کي هيترا سال برداشت ڪرڻ جو ڪيئن بندوبست ڪيو آهي، جنهن جي گفتگو نهايت اڻگهي ۽ بيهودي هئي. پر پوءِ به مسوليني هڪ طاقتور آدمي هو ۽ پنهنجي جاءِ تي مضبوط ٿي هو. ڇا حڪومت تي چوريءَ قبضو ڪرڻ ۽ اهو جاري رکڻ کنهن ماڻهوءَ کي واهيات ٿيڻ کان روڪي سگهي ٿو؟ مسوليني ۽ پاپادوپولاس ۾ فرق فقط ايترو آهي تہ صحيح يا غلط پر مسوليني‌ءَ جي اهميت ۽ حمايت هئي پر پاپادوپولاس کي تہ اهڙا به کانهي. هن جي طاقت فوجي ماڻهن تي آهي يعني فقط ڏهن فوجي آفيسرن تي، جيڪي سموري آرمي تي ڪنٽرول ڪن ٿا. هي هڪڙي ننڍڙي ٽولي جو ننڍڙو اڳواڻ آهي.

آن کان به وڌيڪ تہ هو بي ايماني‌ءَ سان ڪم ڪري ٿو. هو پاڻ کي فرانڪو وانگر نٿو پيش ڪري، جيڪو چوي ٿو: "آءٌ سڀڪجهہ آهيان، آءٌ تاريخ آهيان." هي تہ پاڻ کي انقلاب ۽ جمهوريت جو بنهہ وارث ڪريو ٿو پيش ڪري. جمهوريت! هيءَ ڪهڙي جهنمي

قسم جي جمهوريت آهي، جنهن ۾ فقط هڪڙو ماڻهو چونڊجڻ لاءِ بيهي ٿو ۽ رڳو بظاهر به ڪا مخالف ڏر ڳٽائڻ ئي نٿو چاهي. توهان ائين چئي سگهو ٿا تہ: پر توهان تہ جيل مان پاپاڊو پولاس جي عام معافيءَ جي ڪري نڪتا آهيو. پر توهان اهو ڪونہ ٿا سمجهو تہ آها سڄي انڪل آهي، چالاڪي آهي، ڏنولي آهي ۽ بدمعاشي آهي؟ چا توهان اهو ڪونہ ٿا سمجهي سگهو تہ هن عمل جي پويان سندس ظلمن کي جاري رکڻ جي حرفت سمايل آهي؟

ا ـ ف: ايڪاس، توهان جو ڪنسٽنٽائين جي باري ۾ چا خيال آهي؟

ا ـ پ: آءٌ هميشه جمهوريت پسند رهيو آهيان، ۽ سچ پچ تہ آءٌ انهن مان نہ آهيان جيڪي ڪنسٽنٽائين لاءِ افسوس ڪن. تنهن ڪانسواءِ ڪنسٽنٽائين پاڻ پنهنجي لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون هيون جن ڪيس ملڪ کان ٻاهر آڇلي ڏٽو ڪيو، جڏهن هن جولا ۱۹۶۵ع ۾ پاپا ندريو تي زور پريو هو تہ هُو استعيفا ڏي. پر مون کي اُن ڳالهہ تي زور ڏيڻ جي ڪهڙي پرواه تہ ڪنسٽنٽائين کي آءٌ سٺو ٿو سمجهان يا نہ. مون کي فقط هيءَ ڳالهہ ڏسڻي آهي تہ فوجي ٽولي جي خلاف هلندڙ جدوجهد ۾ ڪنسٽنٽائين ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿو يا نہ. شايد هي ڪم اڇي سگهي. ڇاڪاڻ

ته ڪنسٽيٽيئن جو فوج جي ڪن گروپن ۾ ڇڪو خاصو اثر رسوخ آهي، خاص ڪري آفيسرن ۾. شايد، جيڪڏهن صورتحال جيئن اڄ آهي ائين رهي ته پوءِ اسان هُن کي نظرانداز نه ڪري سگهون. ۽ اسان هن موقعي تي سندس معاملي کي سلجهائي به نه سگهون. هينئر هُو فوجي ٽولي جو دشمن آهن ۽ هن کان پوءِ به ڪيس پي ڪا راهه ڳولڻ جي چانس به ڪانهي سواءِ ان جي ته هُو فوجي ٽولي جو دشمن ٿي رهي.

ا-ف: اليڪاس، پر توهان اهو نه سمجهو ته ڪو پاپادوپولاس ان ڳالهه جي اجازت ڏيندو ته توهان سندس تختو اونڌو ڪري ڪيس کٽي ڦٽو ڪريو؟

ا-پ: يقيناً نه. پر هي ته ائين سمجهي ٿي ڪونه ٿو ته ڪو ڪيس معزول ٿي ڪري سگهجي ٿو، ۽ اها ٿي سندس ڀل آهي. ڇاڪاڻ ته گريس زرسٽنس هڪڙي حقيقت بنجي چڪي آهي. ماڻهو اُن ۾ شامل ٿي رهيا آهن، جيتوڻيڪ آهستي آهستي، پر سلسلو جاري آهي، مثال طور هڏي ڪري يڪا امريت کي نڪا ڇڻ. اسان سان شامل ٿين پيا. مڪيه ڪم جيڪو هاڻي سموري يونان جي سياسي ماڻهن کي ڪرڻو آهي سو هي ته مڪيه خواهش جي پورائي لاءِ پاڻ پتوڙن ۽ اهو ڪم ٿي پاپا ڊيپولاس کي سندس حڪومت کي قانوني طرح جائز قرار ڏيڻ ۾ ڪابه مدد نٿو ڪري. مون کي پڪ

آهي تہ ڪوبہ ذميوار سياست دان ھن رڀانڀي واريءَ ۾ حصو ڪونہ وٺندو. توهان کي اهو يقين ڪرڻ گهرجي تہ اسان ضرور هن کي ٽڏي ڇڏيندا سين. پاپا ڊوپولاس فرانڪو وانگر خانہ جنگيءَ مان آيو آهي. فرانڪو پاور ۾ آيو هو تہ سندس مخالفن ڏهوڻ تي هارايو هو. هن کي شڪست آئي هئي. باقي يورپ جمهوريت پسند ڪيڇسينو وانگر اسپين ڇڏي ويا هئا.

هتي صورتحال مختلف آهي. هتي ڪنهن کي بہ شڪست ڪانہ آئي. ڪنهن بہ ڏهوڻ تي ڪونہ هارايو. ۽ يونان جي ماڻهن کي آمريت مان جند ڇڏائڻي آهي تہ يوءِ ڪين اٽليءَ جي ماڻهن وانگر ننڊ ڪانہ ڪرڻي پوندي. ماڻهو هميشہ ستا رهڻ چاهين ٿا. معاملي تان هٽ ڪڍڻ چاهين ٿا. پر انهن کي جاڳائڻ ۾ ڪو گهڻو وقت ڪونہ ٿو لڳي. ڪير ٿو چاڻي! ڪهڙي خبر! ٿي سگهي ٿو مون مان سچائي گهڻجي وڃي يا جاڻ ۽ منطق پڻ. پر جيڪڏهن توهان منطق متعلق گهالهائڻ چاهيو ٿا، تہ آءٌ چوان ٿو منطق ڪڏهن ڪا تاريخ بہ ٿاهي آهي؟ جيڪڏهن منطق سان تاريخ ٺهي ها تہ يوءِ اطالوي مسوليني ڪي ائين مٿن ڪامياب ٿيڻ جي ڪڏهن بہ اجازت نہ ڏين ها، ۽ هٽلر ڪڏهن بہ وجود ۾ نہ اچي ها، ۽ پاپا ڊوپولاس ڪڏهن بہ پاور ۾ نہ اچي ها. هن جي هٽ ۾ فقط ڪي ٿورڙا ائيڪا جا

دستا هٿا ۽ ڪجهم دستا ميسيدونيا جا هٿا. ۽ جڏهن توهان سياست متعلق ڳالهايو ٿا ....

ا-ف: پر اليڪاس، توهان جو سياسي نظريو ڪهڙو آهي؟

ا-پ: آءٌ ڪميونسٽ نم آهيان، جيڪڏهن توهان اهو ئي چاڻڻ چاهيون ٿيون. آءٌ ڪميونسٽ ڪڏهن ب ٿسي نڏو سگهان. ڇو تہ آءٌ متن Dogmas کي رد ڪريان ٿو. جتي ب ڪو متو آهي تہ اتي آزادي ناهي، تنهنڪري متا مون لاءِ ڪونهن، پوءِ پلي مذهبي متا هجن توڙي سماجي ۽ سياسي. اهو چوندي منهنجي لاءِ انهن کي الڳ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ اهو چوڻ تہ آءٌ هين يا هٽن نظريئي سان تعلق رکان ٿو. آءٌ توهان کي فقط اهو بڌائي سگهان ٿو تہ آءٌ سوشلسٽ آهيان ـــ اسان جي دؤر ۾ اهو ئي مناسب آهي، آءٌ چوندس تہ سوشلسٽ ٿيڻ هڪڙي اٽٽر حقيقت آهي. پر جڏهن آءٌ سوشلزم بابت ڳالهايان ٿو تڏهن آءٌ آن سوشلزم متعلق ڳالهايان پيو. جيڪا هڪڙي مڪمل آزاد ملڪ ۾ هجي. جيڪڏهن آزادي ناهي تہ پوءِ سماجي انصاف ملي ئي نڏو سگهي. منهنجي اڳيان پئي نظريا ڳنڍيل ۽ هڪجهئي سان لاڳاپيل آهن.

۽ هي ئي سياست جو هڪڙو اهڙو قسم آهي جنهن ۾ آءٌ حصو وٺي سگهان ٿو، جيڪڏهن يونان ۾ فقط

جمهوريت آئي تہ، سياست جو اهو ئي اهڙو نمونو آهي جنهن سان آڳ هميشه وابستہ رهيو آهيان. آهي، جيڪڏهن آڳ ڪنهن جمهوري ملڪ ۾ رهندو هجان ها تہ سچ پچ مون کي سياست ۾ حصو وٺڻ لاءِ سوچڻ گهرجي ها. چاڪاڻ تہ هينئر آڳ چا پيو ڪريان يا هيستائين مون چا ڪيو آهي، اها سياست نہ آهي، اهو سياست سان هڪڙي قسم جو مذاق آهي ۽ آڳ ائين ڪرڻ چاهيان ٿو، ها، پر مون کي سياست سان تمام گهڻي محبت ہ آهي. جيڪڏهن سياست ۾ جمهوريت آهي تہ پوءِ آها سياست ايتري تہ خوبصورت هوندي آهي جيئن پيار جو جواب پيار سان ڏيڻ سان حُسن نکرندو آهي. ۽ اهو ئي منهنجو مسئلو آهي. توهان ڏٺو، کي ماڻهو سياست فقط اُن ماحول ۾ ڪن ٿا جڏهن ملڪ تي جنگ جا ڪڪر چانيل هوندا آهن، يعني ڊراماڻي ماحول ۾. کي ماڻهو سياست رڳو اُن ماحول ۾ ڪن ٿا جڏهن هر طرف مان ۽ امن هوندو آهي يعني عام حالتن ۾. ۽ خلاف توقع، منهنجو پوئين قسم جي سياست سان واسطو آهي. جيڪڏهن سيني شين Gari Baldi ۽ Cavour ۾ ورهائجي تہ پوءِ آڳ Cavour کي ترجيح ڏيندس. پر توهان کي سمجهڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ موقعي تي فوجي ٽولي پاور ورتو تہ پوءِ نہ آڳ ۽ نہ ئي منهنجا ساڻي سياست ڪندا. ۽ نہ تيستائين اسان خاموش رهنداسون جيستائين فوجي ٽولو ٽڏجي نٿو وڃي. اسان کي مان

نہ ڪرڻ گهرجي، اسان ائين ڪري ئي نٿا سگهيون، جيستائين اسان ڪي ڪا باعمل قوت ميسر نہ آهي. ۽ اِها باعمل قوت آهي مزاحمت جنهن جو نالو آهي جدوجهد.

ا ـ ف: اليڪاس، توهان چئو ٿا تہ خلاف توقع توهان Cavour ڪي ترجيح ڏيو ٿا. سچ پچ ائين آهي، ڇاڪاڻ تہ توهان جي سياسي شخصيت تہ مشهور ئي نڊهن ٿي آهي جڏهن توهان Gari Baldian وانگر قتل ڪرڻ واري ڪوشش ڪئي هئي. اليڪاس، ڪڏهن توهان آن ڏينهن لاءِ پڇتاءو آهي، جڏهن توهان آها ڪوشش ڪئي هئي؟

ا ـ پ: ڪڏهن بہ نہ. ۽ انهيءَ سبب لاءِ سون ڪڏهن بہ پڇتاءُ محسوس نہ ڪيو آهي. ڏسو نہ، جڏهن سون تي تشدد ڪيو پئي ويو تڏهن جيڪڏهن آڻ پڇتاءُ ظاهر ڪريان ها تہ پوءِ سون ڪي موت جي سزا ئي ڪانہ ڏيڻي وڃي ها. پر سون تڏهن بہ ائين نہ پڇتايو هو جيئن اڄ بہ نہ پڇائي رهيو آهيان. ڇاڪاڻ تہ سون پنهنجا ارادا ڪڏهن بہ نہ بدلايا آهن. ۽ آڻ مستقبل ۾ پڻ ارادا بدلائڻ بابت سوچي بہ نہ ٿو سگهان. پاپاڊوپولاس بغاوت جو ڏوهاري آهي ۽ ان ڪيترن اهڙن سنگين ڏوهن ۾ ملوث آهي، جن جي سزا منهنجي ملڪ ۾ موت آهي. سون هي عمل ڪنهن جنوني چريئي وانگر چرپائپ ۾ نہ ڪيو آهي. آڻ کو جنوني يا تعصبي

چريو نہ آهيان. مون ۽ منهنجي ساٿين انصاف جي
ڪل پرزن وانگر عمل ڪيو آهي. جڏهن ماڻهوءَ تي
ظلم جا پهاڙ ڪيرايا وڃن تڏهن هرهڪ شهريءَ جو
اهو فرض آهي ته هو ظالم کي نيست و نابود ڪري
صفحهءِ هستي تان مٽائي ڇڏي. پڇاڙ ڪرڻ جي ڪابہ
ضرورت ڪانهي ۽ اسان جي جدوجهد تيستائين جاري
رهندي، جيسين يوڻان ۾ انصاف ۽ آزاديءَ ٻيهر ٿا قائم
ٿين. مون، يا بهتر آهي اسان هڪڙو اهڙو رستو ڳولي
ڪڍيو آهي جنهن تان موڙ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي.

ا ـ ف: مون کي خبر آهي. ڇڪو الڪاس، هاڻي
توهان مون کي اُن منصوبي جي باري ۾ ٻڌايو جنهن
۾ توهان پاپادوپولاس کي قتل ڪيو؟

ا ـ پ: اهو منصوبو اول کان وٺي آخري تفصيلن
تائين تمام سوچي سمجهي تيار ڪيو ويو هو. مون
هرهڪ شيءِ بالڪل ڇڪيءَ جي سرنگهن جا بٽڻ دٻائڻا هئا جيڪي
پل کان ٻہ سئو ميٽر پري رکيل هيون. آهي مون پاڻ
ڏاهيون هيون. اهي ئي بهترين سرنگهون هيون، جن مان
هرهڪ ۾ پنج ڪلو ٽي-اين-ٽي (T.N.T) ۽ ڏيڍ ڪلو
هڪ ٻيو ڏاڪاخيز مادو سي-۳ (C.3) شامل هو. ٻئي
سرنگهون بلڪل صحيح جڳهہ تي رکيل هيون. مون
انهن کي هڪ ميٽر اونهون ڪڍو اُن نندڙي پل جي

ٻنهي ڇيڙن تي لڪائي رکيو هو، جنهن پل تان پاپاڊو پولاس جي ڪار سائونين ڪان سامونڊي ڪناري وارو رستو ڏيئي اٽينس ڏانهن ويندي لنگهي ها. ٽماڪي ڪي هڪ گول دائري ۾ ۴۵ ڊگرين تائين پکڙجڻو هو ۽ بن ميٽرن جي گولائيءَ وارو ڏرڙ ڪرڻو هو. هڪ ئي ٽماڪو ڪافي ٿئي ها، هڪڙيءَ ئي سرنگهه جي ٽماڪي سان نشانو تباهه ٿي وڃي ها، جيڪڏهن ڪا صحيح وقت تي اڇي ها.

پر غلطي منهنجي هڪڙي ساڻيءَ ڪان ٿي هئي، هُن اهو سامان ڪار جي پٺئين خاني ۾ رکيو هو جتي فيوز مُڙي ڏنگو ڦڏو ٿي ايترو تم خراب ٿي چڪو هو جو آءٌ ان مان فقط ۴۰ ميٽر ڪن سڏو ڪري استعمال ڪرڻ جهڙو ڪري سگهيس، حقيقت اِها آهي تم ايتري فاصلي تان بٽڻ دٻائڻ ناممڪن هو، چاڪاڻ تم آن هنڌ پاڻ کي لڪائڻ جي ڪابه جاءِ ڪانه هئي، فقط هڪڙي جاءِ هئي جتي آءٌ لڪي سگهيس ٿي ۽ سا پل ڪان فقط اڌن ڏهن ميٽرن جي فاصلي تي هئي. مون ڪي آتي ئي ڪوشش ڪرڻي هئي. انهيءَ هنڌان منصوبي تي عمل ڪرڻ سان نقصان ۽ خطرا آءٌ صاف طور ڏسي پئي سگهيس. جيڪا گهالهه بنهه ڏکي ٿي لڳي سا هيءَ تم آتان رستو آءٌ ڏسي نٿي سگهيس. حملي ڪرڻ ڪان اڳ مون کيترا ڀيرا آزمائش طور ڪوشش ڪري ڏٺي ۽ آخرڪار آن نتيجي تي پهتس تم جاءِ اها ئي مناسب

رهندي جيڪا ٻہ سؤ ميٽر پل کان پري هئي. ڇاکاڻ تہ سون ڏهن نشين ڪري ڇڏيو هو تہ جيڏي مهل ڪار پل ۽ منهنجي وچ تي پهتي ٿي تہ آڳ ان کي اڏولاڙو ڏسي سگهيس پئي ۽ انهيءَ موقعي تي آڳ بٽڻ دٻائي سگهيس ٿي. آن نئين جڳهہ کان سواءِ ٻئي هنڌان ڪٽان ٻہ آڳ رستي کي ڇڳيءَ طرح ڏسي نٿي سگهيس. ڇاکاڻ تہ ٻئي هنڌان سون کي ڪار تي حملي ڪرڻ مهل آها ڏسڻ ۾ ٿي ڪانہ ٿي آئي. ٻيو نقص هي هو تہ حملي ڪرڻ کان پوءِ اتان پڄي وڃڻ تقريباً ناممڪن هو. رستي تي هر ۵۰ يا ۱۰۰ ميٽرن بعد هڪ گشتي پوليس سپاهي بيٺل هو ۽ تنهن کان سواءِ ڪيترين پوليس جون ڪارون اڇي وڃي رهيون هيون. سواءِ هڪ جاءِ جي جيڪا فقط ۱۰ ميٽر پل کان پري هئي.

ا ـ ف: تنهنڪري توکي حملي ڪرڻ کان پوءِ اتان پڄڻ لاءِ سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻو هو؟

ا ـ پ: بلڪل ٺيڪ. هڪڙي تيز رفتار لانچ ۳۰۰ ميٽر پريان منهنجي لاءِ بلڪل تيار بيٺي هئي، پر آڳ بلڪل ڇڳي طرح ڏسي رهيو هوس تہ منهنجو پڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ نہ صرف اڻ ٿيڻو هو بلڪ بلڪل ئي ناممڪن هو. تنهن هوندي بہ سون منصوبي تي ٺيڪ طرح سان عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. سون فيوز ڏکايو ۽ پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيئي ڇڏيو. آڳ ٻهيءَ

۾ پاڻيءَ اندران ۲۵ کان ۳۰ ميٽرن تائين ترندو رهيس. تنهن کان پوءِ مون ساه کڻڻ لاءِ پاڻيءَ مان مٿو ٻاهر کڍيو. مون پڪ سان چاتو ٿي ته هنن مون کي ٽپو ڏيندي کونہ ڏٺو هو. فوجي هر طرف کان ڏماکي واري هنڌ ڏانهن ڊوڙندا پئي ويا. آڏ ٿورو اڳيرو ترندو رهيس ۽ پوءِ پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري آيس ته جيئن جلد ٽڪرن جي پڻيان ٻيڙي لانچ تائين پهچي سگهان. آڏ جهڪندو ڊوڙندو پئي ويس ته اوچتو مون لانچ کي روانو ٿيندي ڏٺو. منصوبي موجب ڏماکي کان پوءِ لانچ کي پنج منٽ منهنجو انتظار ڪرڻو هو پر آڏ انهي وقت اندر پهچي کونہ سگهس. پر پوءِ به آڏ ناميد کونہ ٿيس.

منصوبي ۾ ٻيو نعمل ابدل هي به هو ته جيڪڏهن آڏ موٽر لانچ تي پهچي نٿو سگهان يا اهڙا مون کي ڪٽڻ کان سواءِ هلي وڃي ته پوءِ آڏ پاڻ کي جبل ۾ رات جي پوئين پهر تائين لڪائي ڇڏيان. ۽ پوءِ آڏ جڏهن رات جي انڌيري ۾ جبان مان ٻاهر نڪران ته هنڌ هنڌ تي مون لاءِ ٻيڙي ڪارن مان ڪنهن هڪ تي چڙهي پڄي وڃان. جيتوڻيڪ اهو منهنجي لاءِ آرامده ڪم کونہ هو ۽ جيڪو ڪجهہ مون ڪيو هو سو ڇٽ ڪنهن وڏي مصيبت کان گهٽ نہ هو پر اهو اهو منهنجي لاءِ ڪو وڏو مسئلو کونہ هو. تنهنڪري آڏ اتي هڪڙي غار ۾ ٻن ڪلاڪن تائين لڪو ويٺو

رهيس. انهن ۾ ڪلاڪن ۾ ملٽري پوليس ۽ ساموندي ڪناري واري پوليس مون کي ڪک ڪک ڪندي گهوليندي رهي. پر انهن ۾ ڪلاڪن دوران ڇڻ مون کي زمين گهيهي ويئي ۽ آءٌ نظرن کان ائين غائب ٿي ويس جو هو مون کي گهولي ڪونه سگهيا ۽ هو ڪڏهن به مون کي گهولي ڪونه سگهن ها.

ان کان پوءِ هڪڙي اهڙي گهالهه تي پئي، جنهن کي آءٌ فقط تقدير ئي چئي سگهان ٿو. آن غار جي مٿان جنهن ۾ آءٌ لڪو ويٺو هوس، هڪ پوليس آفيسر بيٺو هو. مون هُن کي ائين چوندي ٻڌو "هيتي هُو ڪونهي، هلو تم هڪي هُنن پوٺن ۾ کيس گهوليون، نه تم پوءِ وري ٻئي پاسي هلي ٿا گهوليون." پر جيئن ئي ٻئي پاسي وڃڻ لاءِ هُو پوئتي موڙيو ٿي، تيئن سندس پير ترکي ويو ۽ هُن بلڪل منهنجي اکيان اڳيان ڦهڪو ڪيو. هُن مون کي ڇڪيءَ طرح جانچي ڏٺو ۽ هڪ پل ۾ اتي موجود سمورا سپاهي مون تي چڙهي ويا. ڏوٺشن ۽ مڪن جو وارو وار لاهي ڏنائون. پڇيائون ٿي "تون ڪير آهين؟ ٻيا ڪٿي آهن؟ موٽر لانچ ۾ ڪير پڄي ويو؟ گهالهاءِ، گهالهاءِ!" ۽ ڏونشا .... مڪون .... ٿڏا .... مون ماڳهي گونگو ٿيڻ جو ڪٿي ڊونگ ڪيو ۽ انهن جي ڪنهن به سوال جو جواب ڪونه ڏنو. تنهن ڏان پوءِ هو مون کي رستي تي وٺي آيا ۽ آٿي ڪٿي هڪڙي ڪار ۾ ويهاريائون ۽ .....

ا-ف: جيڪڏهن اڳتي نه ٻڌائڻ چاهين ته نه ٻڌاءِ. بس اهو ئي ڪافي آهي.

ا-پ: ڇو؟ ڪار ۾ مون سان گڏ پيڪ سڪيورٽي جو وزير جنرل زيور لڪاس ۽ ڪرنل ليڊاس به ويٺل هئا. هڪڙو آفيسر جيڪو مون کي ڪجهه وقت کان سڃاڻندو هو، تنهن چيو "هي پانا گولس آهي!" پر پين ويٺلن سمجهيو ته آڳ منهنجو پاڻ ڪئپٽن جارج پانا گولس آهيان، جنهن کي هو ۱۹۶۷ع کان وڃي گهوليو رهيا هئا. هُنن وڃي رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون: "ڪئپٽن، اسان توکي مس مس گهوليو لڏو آهي. هاڻي اسان توکي قتل ڪري ڇڏينداسين." پنهنجي غلطي درست ڪري مون کي سڃاڻڻ ۾ هنن کي ٻيا ٻه ٽيهه ڪلاڪ لڳي ويا. انهن ٽيهن ڪلاڪن دوران هنن مون تي پچاڳاچا جا جيڪي طريقا استعمال ڪيا سي بلڪل وحشيانه ۽ غيرمعروف هئا. هنن مون کي چيو ته "اسان اليگزينڊر کي سلونيڪا ۾ گرفتار ڪيو آهي ۽ هن وقت اليگزينڊر ۽ ٽ توکان وڌيڪ اذيتون سهي رهيو آهي." هُنن مون کان انهن آفيسرن جي متعلق پڇيو، جن کي آڳ بنهه ڪونه سڃاڻندو هوس. مثال طور هنن مون کان جنرل اينجلز لاءِ پڇيو، جيڪو اُن وقت هٿياربند فوجن جو ڪمانڊر انچيف هو. هُنن اهو پڻ ڄاڻڻ ٿي چاهيو ته هُو به هن منصوبي ۾ شامل هو يا نه. اهو ڄاڻڻ

لاءِ هنن مون تي تشدد بہ ڪيو. هنن خوف ۽ هراس پکيڙي مون سان ڏاڍيون جنيون ڪيون. پر بهرحال، سندن پچا ڳاچا جو طريقو باقاعده هو ــــ هنن آهستي آهستي تشدد پئي وڌايو. پوءِ آخرڪار جڏهن ڪين خبر پيئي تہ آءٌ جارج نہ بلڪ اليگزينڊر آهيان تہ هنن مون تي تشدد وڌائي ڇڏيو.

ا ـ ف: اليڪاس، هاڻي گذريءَ بابت گهڻو نہ سوچ. واقعي اهڙو هڪڙو دهشتناڪ داستان ڇڻي سگهجي ٿو، پر توهان جي لاءِ فقط اهو ئي هڪڙو مناسب رستو هو، جيڪو توهان اختيار ڪيو، چاڪاڻ تہ اڄ توهان هڪ علامت آهيو، هڪڙي اهڙي علامت جنهن کي دشمن بہ عزت ۽ احترام جي نگاه سان ڏسن ٿا.

ا ـ پ: توهان مون کي ائين پيون پيش ڪريو جڻ ڪو چوندو هجي: "اليڪاس، توهان هڪ هيرو آهيو!" پر آءٌ هيرو نہ آهيان. آءٌ هڪڙي هيري جيان پاڻ کي محسوس بہ نٿو ڪريان. آءٌ ڪو اڳواڻ نہ آهيان ۽ نہ ئي اڳواڻ ٿڻ چاهيان ٿو. ۽ هِن شهرت تہ بنهہ مون کي منجهائي وڌو آهي، اِها مون کي پريشان ڪري ٿي. مون توکي پهريائين بہ ٻڌايو آهي تہ: آءٌ پهريون يوناني نہ آهيان جنهن جيل جون اذيتون پوگهيون آهن. آءٌ قسم سان توهان کي يقين ڏيارڻ چاهيان ٿو تہ جڏهن آءٌ سوچيان ٿو تڏهن هيءَ مشهوري منهنجي اوتري

مدد ڪري ٿي جيتري موت جي سزا ٻڌڻ سهل سون خوشي محسوس ڪئي هئي. تنهنڪري آءٌ اُن شهرت کي ايتري ئي لاتعلقي سان قبول ڪريان ٿو جيتري لاتعلقيءَ سان سون منهنجي موت جو حڪم قبول ڪيو هو. پر اُن کان ٻہ وڌيڪ تہ هيءَ شهرت منهنجي بيآراميءَ جو سبب بنيل آهي. اِها منهنجي خوشيءَ جو ڪارڻ نہ آهي. جڏهن توهان سڀ سون کان پڇو تا "البڪاس، توهان هاڻي ڇا ڪندؤ؟" تڏهن سون تي بيهوشي طاري ٿي وڃي ٿي. سون کي ڇا ڪرڻ گهرجي، جيڪو توهان کي ناراض نہ ڪري؟ آءٌ توهان سڀني کي ناراض ڪرڻ کان ڈاڍو ڊڄان ٿو، جيڪي سون ۽ تمام گهڻيون اميدون رکيو ويٺا آهيو! آه، ڪاڏو نہ سڏو ٿئي جو توهان سڀ سون کي ڏسڻ ۽ ڪامياب ٿي وڃو تہ آءٌ هيرو نہ آهيان! توهان سڀ اهو ڏسڻ ۽ ڪامياب ٿي وڃو تہ آءٌ فقط هڪڙو ماڻهو آهيان!

ا-ف: البڪاس، ماڻهو هجڻ مان توهان جي مراد ڪهڙي آهي؟

ا-پ: ماڻهوءَ جو مطلب آهي تہ اُن ۽ همت هجي، هٿن کي پنهنجو مقام هجي. ماڻهوءَ جو مطلب تہ کين انسانيت ۽ اعتبار هجي. ماڻهوءَ جو مطلب آهي پيار ڪرڻ پر پيار کي مقصد جي راهہ ۽ رڪاوٽ نہ ٿيڻ ڏيڻ. ماڻهوءَ جو مطلب آهي جدوجهد ڪرڻ ۽ سوچ

ڪٽڻ، ڏسو، ماڻهوءَ جو سڀ کان تقريباً اهو ئي آهي جيڪو ڪپلنگ Kipling پنهنجي نظم بعنوان "جيڪڏهن" ۾ چيو آهي. چڱو پلا توهان جي اڳيان ماڻهوءَ جو مطلب ڇا آهي؟

ا ـ ف: آءٌ ايترو ئي چوندس تہ "ماڻهو آهو ئي آهي جيڪو ڪجهہ توهان آهيو، اليڪاس!"

ايٿنس، سيپٽمبر ۱۹۷۳ع

عظمت ادبي اڪيڈمي

چپرايل ڪتاب

١-	اگهاڙي	عمر ميمڻ	ختم
٢-	عشق	" "	"
٣-	قرب جا ناتا	" "	"
٤*	قيدياڻيءَ جي ڊائري (ٽيون چاپو)	اختر بلوچ	٩٠٠-
٥-	پيار ۽ پاپ	موهن ڪلپنا	ختم
٦-	پوڙهو ۽ سمنڊ	عمر ميمڻ	"
٧-	جنم قيدي	يوسف بلوچ	"
٨-	جنگ ۽ انسان	عمر ميمڻ	"
٩-	جي ماريا نم موت	تنوير عباسي	"
١٠-	ڏراڻن جا ڏڪ	ادارو تحريڪ	"
١١-	جنس، پيار ۽ شادي	عمر ميمڻ	"
١٢-	ڳالهيون ڳنوارن جون	ادارو تحريڪ	"
١٣-	پريت پراڻي ريت نرالي	سندري اتمچنداڻي	"
١٤*	سنڌي هوليءَ کي للڪار (ٻيو چاپو)	ادارو ملير	٦٠٠-
١٥*	ان داتا (ٻيو چاپو)	عمر ميمڻ	٦٠٠-
١٦-	ويڙهاڪ ڪهاڻيون	ادارو تحريڪ	ختم
١٧*	پيار پيار پيڙا پيڙا	سندري اتمچنداڻي	١٠٠٠-
١٨*	تو جنين جي تات	سندري اتمچنداڻي	١١٠٠-
١٩-	لڳ منهنجا لوهم	محبوب راهوجو	ختم

۲۰* بي اولاد	عمر ميمڻ	۵-۰۰
۲۱* ڪرندڙ ديوارون	سندري آتمچنداڻي	۱۲-۰۰
۲۲* رام محمد ڊيسوزا	عمر ميمڻ	۱۲-۰۰
۲۳- علم تدريس، مظلومن لاءِ	م. ا. جويو	ختم
۲۴- جڏهن جهوڪ جهريو	رشيد پٽي	〃
۲۵* اڻو لٽو ۽ اجهو (ٻيو چاپو)	عمر ميمڻ	۱۶-۰۰
۲۶* مائو جا قول (ٻيو چاپو)	لکانو ڀهراڻي	۲۰-۰۰
۲۷* چين ۾ قومي سوال	عمر ميمڻ	۱۶-۰۰
۲۸* تاريخ جا آهي	〃 〃	۱۲-۰۰
۲۹* سچ جو فلسفو	رشيد پٽي	۱۸-۰۰
۳۰* ڪهڪري جا مضمون	م. ا. جويو	۲۵-۰۰
۳۱- سون ورڻي ڏرتي	عمر ميمڻ	۲۰-۰۰
۳۲* انقلابي شاهراهم	گوبند مالهي	۱۰-۰۰
۳۳- چڪين جي چيت ڪري	سڪندر عباسي	۲۲-۰۰
۳۴* ويرين جي وسندي	رشيد پٽي	۳۴-۰۰
۳۵* تضاد بابت	رشيد پٽي	۱۰-۰۰
۳۶* پنڌ اڻانگا پب جا	پرويز	۱۰-۰۰

عظمت ادبي اڪيڊمي

نشان لڳل ڪتاب موجود آهن

روم نمبر 13 نظام لاج
لڳ سردار پريس، گاڏي ڪاتو
حيدرآباد

اپيل

عظمت ادبي اڪيڈميءَ جا ڪتاب، اداري جي آفيس مان خريد ڪرڻ تي اسين پنهنجي معزز خريدارن کي 30% رعايت ڏيندا سون، جي توهين چاهيو ٿا تہ اداري جا فڪري ۽ نظرياتي ڪتاب، رعايتي قيمت تي حاصل ڪريون تہ هڪ دفعو اداري جي آفيس ۾ اچو ۽ پنهنجي پسند جا ڪتاب خريد ڪري وڃو. اسين دوستن کي ٽپال رستي ڪتاب گهرائڻ تي بہ رعايت ڏيون ٿا جيڪا 75 رپين جا ڪتاب گهرائڻ تي 20%، 100 روپين تي 25%، ۽ 200 روپين تي 30% هجي ٿي. اسين پنهنجن گهٽگهرن کي اپيل ٿا ڪريون تہ اسان سان تعاون ڪن ۽ اداري جا ڪتاب وڌ ۾ وڌ، پاڻ بہ وڃن ۽ پنهنجن دوستن کي بہ ترغيب ڏين تہ اهي اسان جا ڇپرايل ڪتاب وڃن. سنڌ جي ڪن مخصوص شهرن ۾ اسان جا ڪتاب توهان کي ملي سگهن ٿا، تن جي ايڊريس هيٺ ڏجي ٿي، جي توهان جي شهر ۾ اداري جا ڪتاب موجود نہ آهن تہ يا تہ حيدرآباد مان اچي اداري جي آفيس مان خريد ڪريو يا خط لکي ٽپال رستي گهرائي وڃو، ائين توهان کي زبردست رعايت بہ ملي ويندي.

پڑهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڑهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٹـن جا پَـنَ ساوا، گاڙهـا، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ہيـن لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيـادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڈي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجِيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ہيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation

پَئن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي ته هو وَسَ پتاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڇاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڇاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ ِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ ِ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)